ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) سومر 26 آڪٽوبر 2026ع 14 جمادي الاول 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيا شمارو (72)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

مڪي ۽ مديني تي حوثي حملا برداشت نه ڪبا، مسلم دنيا کي گڏيل ۽ مضبوط موقف اختيار ڪرڻ گهرجي: او آءِ سي

عرفات جي ميدان جي ويجهو وادي مغمس کي نشانو بڻائڻ واضح طور تي ثابت ڪري ٿو ته حوثي انتهاپسندن کي اسلامي مقدس هنڌن ۽ علم ملڻهن جي حفاظت جو ڪو به احترام ناهي: سيڪريٽري جنرل

مڪي، مديني، طائف ۽ جده سميت ٻين هنڌن تي حوثين پاران ڪيل بزدلانه حملا ناقابل قبول ۽ بين الاقوامي قانون جي ڀڃڪڙي آهن. اهڙا حملا خطي جي امن کي خطرو آهن

اسلامي مقدس هنڌن جي بي حرمتي پوري مسلم امت تي حملو آهي. مقدس هنڌن جي حفاظت هر مسلمان جي ذميواري آهي ۽ ان جي خلاف ڪنهن به قسم جي رواداري قبول نه آهي

مسلم ملڪن کي حوثي باغين ۽ انتهاپسندن جي خلاف هڪ متحد مضبوط ۽ ذميوار موقف اختيار ڪرڻ گهرجي جيئن مجرمانه سرگرمين کي مؤثر طريقي سان دٻائي سگهجي

عالمي برادري کي اسلامي مقدس هنڌن تي ٿيندڙ حملن جي خلاف فوري ۽ ٺوس ڪارروائي ڪرڻ گهرجي ۽ انهن حملن جي ذميوارن کي بين الاقوامي سطح تي جوابده قرار ڏنو وڃي

اسلامي تعاون تنظيم، سعودي عرب سان مڪمل يڪجهتيءَ جو اظهار ڪندي ملڪي سلامتي، خودمختياري ۽ علائقائي سالميت جي حفاظت لاءِ ڀرپور سهڪار ۽ تعاون جاري رکندي: اسماعيل بن شيخ احمد

رياض (م ڊ) او آءِ سي جي سيڪريٽري جنرل حوثي انتهاپسندن پاران مڪي ۽ مديني تي ٿيندڙ خوفناڪ حملن جي سخت مذمت ڪئي آهي ۽ چيو آهي ته مسلم دنيا کي حوثي باغين کي دٻائڻ لاءِ مضبوط موقف اختيار ڪرڻ گهرجي ايڪسپريس نيوز جي مطابق، اسلامي تعاون تنظيم جي سيڪريٽري جنرل اسماعيل بن شيخ احمد ۽ حوثين پاران اسلامي مقدس هنڌن جي بي حرمتي جي مذمت ڪئي آهي ميدان عرفات جي ويجهو وادي مغمس کي نشانو بڻائڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2



دوحا: وفاقي وزير جام ڪمال ۽ قطري پرڏيهي وزير ٽاسڪ فورس اجلاس جي منٽس تي صحيحون ڪندي

ٽار ملڪن سان واپاري خساري ۾ پهرين ٽه ماهي دوران 26.35 سيڪڙو گهٽتائي، ڳاٽيٽو 2.85 ارب ڊالر رهيو

اسلام آباد(اي پي پي) پاڪستان جي ٽار

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

وچ ايشيا جي ملڪن کي ڪيل روانگي واپار ۾ جاري مالي سال جي پهرين ٽه ماهي دوران 11 سيڪڙو اضافو رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) وچ ايشيا جي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ قطر پاران واپار ۽ سيڙپڪاري ۾ تعاون لاءِ نوان رستا ڳولهڻ تي غور

واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان ۽ قطر جي پرڏيهي واپار واري مملڪتي وزير ڊاڪٽر احمد بن محمد السيد گڏيل اجلاس جي صدارت ڪئي

جوائنٽ ٽاسڪ فورس جي سيڪريٽريٽ طور ڪم ڪندڙ اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽيشن ڪائونسل پاڪستان پاران اجلاس جي معاملن کي مربوط ڪيو ويو

سيڙپڪاري جي راهه هموار ڪرڻ ۽ ترجيحي اقتصادي شعبن ۾ تعاون کي هٿي ڏيڻ جي قدمن تي ڳالهيون ڪيون ويون

پاڪستان قطر کي جديد زراعت، اناج ذخيرو ڪرڻ جي سهولت، اناج جا وڏا گودام، ڪولڊ اسٽوريج ۾ سيڙپڪاري جي دعوت ڏني

اسلام آباد (اي پي پي) واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان ۽ قطر جي پرڏيهي واپار واري مملڪتي وزير ڊاڪٽر احمد بن محمد السيد دوحه ۾ واپار ۽ سيڙپڪاري

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جو ڪويت ۽ قطر سان واپاري خسارو هلندڙ مالي سال جي شروعاتي 3 مهينن دوران گهٽجي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان جي ڪويت ۽ قطر سان ڪيل واپار جو خسارو هلندڙ مالي سال جي شروعاتي 3 مهينن

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

پاڪستاني سفارتخاني جي باڪو انٽرنيشنل بڪ فيئر ۾ شرڪت

بڪ فائونڊيشن جي شراڪت سان ناليوارن اديبن جي ڪم جي نمائش ڪئي وئي

ماڻهن کي پاڪستان جي علمي، ادبي ۽ ثقافتي ورثي بابت آگاهي جو موقعو مليو

باڪو (اي پي پي) آذربائيجان جي گادي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

عالمي برادري فلسطين جي تحفظ لاءِ اسرائيل تي دٻاءُ وجهي،فلسطيني اٿارٽي

والاريل بيت المقدس(اي پي پي) فلسطين اٿارٽي عالمي برادري کان مطالبو ڪيو آهي ته هو فلسطينين جي تحفظ لاءِ اسرائيل

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ملڪ جي پنج لک شاگردن کي ڪروم بڪ ۽ انٽرنيٽ ڏيڻ جو تاريخي آغاز، قابليت غربت جي محتاج ناهي: وزيراعظم

ذهانت ۽ قابليت کي غربت يا دولت تائين محدود نه رکڻ گهرجي. هن زور ڏنو ته باصلاحيت شاگردن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ حڪومت هڪ عظيم سفر تي نڪري رهي آهي

اسان جو مقصد آهي ته هر قابليت رکندڙ ٻار پنهنجي صلاحيتن مطابق اڳتي وڌي سگهي. وسيلن جي کوٽ ڪنهن به باصلاحيت نوجوان جي ترقي ۾ رڪاوٽ نه بڻجڻ گهرجي

ملڪ جي اسڪولن ۽ مدرسن جي پنج لک باصلاحيت شاگردن کي جديد تعليمي سهولتن سان ليس ڪرڻ ڪروم بڪ، ڪتابن جا بيگ ۽ انٽرنيٽ جي سهولت فراهم ڪئي ويندي

درخواست ۾ ڪنهن به قسم جي سفارش، دولت يا سماجي حيثيت جو ڪو به ڪردار ناهي، اهڙي شفاف طريقيڪار سان ئي حقيقي باصلاحيت شاگردن کي اڳتي وڌڻ جو موقعو ملندو

ماضيءَ ۾ نواز شريف جي قيادت ۾ (ن) ليگ جي حڪومت دوران ملڪ جي ڇهه لک نوجوانن کي قابليت ۽ صلاحيت جي بنياد تي ليپ ٽاپ ڏنا ويا هئا. اهو سلسلو اڳتي وڌايو پيو وڃي

حڪومت جو مقصد نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ گهربل وسيلا فراهم ڪرڻ آهي، جئين قابل ۽ ذهين شاگرد پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن: افتتاحي تقريب کي خطاب

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سڄي ملڪ جي سرڪاري اسڪولن ۽ مدرسن جي پنج لک شاگردن کي ڪروم بڪس جي فراهمي جاري ڪندي چيو آهي ته جديد دور جي گهرجن سان هم آهنگ ٿي اهي شاگرد ۽

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف شاگردن کي ڪروم بڪس جي فراهمي واري منصوبي جو افتتاح ڪندي

پاڪستان جي اهم ريٽنگز هائي مستحڪم آئوٽ لڪ سان وسيع تر بي ڪيٽيگري ۾ واپس اچي وئي آهي،خرم شهزاد

ميڪرو اڪنامڪ استحڪام جي بحالي جا وسيع ترقي مقصد اهڙيون حالتون پيدا ڪرڻ آهي جنهن ۾ ڪاروبار وڌيڪ سيڙپڪاري ڪري سگهي

ورلڊ بئنڪ ۽ آءِ ايم ايف جي سالياني اجلاس جي موقعي تي فچ، موڊيز ۽ ايس اينڊ پي سان مختلف اهم معاملن تي اسان جون ڳالهيون ٿيون

اهم معدنيات ۽ هوا بازي کان وٺي، واپار، ٽيڪنالاجي، توانائي ۽ غذائي تحفظ تائين جا موقعا موجود آهن

گروپ-24 ذريعي ترقي پذير ۽ ايمرجنگ مارڪيٽن جون معيشتون عالمي مالياتي ۽ ترقياتي معاملن تي پنهنجي پوزيشن کي مربوط ڪن ٿيون

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي واري وفاقي وزير جي صلاحڪار خرم شهزاد چيو آهي ته پاڪستان جي اهم ريٽنگز هائي مستحڪم آئوٽ لڪ سان وسيع تر بي ڪيٽيگري ۾ واپس اچي وئي آهي، ميڪرو

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ايف -9 پارڪ اسلام آباد ۾ رهندڙ ماڻهن جو دل ۾ خاص مقام آهي،محسن نقوي

اها ڳالهه بلڪل واضح ڪرڻ چاهيان ٿو ته هتي هڪ به وڻ نه ڪٽيو ويندو

واحد مقصد ايف - 9 پارڪ کي وڌيڪ سرسبز، محفوظ ۽ خوبصورت بڻائڻ آهي

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

حرمين شريفين مسلمانن جي ريڊ لائين آهي؛طاهر محمود اشرفي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان علماءِ ڪائونسل جي چيئرمين ۽ انٽرنيشنل حرمين شريفين ڪائونسل جي جنرل

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم محمد اسحاق ڊار سان چين جي سفير جي ملاقات،علائقائي اڳڀرائي تي خيالن جي ڏي وٺ

نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير پاڪستان ۽ چين جي هر موسم ۾ آزمايل اسٽريٽجڪ سهڪار تي ٻڌل شراڪتداري ۾ مسلسل اڳڀرائي کي ساراهيو

ٻڌل شراڪتداري ۾ سي پيڪ تحت سهڪار، رابطي، واپار ۽ سيڙپڪاري، زرعي جديد ڪاري ۽ عوامي سطح تي اچ وڃ شامل آهي

علائقائي اڳڀرائي تي خيالن جي ڏي وٺ ۽ خطي ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام لاءِ ڳالهين ۽ سفارتڪاري جي اهميت تي زور ڀريو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان عوامي جمهوريه چين جي سفير جيانگ زائدونگ ملاقات ڪئي جنهن دوران علائقائي اڳڀرائي بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي آڄر تي پرڏيهي آفيس جي ترجمان جي بيان مطابق نائب وزيراعظم ۽

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چين جي سفير جيانگ زيدونگ سان ملاقات ڪندي

پيپلز پارٽي ڪراچي جي سڀ کان وڏي سياسي جماعت آهي، ايم ڪيو ايم نفرت پکيڙي پئي؛ سعيد غني

هاڻ ٻوليءَ جي بنياد تي ماڻهن کي قتل نٿو ڪيو وڃي، اسٽريٽ ڪرائم شهر جو هڪ اهم مسئلو آهي

ايم ڪيو ايم وٽ اهڙو ڪو ماضي يا حال ناهي، جو عوام کان ووٽ گهري، تنهن ڪري نفرت پکيڙي پئي

جماعت اسلامي به مذهبي سڃاڻپ جي آڙ مان نڪري ايم ڪيو ايم وانگر لساني سياست ڪرڻ لڳي آهي

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ واري صوبائي وزير سعيد غني چيو آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي بلاشڪ ڪراچي جي سڀ کان وڏي سياسي جماعت آهي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي، فتنه الخوارج جو اهم ڪمانڊر مارجي ويو

قلعي سيف الله ۾ ڪارروائي دوران فتنه الخوارج جو دهشتگرد اڳواڻ عادل شاهه عرف درويش مارجي ويو

مارجي ويل دهشتگرد ٻاهرين علائقن کان آيل دهشتگردن کي ژوب، شيراني ۽ شعبان ۾ رهائش مهيا ڪرڻ ۾ مدد ڪندو هو

حڪومت طرفان سندس گرفتاريءَ ۾ مدد ڏيڻ لاءِ 25 لک رپيا انعام مقرر ڪيو ويو هو

ڪوئيٽا (م ڊ) بلوچستان جي ضلعي قلعي سيف الله ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي دوران فتنه الخوارج جو دهشتگرد

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

نوشهرو: ڪي پي ڪي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي پرويز خٽڪ سان ملاقات ڪندي

ڪيوبا ۾ بجلي جي گهٽتائي تي ضابطو آڻڻ لاءِ ڊي لائٽ سيونگ ٽائيم سسٽم ۾ 7 نومبر 2027ع تائين توسيع

هوانا (اي پي پي) ڪيوبا چيو آهي ته هو

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

صدر آصف زرداري پاران نائيڪ سيف علي جنجوعه شهيد جي 78هين ورسي تي خراج عقيدت پيش

اسلام آباد(اي پي پي) صدر مملڪت

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

LAUNCH OF
Prime Minister's youth
Chromebook Scheme
Prime Minister's Youth Programme
SPONSORED BY: TT CARE FOUNDATION
500000
ريفربشڈ کروم بُکس
بیگ اور مائی فائی ڈیوائسز
بمع ایک سال کیلئے فری انٹرنیٹ
آزاد جموں و کشمیر اور گلگت بلتستان سمیت چاروں صوبوں کے سرکاری سکولوں اور مدارس میں زیرِتعلیم
اعلی کارکردگی کے ساتھ نویں جماعت پاس کرنیوالے طلباء و طالبات کیلئے
وزیراعظم کے ڈیجیٹل پاکستان وژن کی تکمیل کی جانب عملی اقدام
سٹوڈنٹس کیلئے 5 لاکھ مائی فائی ڈیوائسز 25 لاکھ پاکستانیوں کی انٹرنیٹ تک رسائی
PID (I) 3786-D/26
وزارت اطلاعات و نشریات حکومت پاکستان
وزارتِ وفاقی تعلیم و پیشہ ورانہ تربیت حکومت پاکستان
Prime Minister's Youth Programme
Sponsored by: TT CARE FOUNDATION
/pmsyouthprogram
pmyp.gov.pk

بقايا | 1 | روزاني عبرت

شاگردياڻيون پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندا. قوم جي نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ جيتري قدر وسيلا گهربل هجن اهي فراهم ڪنداسين تعليم هڪ اهڙي دولت آهي جيڪا چوري نٿي ڪري سگهجي، تعليم انسان کي معاشري ۾ ممتاز بڻائي ٿي. ٻن سالن ۾ پنج لک شاگردن تائين اهي ڪروم بڪس پهچائينداسين. اڄ تي هتي ڪنوينشن سينٽر اسلام آباد ۾ سڄي ملڪ جي اسڪولن ۽ مدرسن جي پنج لک شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ڪروم بڪس ۽ انٽرنيٽ جي فراهمي جاري ڪرڻ واري موقعي تي خطاب ڪندي هن چيو ته تقريب ۾ پرڏيهي مهمان به موجود آهن جن جي آجيان ڪيون ٿا، جيڪي نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ واري هن تقريب ۾ شريڪ ٿيا آهن. وزيراعظم چيو ته صرف ۽ صرف قابليت ۽ محنت جي بنياد تي تعليمي ادارن ۽ مدرسن جي شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ اهي ڪروم بڪس ورهايا پيا وڃن. ان سان گڏوگڏ کين ڪروم بڪس ۽ ڪتابن لاءِ بيگ ۽ انٽرنيٽ وائي فاءِ به ڏنو پيو وڃي ته گهر اندر ويهي به هو اي لائبريري مان فائدو حاصل ڪري سگهن ۽ دنيا مان جيڪي چاهين علم حاصل ڪرڻ لاءِ ان ڪروم بڪ ذريعي فائدو حاصل ڪري سگهندا. هن چيو ته اميد آهي ته ان جديد اوزار جي مدد سان هي شاگرد مشهور ۽ قابل ماڻهن ۾ شمار ٿيندا. وزيراعظم چيو ته ماضي ۾ مسلم ليگ (ن) جي حڪومتي دور ۾ نواز شريف جي قيادت ۾ گلگت بلتستان آزاد ڪشمير سميت سڄي ملڪ جي 6 لک نوجوانن کي قابليت ۽ ميرٽ جي بنياد ليپ ٽاپ ڏنا ويا. وزيراعظم چيو ته ان پروگرام سان مستحق ۽ يتيم ٻار فائدو کڻندا. چاڪاڻ ته ذهانت ۽ محنت ڪنهن عمارت يا غربت جي پابند نه هئڻ گهرجي. ان جو بنياد صرف ۽ صرف محنت هئڻ گهرجي. هن چيو ته ماضي ۾ 6 لک ليپ ٽاپ 10 سالن ۾ ورهايا ويا. هاڻي اهي ڪروم بڪس شاگردن کي ٻن سالن جي ٿوري وقت ۾ فراهم ڪيا ويندا. ان شاندار ڊيوائس عيوض اهي شاگرد ۽ شاگردياڻيون دنيا ۾ قابليت ۽ ذهانت ۾ ڪنهن کان به پوئتي نه هوندا. هن ٽوڪيو ڪيئر فائونڊيشن جي باني راشد منهاس ۽ سندس ٽيم جو ٿورو مڃيو جن انهن ٻارن لاءِ اهي ڪروم بڪس عطيو ڪيا. وزيراعظم چيو ته انهن عطيئن مان ثابت ٿئي ٿو ته سمنڊ پار پاڪستانين کي جيڪي ڏينهن رات محنت ڪري پاڪستان جو نالو بلند ڪري رهيا آهن انهن کي پنهنجي ٻارن جي قابليت ۽ ذهانت جو احساس ۽ پاڪستان حڪومت تي اعتماد آهي. جنهن تي هو مان سندن ٿورائتو آهيان. هن چيو ته هاڻي ڪجهه ڏينهن اڳ اسان اسلام آباد ۾ دانش اسڪول جو افتتاح ڪيو سڄي ملڪ ۾ هن وقت 27 دانش اسڪول تعمير هيٺ آهن اهي اهي اسڪول معياري تعليم جي حوالي سان نمايان مقام رکن ٿا، تدريس، استادن جي حوالي سان اهي ادارا مشهور هوندا جتي ڪلاس روم ۾ سمارٽ بورڊ ۽ اسڪولن ۾ اي لائبريريز جي سهولت هوندي تعليم سان گڏوگڏ کين غير نصابي سرگرمين لاءِ راند جي ميدانن سميت ٻيون سهولتون ميسر هونديون هتي ٻارن کي مفت ۾ بهترين رهائش ۽ کاڌو فراهم ڪيو پيو وڃي. وزيراعظم چيو ته ڪنهن به حڪومت جو اهو فرض آهي ته هو ان قوم جي ٻارن کي عظيم شهري بڻائڻ لاءِ انهن جي مدد ڪري، ان مقصد لاءِ جيترا به وسيلا گهربل هجن اهي ڪٽب آندا وڃن. وزيراعظم چيو ته اڳوڻي فاٽا سان تعلق رکندڙ شاگرد سيد شمس رضا هتي پنهنجو قصو ٻڌايو ته سندس والد کي شهيد ڪيو ويو شهيد جو هڪ پنهنجو مقام ۽ مرتبو آهي، ان جو واعدو ته قرآن ڪريم ۾ ڪيو ويو آهي ان يتيم ٻار کي حالتن جي هٿان ذليل ڪيو ويو هو ڪيئن انهن جو مقابلو ڪري ها پر ان جي همت، جستجو ۽ عزم ڏسي حوصلو ٿيو ته هو ڏکين حالتن باوجود محنت سان هڪ فخر جوڳو پاڪستاني بڻجڻ چاهي ٿو ۽ ملڪ ۽ قوم جي خدمت جو جذبو رکي ٿو اهڙي طرح گلگت بلتستان سان تعلق رکندڙ مدرسي ۾ تعليم پرائيندڙ عالم مهڪ صابر پراعتماد انداز ۾ هتي ڳالهايو آهي ان کان اڳ ماضي ۾ ليپ ٽاپ اسڪيم تحت اسان مدرسن جي ٻارن کي به اها سهولت ڏني هئي وزيراعظم چيو ته هاڻي پنج لک ٻارن کي ميرٽ ۽ قابليت جي بنياد تي اهي جديد اوزار ڏنا پيا وڃن اهي ڪروم بڪس انهن لاءِ باوقار روزگار جو وسيلو بڻجندا، ڪووڊ جي زماني ۾ اسان جن شاگردن کي ليپ ٽاپ ڏنا هو انهن جي تعليم لاءِ ڪارآمد ثابت ٿيا ۽ هو قابل ڊاڪٽر انجنيئر ۽ پروفيشنل بڻيا چاڪاڻ ته تعليم هڪ اهڙو زيور آهي جيڪو معاشري ۾ ممتاز بڻائي ٿو ان موقعي تي وزيراعظم يوٿ پروگرام جي چيئرمين رانا مشهود به خطاب ڪندي چيو ته وزيراعظم شهباز شريف جو اهو خواب رهيو آهي ته نوجوانن کي عزت ڏني وڃي، مستقبل جي معمارن جي حوصلا افزائي ڪئي وڃي. ٽي ٽي ڪيئر پاران پنج لک ڪروم بڪس جي فراهمي ڊجيٽل سهولت طرف اهم قدم آهي. وزيراعظم جي خاص هدايت تي ان سان انٽرنيٽ جي سهولت به ڏني پئي وڃي هڪ وائي فائي ڪنيڪشن سان پنج وڌيڪ ٻار فائدو کڻي سگهندا، اهڙي طرح ڪل 25 لک ٻار ان پروگرام مان فائدو کڻندا. ان موقعي تي ٽي ٽي ڪيئر فائونڊيشن جي چيئرمين راشد منهاس چيو ته نوجوانن کي پنهنجي ترجيحن ۾ نمايان مقام ڏيڻ تي وزيراعظم ۽ سندس ٽيم کي مبارڪون پيش ڪيان ٿو ٽي ٽي ڪيئر فائونڊيشن سرڪاري اسڪولن ۽ مدرسن جي شاگردن کي ڪروم بڪس جي فراهمي لاءِ مفاهمت جي يادداشت تي صحيحون ڪيون آهي، اسان کين ڊجيٽل دنيا سان گڏ بيٺل ڏسڻ چاهيون ٿا. ان موقعي تي وزيراعظم هوشيار شاگردن ۾ ڪروم بڪس به ورهايا. تقريب دوران اسلام آباد جي چست جي شاگردن کي سلامي ڏني جڏهن ته "پنج لک ڪروم بڪس، پنج لک خواب" جي نالي سان ٿيم سانگ به پيش ڪيو ويو

بقايا | 2 | روزاني عبرت

اڪنامڪ استحڪام جي بحالي جا وسيع ترقي مقصد اهڙيون حالتون پيدا ڪرڻ آهي جنهن ۾ ڪاروبار وڌيڪ سيڙپڪاري ڪري سگهي. روانگي واپار ڪندڙ مقابلو ڪري سگهن گهرائتا ماليات تائين پهچ حاصل ڪري سگهن ۽ نجي سيڪٽر پيداواري ترقي کي فنڊ ڏئي سگهي. گذريل ڏينهن شايع ٿيل پنهنجي هڪ مضمون ۾ خرم شهزاد چيو ته ورلڊ بئنڪ ۽ آءِ ايم ايف جي بنڪاڪ ۾ منعقد ساليانو اجلاس جي موقعي تي فچ، موڊيز ۽ ايس اينڊ پي سان اسان جون ڳالهيون مختلف اهم معاملن تي رهيون. هن چيو ته آءِ ايف سي ۽ ٻين پائيوارن سان اسان ڪاٺين معدنيات، زراعت، ڪولڊ چين هائوسنگ، ايس ايما ين فارما سيوٽيڪل پاڻي ۽ بجلي جي بنيادي ڍانچي ۾ نجي شعبي جي سيڙپڪاري بابت ڳالهيون ڪيون ٻه طرفه پائيواري جي حوالي سان هن چيو ته اهم معدنيات ۽ هوا بازي کان وٺي، واپار ٽيڪنالاجي توانائي ۽ غذائي تحفظ تائين جا موقعا موجود آهن هن لکيو آهي ته اسان جو پيغام سادو ۽ واضح هو ته پاڪستان امداد کان واپار ۽ سيڙپڪاري طرف وڌڻ چاهي ٿو. گڏيل قومن جي ڊپٽي سيڪريٽري جنرل آمنه جي محمد سان اسان جون مصروفيتون ۾ تازي آمريڪا ۽ ايران بحران دوران پاڪستان جي ثالثي جي ڪوششن کي خاص طور ساراهيو ويو علائقائي امن ۽ ان جا معاشي نتيجا ته ٻئين پائيوارن سان ڳالهين ۾ نمايان رهيا. پاڪستاني وفد جو بنڪاڪ جي دوري جي هڪ ٻي اهم وجه ها به هئي ته پاڪستان گروپ-24 جو ايندڙ چيئرمين آهي چاڪاڻ ته گروپ-24 ذريعي ترقي پذير ۽ ابرندڙ مارڪيٽن جون معيشتون عالمي مالياتي ۽ ترقياتي معاملن تي پنهنجي پوزيشن کي مربوط ڪن ٿيون هن ٻڌايو ته بنڪاڪ جي دوري دوران پاڪستان کي 2027ع لاءِ ورلڊ بئنڪ گروپ ۽ آءِ ايم ايف جي بورڊ آف گورنرز لاءِ چيئرمين طور تي باضابطا نامزد ڪيو ويو آهي جنهن ۾ اقتصادي معاملن وارو وفاقي وزير ۽ پاڪستان جي ورلڊ بئنڪ گروپ جي گورنر احد خان چيمه کي ان عهدي جي خدمتون انجام ڏيڻ لاءِ نامزد ڪيو ويو آهي. هن چيو ته پاڪستان جي حوالي سان عالمي رد عمل ۾ بهتري آئي آهي سيڙپڪار وڌيڪ گهري دلچسپي وٺي رهيا آهن

بقايا | 3 | روزاني عبرت

پرڏيهي وزير پاڪستان ۽ چين جي هر موسم ۾ آزمايل اسٽريٽجڪ سهڪار تي ٻڌل شراڪتداري ۾ مسلسل اڳڀرائي کي ساراهيو جنهن ۾ سي پيڪ تحت سهڪار رابطي واپار ۽ سيڙپڪاري، زرعي جديد ڪاري ۽ عوامي سطح تي اچ وڃ شامل آهي هن مستقبل ۾ پاڪستان ۽ چين جي گڏيل مستقبل کي اڳتي وڌائڻ لاءِ اعليٰ سطح جي اچ وڃ جي سلسلي جي اهميت تي زور ڀريو ان ملاقات ۾ علائقائي اڳڀرائي تي خيالن جي ڏي وٺ ۽ خطي ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام لاءِ ڳالهين ۽ سفارتڪاري جي اهميت تي زور ڀريو ويو

بقايا | 4 | روزاني عبرت

وفاقي وزير محسن نقوي چيو آهي ته ايف-9 پارڪ اسلام آباد ۾ رهندڙ هر ماڻهو جو دل ۾ هڪ خاص مقام آهي گهرو معاملن واري وفاقي وزير اڄ ڏينهن پنهنجي هڪ "ايڪس" پوسٽ ۾ چيو ته اها ڳالهه بلڪل واضح ڪرڻ چاهيان ٿو ته هتي هڪ به وڻ نه ڪٽيو ويندو ان ڳالهه جي سئو سيڪڙو ضمانت آهي هن چيو ته پارڪ ۾ ڪنڪريٽ جو ڪو نئون ڍانچو تعمير نه ڪيو ويندو ان جي ابتڙ اسان هتي بهتر روشني جو انتظام هڪ خوبصورت ڊِني، ڪافي شاپس پنڌ هلڻ لاءِ رستا ۽ هزارين وڌيڪ وڻ لڳائڻ جو منصوبو بڻائي رهيا آهيون. محسن نقوي چيو ته اسان جو واحد مقصد ايف-9 پارڪ کي وڌيڪ سرسبز محفوظ ۽ خوبصورت بڻائڻ آهي ته جيئن اهي خاندان ۽ هتي ايندڙ ٻين ماڻهن لاءِ وڌيڪ خوشگوار جاءِ بڻجي سگهي

بقايا | 5 | روزاني عبرت

سيڪريٽري حافظ طاهر محمود اشرفي مڪ مڪرم ۽ مدينه منوره سان مليل بيلسٽڪ ميزائيل حملن جي اطلاعن تي شديد ڳڻتي ۽ مذمت جو اظهار ڪندي چيو آهي ته حرمين شريفين ٻه ارب مسلمانن جي ريڊ لائين آهي ان جي تقدس ۽ سلامتي تي حملي جي ڪا به ڪوشش قبول نه ڪئي ويندي اڄ تي جاري بيان ۾ هن چيو ته مسجد اقصيٰ کان پوءِ بيت الله ۽ مسجد نبوي صلي الله عليه وسلم کي نشانو بڻائڻ جي ڪنهن به ڪوشش خلاف پوري مسلمان امت گڏ هوندي حافظ محمد طاهر محمود اشرفي خادم الحرمين شريفين شاهه سلمان بن عبدالعزيز ۽ ولي عهد شهزاده محمد بن سلمان کان اسلامي تعاون تنظيم جي فوري هنگامي اجلاس گهرائڻ لاءِ قدمن جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل به فوري اجلاس گهرائي دهشتگردي جي انهن خطرن خلاف فيصلائتا قدم کڻي

بقايا | 6 | روزاني عبرت

سياست منافقت، دهشتگردي، دوکي ۽ قتل و غارت جو نالو ناهي پر سياست ماڻهن کي پاڻ ۾ جوڙڻ ۽ محبتون ورهائڻ جو نالو آهي هن چيو ته ڪراچي ۾ هاڻي ٻوليءَ جي بنياد تي ماڻهن کي قتل نٿو ڪيو وڃي، جڏهن ته اسٽريٽ ڪرائم به شهر جو هڪ اهم مسئلو آهي جنهن ۾ ماڻهن جون جانيون ضايع ٿيون اهڙيون خيالن جو اظهار هن گذريل ڏينهن پي ايس 93 ڪورنگي جي اهتمام هيٺ پيپلز پارٽي جي ڪائون چيئرمين محمد نعيم شيخ ۽ ضلعي ڪورنگي ۾ پارٽي طرفان رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرائڻ تي ٿورا مڃڻ لاءِ ڪوٺايل جلسي عام کي خطاب ڪندي ڪيو سعيد غني چيو ته ايم ڪيو ايم وٽ اهڙو ڪو ماضي يا حال ناهي، جنهن جي بنياد تي اها عوام کان ووٽ گهري سگهي. تنهن ڪري اها نفرت پکيڙڻ ۾ مصروف آهي هن الزام لڳايو ته جماعت اسلامي به مذهبي سجاڳي جي آڙ مان نفرتي لساني سياست ڪرڻ لڳي آهي ۽ ايم ڪيو ايم وانگر هاڻي جماعت اسلامي به لسانيات ۽ نفرت جو نعرو استعمال ڪرڻ شروع ڪيو آهي صوبائي وزير چيو ته جلسي ۾ مسلم ليگ فنڪشنل پاڪستان تحريڪ انصاف ۽ اقليتي برادري جي وڏي انگ ۾ ماڻهن جي پيپلز پارٽي ۾ شموليت تي کين مبارڪباد پيش ڪريان ٿو هن انجنيئر شاهه زين کي پڻ مبارڪباد ڏني سعيد غني چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هن وقت ڪراچي جي سڀ کان وڏي سياسي جماعت آهي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت کانپوءِ جڏهن پارٽيءَ جي قيادت سنڀالي ته هن ڪراچي جي تنظيم کي خاص هدايتون ڏنيون ته پيپلز پارٽي بابت موجود ان تاثر کي ختم ڪيو وڃي ته اها رڳو سنڌين جي جماعت آهي هن چيو ته بلاول ڀٽو زرداري جو پيغام واضح هو ته پيپلز پارٽي رڳو سنڌين جي جماعت ناهي پر ڪراچي ۾ رهندڙ ۽ شهر سان محبت ڪندڙ هر شخص جي جماعت آهي سعيد غني چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي دور ۾ به پيپلز پارٽي ڪراچي جي سڀ کان وڏي جماعت هئي پر ضياءِ الحق جي دور ۾ جڏهن محترمه بينظير ڀٽو جلاوطنيءَ کانپوءِ وطن واپس آئي ۽ ڪراچي ۾ سندس شاندار استقبال ڪيو ويو ته ان دور ۾ شهر اندر لساني ۽ مذهبي نفرت کي هٿي ڏني وئي، جنهن سبب ڪراچي کي لساني ۽ مذهبي ٽڪرن ڏانهن ڌڪيو ويو هن چيو ته ڪنهن به ملڪ يا شهر ۾ جيستائين امن امان قائم نه ٿيندو تيستائين ترقي ممڪن ناهي شهر ۾ 50 سالن کان وڌيڪ عمر رکندڙ ماڻهو ڄاڻن ٿا ته ماضي ۾ ڪراچي کي ٻولي، نسل ۽ قوميت جي نالي تي ڪيئن بدامني ۽ خونريزيءَ جي ور چاڙهيو ويو صوبائي وزير چيو ته ماضي ۾ رڳو ان بنياد تي ماڻهن کي قتل ڪيو ويندو هو ته هو اردو، سنڌي، پنجابي، پشتو يا ڪا ٻي ٻولي ڳالهائين ٿا. هن چيو ته ڪراچي جو ڪو به خيرخواهه ڀلي ان جو تعلق ڪنهن به سياسي يا مذهبي جماعت سان هجي اهو نه چاهيندو ته شهر ۾ ٻيهر ماضي جهڙيون حالتون پيدا ٿين. سعيد غني چيو ته ڪراچي جي ماضيءَ ۾ جيڪي حالتون هن پنهنجي اکين سان ڏٺيون آهن، هو نٿو چاهي ته اهي ٻيهر پيدا ٿين هن چيو ته هو پنهنجي سياست، وزارت يا جان بچائڻ خاطر اهڙي صورتحال تي خاموش تماشائي نٿو بڻجي سگهي. هن ايم ڪيو ايم جي اڳواڻن کي اپيل ڪئي ته خدا جي واسطي پنهنجي سياسي مفادن لاءِ ماڻهن ۾ نفرتون پکيڙڻ ۽ شهر جي امن کي نقصان پهچائڻ کان پاسو ڪن. سعيد غني چيو ته ايم ڪيو ايم پنهنجي وڃايل سياسي حيثيت بحال ڪرڻ ۽ سياسي دڪانداري چمڪائڻ لاءِ ڪڏهن نون صوبن جو نعرو هڻي ٿي ته ڪڏهن لساني سياست جو سهارو وٺي ٿي هن چيو ته جيستائين شهر صوبي ۽ ملڪ ۾ امن قائم نه ٿيندو تيستائين ڪيترا به ترقياتي ڪم ڪرايا وڃن پر پائيدار ترقي ممڪن نه ٿي سگهندي صوبائي وزير هڪ ڀيرو ٻيهر چيو ته جماعت اسلامي به ايم ڪيو ايم وانگر لساني ۽ نفرت واري سياست جو رستو اختيار ڪري رهي آهي سياست اصولن نظرين جي بنياد تي ٿيڻ گهرجي نه ڪي ٻولي، نسل ۽ نفرت جي بنياد تي جلسي کي پيپلز پارٽي ڪراچي جي جنرل سيڪريٽري رؤف احمد ناگوري، سنڌ جي وڏي وزير جي ڪچي آبادين بابت صلاحڪار سيد نجمي عالم جاني ميمڻ ۽ ٻين اڳواڻن پڻ خطاب ڪيو تقريب ۾ ڪورنگي ڪائون جو وائيس چيئرمين [illegible] اعوان نديم اختر ڪامران راجپوت، انجنيئر شاهه زين مرتضيٰ ميمڻ وقاص لاشاري ۽ ٻيون سياسي شخصيتون پڻ موجود هيون

بقايا | 7 | روزاني عبرت

آصف علي زرداري نائيڪ سيف علي جنجوعه شهيد، هلال ڪشمير (نشان حيدر) جي 78هين ورسي تي کيس خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته ڪشمير جي فرزند نائيڪ سيف علي جنجوعه شهيد جي بي مثال قرباني ۽ تاريخي شجاعت پوري قوم لاءِ فخر جو سبب ۽ اسان جي ايندڙ نسلن لاءِ مشعل راهه رهندي ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان مطابق صدر مملڪت چيو ته نائيڪ سيف علي جنجوعه شهيد، (هلال ڪشمير) جي 78هين ورسي جي موقعي تي پوري قوم پاران ۽ پنهنجي ذاتي حيثيت ۾ پاڪ ڌرتي جي ان بهادر سپوت کي ڀرپور خراج عقيدت پيش ڪيان ٿو صدر مملڪت آصف علي زرداري چيو ته نائيڪ سيف علي جنجوعه شهيد ڪشمير جي آزادي واري جنگ دوران پاڻ کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ ۽ اضافي وسيلا رکندڙ دشمن جي شديد حملن کي دليري سان ناڪام بڻايو صدر مملڪت چيو ته نائيڪ سيف علي جنجوعه شهيد شديد زخمي ٿيڻ باوجود پنهنجي فوجي جٿي جي ڪمان ڪندي دشمن کي عبرتناڪ ڌڪ رسايا جيڪي قومي تاريخ ۾ سونهري لفظن ۾ لکيا ويندا. صدر آصف علي زرداري چيو ته نائيڪ سيف علي جنجوعه شهيد مادر وطن جي حرمت خاطر پنهنجي جان جو نذرانو پيش ڪندي شجاعت ۽ بهادري جي عظيم داستان رقم ڪيو صدر مملڪت چيو ته ڪشمير جي فرزند نائيڪ سيف علي جنجوعه شهيد جي بي مثال قرباني ۽ تاريخي شجاعت پوري قوم لاءِ فخر جو سبب ۽ اسان جي ايندڙ نسلن لاءِ مشعل راهه رهندي صدر مملڪت چيو ته پاڪستان پنهنجي شهيدن جو هميشه قرضدار رهندو قوم جا اهي عظيم سپوت اسان جي آزادي، خودمختياري ۽ قومي سلامتي جو مضبوط بنياد آهن

بقايا | 8 | روزاني عبرت

آمريڪي پابندين سبب پنهنجي بجلي جي پيداوار ۾ گهٽتائي تي ضابطو آڻڻ لاءِ ڊي لائٽ سيونگ ٽائم (ڏينهن جي روشني مان وڌيڪ فائدو کڻڻ لاءِ ٽائم ۾ تبديلي) جو نظام 7 نومبر 2027ع تائين برقرار رکندو پرڏيهي ميڊيا مطابق توانائي ڪاٺون ڪوڻ ۽ محنت ۽ سماجي تحفظ واري وزارت گڏيل بيان ۾ ٻڌايو ته ان قدم سان شام جي وقت ۾ بجلي جي طلب ۾ اٽڪل 126 ميگاواٽ گهٽتائي متوقع آهي جنهن سبب لوڊشيڊنگ تي ضابطو آڻڻ ۾ مدد ملندي. بيان ۾ چيو ويو آهي ته صبح جي معمول ۾ رنڊڪ گهٽائڻ لاءِ ٻهرين نومبر 2026ع کان 14 مارچ 2027ع تائين اسڪول ۽ آفيسون معمول کان 30 منٽ دير سان کلنديون. واضح رهي ته ڪيوبا اٽڪل ٻن سالن کان بجلي جي شديد بندش جي بحران کي منهن ڏئي رهيو آهي

بقايا | 9 | روزاني عبرت

اڳواڻ عادل شاهه عرف درويش مارجي ويو سيڪيورٽي ذريعن موجب بلوچستان ۾ "آپريشن ردالفتنه 3" تحت ڪارروايون ڪندي فورسز قلعي سيف الله ۾ ڳجهي ڄاڻ جي بنياد تي ڪارروائي ڪئي جنهن دوران ڄاڻايل دهشتگرد اڳواڻ مارجي ويو سيڪيورٽي ذريعن جو چوڻ آهي ته مارجي ويل دهشتگرد اڳواڻ ڊسمبر 2020ع کان فتنه الخوارج سان لاڳاپيل هو جڏهن ته 2024ع کان هو ان دهشتگرد ٽولي جي مالي معاملن جي نگراني ڪري رهيو هو ذريعن موجب، مارجي ويل دهشتگرد ٻاهرين علائقن کان آيل دهشتگردن کي ژوب، شيراني ۽ شعبان ۾ رهائش مهيا ڪرڻ ۾ مدد ڪندو هو ۽ 2022ع ۽ 2023ع کان سيڪيورٽي فورسز تي حملن ۽ ينگ لاءِ ماڻهن کي اغوا ڪرڻ جي واقعن ۾ پڻ ملوث رهيو سيڪيورٽي ذريعن موجب، ڄاڻايل دهشتگرد اڳواڻ خلاف دهشتگرديءَ جي خاتمي وارين عدالتن ۾ 19 ڪيس داخل هئا، جڏهن ته سندس گرفتاريءَ ۾ مدد ڏيڻ لاءِ 25 لک رپيا انعام مقرر ڪيو ويو هو

بقايا | 10 | روزاني عبرت

تي دٻاءُ وجهي پرڏيهي ميڊيا فلسطيني اٿارٽي جي پرڏيهي معاملن بابت ڪاتي جي بيان جي حوالي سان ٻڌايو ته اسرائيل پاران فلسطينين جي جبري بي دخلي ۽ تباهي جو ڳاٽيلو وڌي رهيو آهي جنهن کي منهن ڏيڻ لاءِ فوري بين الاقوامي ڪارروائي جي ضرورت آهي. اهڙي ڪارروائي جيڪا رڳو مذمت تائين محدود نه رهي پر ٺوس ۽ روڪٿام وارن قدمن تي ٻڌل هجي

بقايا | 11 | روزاني عبرت

واري شهر باڪو ۾ منعقد 12 هين باڪو انٽرنيشنل بڪ فيئر ۾ پاڪستاني سفارتخاني تعليم ۽ پيشيوراڻي تربيت واري وفاقي وزارت ۽ نيشنل بڪ فائونڊيشن جي شراڪت سان ملڪي ناليوارن اديبن جي ڪم جي نمائش ڪئي هتي جاري بيان مطابق پاڪستاني ڪتابن جي ان مجموعي ۾ ناول، شاعري، سفرناما ۽ ٻارن جو ادب شامل هو جنهن ذريعي ميلي ۾ آيل ماڻهن کي پاڪستان جي علمي ادبي ۽ ثقافتي ورثي بابت آگاهي جو موقعو مليو. آذربائيجان جي ثقافت واري وزارت جي انتظام هيٺ منعقد ان ڪتاب ميلي جو موضوع "زندگي اسڪرين کان ڪيترائي ڀيرا وڏي آهي: هڪ ٻار هڪ ڪتاب، هڪ حقيقي دنيا" هو ميلي ۾ مختلف ملڪن جي ليکڪن نشر ڪندڙن ۽ ادبي ادارن شرڪت ڪئي جنهن جو مقصد مطالعي کي هٿي ڏيڻ ڪتاب دوستي ۽ عالمي ثقافتي مٽا سٽا کي هٿي ڏيڻ هو باڪو انٽرنيشنل بڪ فيئر ۾ پاڪستان جي شرڪت ادب ۽ ڪتابن ذريعي پاڪستان ۽ آذربائيجان وچ ۾ گڏيل افهام تفهيم ۽ ثقافتي رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي اهميت کي اجاگر ڪيو ٻنهي برادر ملڪن وچ ۾ دوستاڻن لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ ۾ ادبي ۽ ثقافتي سرگرميون اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون

بقايا | 12 | روزاني عبرت

دوران ترتيبوار 97.46 سيڪڙو ۽ 72.51 سيڪڙو تائين گهٽجي ويو وفاقي شمارياتي اداري (پي بي ايس) جي رپورٽ مطابق جاري مالي سال جي جولاءِ کان سيپٽمبر 2026ع دوران ٻنهي ملڪن سان قومي واپار جي مجموعي خساري ۾ 947.923 ملين ڊالر جي نمايان گهٽتائي ٿي آهي جنهن جي نتيجي ۾ گذريل سال جي ساڳي عرصي جي ڀيٽ ۾ پاڪستان جو ڪويت سان واپاري خسارو 97.46 سيڪڙو جڏهن ته قطر سان ڪيل واپار جي خساري ۾ 72.51 سيڪڙو جي نمايان گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي آهي

بقايا | 13 | روزاني عبرت

بابت پاڪستان قطر جوائنٽ ٽاسڪ فورس جي ٻي اجلاس جي گڏيل صدارت ڪئي. اجلاس ۾ ٻه طرفه اقتصادي تعاون ۾ ٿيل اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو ۽ واپار سيڙپڪاري ۽ صنعتي پائيداري لاءِ نوان موقعا تلاش ڪرڻ تي ڳالهيون ڪيون ويون واپار واري وزارت پاران اڄ ڏينهن جاري پريس رليز مطابق اجلاس ۾ لاڳاپيل پاڪستاني وزارتن جي نمائندن ورچوئل (آن لائين) شرڪت ڪئي. جڏهن ته جوائنٽ ٽاسڪ فورس جي سيڪريٽريٽ طور ڪم ڪندڙ اسپيشل انوسٽمينٽ فيسليٽيشن ڪائونسل پاڪستان پاران اجلاس جي معاملن کي مربوط ڪيو ويو ٻئين اپريل 2026ع ۾ ٿيندڙ پهرين اجلاس کان وٺي هن وقت تائين اڳڀرائي جو جائزو ورتو ۽ ٻه طرفه واپار کي مضبوط بڻائڻ سيڙپڪاري جي راهه هموار ڪرڻ ۽ ترجيحي اقتصادي شعبن ۾ تعاون کي هٿي ڏيڻ جي قدمن تي ڳالهيون ڪيون اجلاس دوران پاڪستان نار سهڪار ڪائونسل – پاڪستان آزاد واپاري معاهدي تي جلد صحيحين ڪرڻ جي اهميت تي زور ڀريو ۽ باقي رهيل رسمي ڪارروائين کي تيز ڪرڻ لاءِ قطر سان مسلسل تعاون جي درخواست ڪئي اجلاس کي آگاهه ڪيو ويو ته پاڪستان پنهنجي داخلي منظوري جي عمل کي مڪمل ڪري چڪو آهي ۽ معاهدي جو منظور ٿيل متن 31 ڊسمبر 2025ع تي جي سي سي سيڪريٽريٽ کي موڪليو ويو آهي پاڪستاني وفد قطر کي هڏي واري گوشت جي روانگي واپار تي لاڳو پابندين جو معاملو به اٿاريو ۽ ان جي جلد حل جي درخواست ڪئي ان سلسلي ۾ اهو به ٻڌايو ويو ته جانورن جي صحت ۽ غذائي تحفظ جي گهرجن بابت هڪ جامع فني دستاويز اڳ ئي قطر جي لاڳاپيل عملدارن سان شيئر ڪيو ويو آهي. زراعت ۽ غذائي تحفظ جي شعبي ۾ پاڪستان ٽريڊنگ ڪارپوريشن آف پاڪستان ۽ قطر جي حصاد فوڊ وچ ۾ تجويز ڪيل مفاهمت جي يادداشت جو ذڪر ڪيو جنهن جو مقصد حڪومت کان حڪومت جي سطح تي پاڪستاني چانورن جي فراهمي آهي اهو تجويز ڪيل معاهدو منظوري لاءِ وفاقي ڪابينه کي موڪليو ويو آهي پاڪستان قطر کي جديد زراعت، اناج ذخيرو ڪرڻ جي سهولت، اناج جا وڏا گودام ڪولڊ اسٽوريج، مربوط ڪولڊ چين انفراسٽرڪچر ۽ جديد پوکائي جي ٽيڪنالاجيز ۾ سيڙپڪاري جي دعوت ڏني ان کان علاوه ٻنهي ملڪن ۾ غذائي تحفظ کي مضبوط بڻائڻ لاءِ پائيدار غذائي رسد جي نظام جي جوڙجڪ تي موقعن تي ڳالهيون ڪيون ويون پاڪستان جي صنعتي صلاحيت کي اجاگر ڪندي پاڪستاني ڌر ملڪ جي نئين اي وي پاليسي فريم ورڪ تحت آٽو موبائيل سيڪٽر خاص طور تي نيو انرجي وهيڪلز ۽ اليڪٽرڪ گاڏين ۾ سيڙپڪاري جا موقعا پيش ڪيا. گڏيل مينيو فيڪچرنگ، ٽيڪنالاجي جي منتقلي ۽ صنعتي پائيواري جي امڪانن کي به اجاگر ڪيو ويو پاڪستان قطر کي انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ڊجيٽل انفراسٽرڪچر ۾ سيڙپڪاري جي دعوت ڏني جنهن ۾ آءِ ٽي جي وڌندڙ روانگي واپار ۽ ٽيڪنالاجي پارٽنرشپ ۽ ڊجيٽل سروسز جي توسيع جي موقعن کي اجاگر ڪيو ويو پاڪستان ان تجويز جي آجيان ڪئي ته اجلاس کي ٻڌايو ته هوابازي بابت معاملن کي لاجسٽڪ ڪميونيڪيشن جي فني ورڪنگ گروپ ذريعي به حل ڪيو ويندو پاڪستاني ڌر انفراسٽرڪچر زراعت، صنعتي ترقي، انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٻين ترجيحي شعبن ۾ قطر جي شرڪت جي موقعن کي به اجاگر ڪيو ۽ سيڙپڪاري فنڊ جو تصور به پيش ڪيو. ڳالهين دوران پاڪستان جوائنٽ ٽاسڪ فورس جي پهرين اجلاس دوران سجاڳ ڪيل 11 ٽيڪنيڪي ورڪنگ گروپس جي جلد آپريشنلائيزيشن جي اهميت تي زور ڀريو ان کان علاوه واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان دوحه ۾ ورلڊ انويسٽمينٽ فورم جي سربراهه نين لي ڪولنز سان ٻه طرفي ملاقات ڪئي ان موقعي تي ٻنهي خطي جي موجوده صورتحال ۽ عالمي معاشي منظرنامي کي درپيش چئلينجن تي ڳالهيون ڪيون ملاقات دوران علائقائي تعاون کي هٿي ڏيڻ ۾ پاڪستان جي تعميري ڪردار ۽ ايندڙ عالمي چئلينجن کي نظر ۾ رکندي علائقائي معاشي انضمام کي مضبوط بڻائڻ جي اهميت تي ڳالهيون ڪيون ويون ٻنهي ڌرين علائقائي رابطن کي وڌائڻ ويجهي معاشي تعاون ۽ گڏيل چئلينجن کي منهن ڏيڻ ۾ خطي ۾ وڌيڪ انضمام کي هٿي ڏيڻ لاءِ مربوط ڪوشش جي ضرورت تي به ڳالهيون ڪيون

ڪاٽي جو اڳوڻو صدر ۽ پ پ اڳواڻ محمد دانش خان لاڏاڻو ڪري ويو، جنازي نماز ادا

جنازي نماز ۾ صوبائي وزير سعيد غني، سينيٽر سيد وقار مهدي، انيس قائم خاني، اقبال ميمڻ ۽ ٻين شرڪت ڪئي

مرحوم ڪاٽيءَ صدر جي حيثيت سان واپارين ۽ صنعتڪارن جي نمائندگيءَ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) معروف واپاري ۽ صنعتڪار سنڌ ايمپلائيز سوشل سيڪيورٽي انسٽيٽيوٽ جي گورننگ باڊيءَ جي ميمبر ڪورنگي ايسوسيئيشن آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽري (ڪاٽي) جي اڳوڻي صدر ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي قومي اسيمبليءَ جي ٽڪيٽ هولڊر محمد دانش خان لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم جي جنازي نماز گذريل ڏينهن جامع مسجد ذڪريا ڊي ايڇ اي ڪراچيءَ ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ سياسي سماجي ۽ ڪاروباري شخصيتن سميت واپارين ۽ صنعتڪارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مرحوم جي جنازي نماز ۾ سنڌ جي صوبائي وزير سعيد غني سينيٽر سيد وقار مهدي، ايم ڪيو ايم جي اڳواڻ انيس قائم خاني ايڊيشنل چيف سيڪريٽري گهرو کاتو سنڌ اقبال ميمڻ ڪاٽيءَ جي سينيئر وائيس چيئرمين زبير چاڇايا، ريحان احمد ۽ تيمور سيال سميت مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ شخصيتون شريڪ ٿيون ان موقعي تي سنڌ جي صوبائي وزير سعيد غني مرحوم محمد دانش خان جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته دانش خان هڪ واپاري ۽ صنعتڪار هجڻ سان گڏ سياسي شعور رکندڙ ۽ سنڌ توڙي ملڪ لاءِ درد رکندڙ شخصيت هئا. هن چيو ته مرحوم کي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ پاران سندن صلاحيتن، عوام سان محبت ۽ سماجي خدمتن کي نظر ۾ رکندي ڪراچيءَ جي قومي اسيمبليءَ جي ٽڪ اين اي 245 جي ننڍي چونڊ ۾ پارٽي ٽڪيٽ ڏني وئي هئي. سعيد غني چيو ته محمد دانش خان جي لاڏاڻي سان پاڪستان پيپلز پارٽي هڪ مخلص، بي لوث، عوام سان محبت ڪندڙ ۽ سماجي طور سرگرم ڪاروباري شخصيت کان محروم ٿي وئي آهي هن مرحوم جي سياسي، سماجي ۽ ڪاروباري خدمتن کي ساراهيندي چيو ته سندن وڇوڙو پارٽي ۽ ڪاروباري برادريءَ لاءِ وڏو نقصان آهي پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سينيٽر سيد وقار مهدي پڻ محمد دانش خان جي لاڏاڻي تي افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته مرحوم جو شمار ڪاروباري ۽ سياسي حلقن جي سرگرم شخصيتن ۾ ٿيندو هو هن چيو ته مرحوم پنهنجي صلاحيتن ۽ خدمتن وسيلي ڪاروباري برادريءَ ۾ نمايان سڃاڻپ حاصل ڪئي هئي، جڏهن ته سندن خدمتن کي هميشه قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو سينيٽر سيد وقار مهدي چيو ته محمد دانش خان ڪاٽيءَ جي چونڊيل صدر جي حيثيت سان ڪاروباري برادريءَ جي مسئلن جي حل ۽ صنعتڪارن جي نمائندگيءَ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو ان سان گڏ هن مختلف سماجي ۽ سياسي شعبن ۾ پڻ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون هن وڌيڪ چيو ته محمد دانش خان جي لاڏاڻي سان پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ ڪاروباري برادري هڪ مخلص ساٿيءَ کان محروم ٿي وئي آهي، جنهن جو خال پرڻ ڏکيو هوندو جنازي نماز ۾ شرڪت ڪندڙ سياسي سماجي ۽ ڪاروباري اڳواڻن مرحوم جي مغفرت، درجات جي بلندي ۽ سوڳوار خاندان لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي هنن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم محمد دانش خان کي پنهنجي جوار رحمت ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ سندس خاندان کي هن ناقابل تلافي نقصان کي برداشت ڪرڻ جو حوصلو ۽ صبر عطا ڪري

ڪراچي ۾ ڦورن ۽ پوليس وچ ۾ مبينا مقابلو 2 ڦورو مارجي ويا

نارٿ رحمانيا موڙ جي ويجهو مارجي ويل جوابدارن جا لاش اسپتال منتقل ڪيا ويا

مارجي ويلن جي لاشن جي سڃاڻپ ناهي ٿي سگهي، پوليس پاران وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي خواجا اجمير نگري ٿاڻي جي حد نارٿ ڪراچي 3 BS رحمانيا موڙ جي ويجهو پوليس جي مبينا مقابلي ۾ 2 ڦورو مارجي ويا آهن مارجي ويل ملزمن جا لاش ايڌي ايمبولينس جي ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيا ويا آهن پوليس موجب مارجي ويل ملزمن جي لاشن جي سڃاڻپ ناهي ٿي سگهي جڏهن ته مارجي ويلن جي عمر 40 کان 45 سال آهي پوليس موجب موجب مارجي ويلن جي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي

ڪراچي جي شهرين کي تعليم، پاڻي ۽ ٻين سهولتن ڏيڻ حڪومت جي ذميواري آهي: حافظ نعيم

پ پ حڪومت بلدياتي نمائندن کي اختيار ۽ وسيلا فراهم ڪري ته اهي عوام جا مسئلا حل ڪري سگهن

پاڻي جي اڻهوند ۽ ٽينڪر مافيا سبب شهري سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان، امير ضلع وچ سيد وجيه حسن ناظم آباد ٽائون جي چيئرمين سيد مظفر احمد، وائيس ٽائون چيئرمين نعمان صديقي ۽ ٻين سان گڏجي ناظم آباد ٽائون جي انتظام هيٺ روڊن جي تعمير ۽ بحالي پاڻي ۽ گٽرن جي نظام ۾ بهتري ۽ گهٽين ۾ بتيون لڳائڻ جي منصوبن جو افتتاح ڪري ڇڏيو ان موقعي تي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته ڪراچي جي شهرين کي تعليم پاڻي گٽرن جي نظام ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي فراهمي حڪومت جي ذميواري آهي سنڌ جي پيپلز پارٽي حڪومت بلدياتي نمائندن کي اختيار ۽ وسيلا فراهم ڪري ته جيئن اهي عوام جا مسئلا حل ڪري سگهن جماعت اسلامي جا ٽائون محدود وسيلن باوجود شهرين جي خدمت ڪري رهيا آهن جڏهن ته پيپلز پارٽي حڪومت ٽائونز کي ترقياتي فنڊ فراهم ناهن ڪيا ۽ صفائي، پاڻي ۽ گٽرن جهڙن اهم معاملن ۾ به ٽائونز ۽ يونين ڪائونسلن کي بي اختيار رکيو ويو آهي هن چيو ته پاڻي جي اڻهوند ۽ ٽينڪر مافيا سبب شهري سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن جڏهن ته مهانگائي، بجلي ۽ گئس جا بل، ٻارن جي اسڪولن جون فيسون ۽ علاج جا خرچ عوام جي زندگي ڏکي بڻائي ڇڏي آهي جماعت اسلامي شهرين جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ جدوجهد جاري رکندي شهرين کي گهرجي ته پنهنجي علائقن ۾ پاڙي جون ڪميٽيون قائم ڪن مسئلن جي نشاندهي ڪن ۽ انهن جي حل لاءِ گڏيل جدوجهد ڪن عوامي حقن جي تحفظ، شهر جي ترقي ۽ مسئلن جي حل لاءِ شهرين ۽ چونڊيل نمائندن کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو حافظ نعيم الرحمان چيو ته آئين جي آرٽيڪل 25 اي تحت پنجن کان سورهن سالن تائين عمر جي ٻارن کي مفت ۽ لازمي تعليم فراهم ڪرڻ حڪومت جي ذميواري آهي تعليم عوام جو حق آهي خيرات نه هن چيو ته بلدياتي چونڊن ۾ ڪراچي جي عوام جماعت اسلامي کي ڀرپور مينڊيٽ ڏنو پر پنهنجي مرضي جا نتيجا تيار ڪري ڪراچي کي جماعت اسلامي جي ميئر شپ کان محروم ڪيو ويو جماعت اسلامي اختيارن لاءِ جدوجهد ڪرڻ سان گڏ موجود وسيلن اندر رهندي عوام جي خدمت ڪرڻ جو عزم ڪيو آهي ناظم آباد ۾ ترقياتي ڪمن روڊن جي تعمير ۽ بحالي، گٽرن جي مسئلن جي حل ۽ گهٽين ۾ بتيون لڳائڻ جو مقصد شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ آهي لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو آهي ته پاڻي جي فراهمي فوري طور بحال ڪئي وڃي، پاڻي اچڻ جا وقت مقرر ڪيا وڃن ۽ لائين جي آخري چيڙي تائين پاڻي پهچائڻ کي يقيني بڻايو وڃي هن لاڳاپيل اختيارين کي ٻن ڏينهن جي مهلت ڏيندي چيو ته جيڪڏهن ناظم آباد کي پاڻي فراهم نه ڪيو ويو ته سومر ڏينهن ايندڙ لائحه عمل جو اعلان ڪيو ويندو، ضرورت پوڻ تي شير شاهه سوري روڊ به بند ڪري سگهجي ٿو اسان گرفتاريون ڏيڻ ۽ هر قسم جي قرباني لاءِ تيار آهيون پر شهرين کي پاڻي کان محروم رهڻ نه ڏينداسين

حڪومت معاشي ترقي ۽ ايس ايم ايز کي هٿي وٺائڻ لاءِ پرعزم

جهلم کي خطي جو معاشي ۽ ڪاروباري حب بڻايو ويندو: بلال اظهر ڪياني

حڪومت جو بنيادي ڪردار نجي شعبي جي سرپرستي ۽ آسانيون پيدا ڪرڻ آهي

اسلام آباد/ جهلم (اي پي پي) خزاني ۽ ريلوي بابت مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني چيو آهي ته وزيراعظم محمد شهباز شريف جي خاص هدايت تي حڪومت ملڪي معيشت جي ترقي، صنعتي استحڪام، ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار کي هٿي وٺائڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي جنهن تحت سميڊا بورڊ کي نئين سر جوڙجڪ ڏئي فعال بڻايو ويندو حڪومت جو بنيادي ڪردار نجي شعبي جي سرپرستي ۽ ان ۾ آسانيون پيدا ڪرڻ آهي. ان ويژن تحت جهلم جي شاندار پوٽينشل، خواندگي واري بلند شرح ۽ پرامن ماحول کي ڪڍ آڻي خطي کي ڪامياب معاشي ۽ ڪاروباري حب بڻايو ويندو انهن خيالن جو اظهار هن جهلم چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽريز جي نون چونڊيل عهديدارن جي حلف برداري واري تقريب ۾ مهمان خاص طور خطاب ڪندي ڪيو مملڪتي وزير نئين قيادت کي مبارڪون ڏيندي ڪاروباري شعبي ۾ عورتن جي ڪردار جي تعريف ڪئي هن چيو ته سميڊا ذريعي ننڍي ڪاروبارن کي فزيبلٽي جي تياري، فيڪٽرين جي قيام لاءِ فنانسنگ ۽ ووڪيشنل ٽريننگ جي مڪمل مدد فراهم ڪئي پئي وڃي مملڪتي وزير جهلم چيمبرز تي زور ڀريو ته هو سيالڪوٽ جي واپارين پاران گڏيل اتحاد، ٺوس تياري ۽ فيڪٽس جي بنياد تي انڊسٽريل اسٽيٽ ۽ نون منصوبن جو ورڪنگ پيپر تيار ڪن. هن اعلان ڪيو ته واپاري برادري هڪ مهيني اندر عمل جوڳي فزيبلٽي آڻي ته هو نه رڳو ان جي پاڻ نگراني ڪندو پر اسٽيٽ بئنڪ، ايف بي آر ۽ واپار واري وزارت ۽ ٻين وفاقي ادارن ۾ جهلم جي مفادن جو وڪيل بڻجي ڪيس وڙهندو

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 3 ڄڻا فوت ٿي ويا

ڪورنگي نوراني بستي گهر ۾ فائرنگ دوران 30 سالن جي نمرا زال رفيق قتل ٿي وئي

ڪفايا مارٽ ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار 17 سالن جو نوجوان فوت ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 3 ڄڻا فوت ٿي ويا. ڪورنگي نمبر ڊيڍ نوراني بستي ڪچي آبادي فاطما مسجد جي ويجهو گهر ۾ فائرنگ جي دوران گولي لڳڻ جي نتيجي ۾ عورت 30 سالن جي نمرا زال رفيق قتل ٿي وئي آهي. لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ چيپا ايمبولينس جي ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. نيوڪراچي سيڪٽر ايم 5 ڪفايا مارٽ جي ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل تي سوار 17 سالن جو نامعلوم نوجوان فوت ٿي ويو آهي. جمشيد ڪوارٽر ٿاڻي جي حد جمشيد روڊ نمبر 3 پاردا پارڪ جي ويجهو رهائشي عمارت جي 5 منزل تان ڪري پوڻ جي نتيجي ۾ نامعلوم شخص هيٺ ڪري فوت ٿي ويو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته متوفي چوري ڪرڻ جي دوران ڇلانگ لڳائڻ جي دوران فوت ٿي ويو آهي. لاش ايڌي ايمبولينس جي ذريعي ويجهي ٿاڻي تي ڪارروائي جي بعد ايڌي سردخاني سهراب ڳوٺ منتقل ڪيو ويو آهي

بنگلاديش جي هاءِ ڪمشنر جي ملتان چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري آمد

هن چيمبر جي صدر، ڪاروباري شخصيتن ۽ صنعتڪارن سان ملاقات ڪئي

تعاون وڌائڻ ۽ ڪاروباري برادري لاءِ نوان موقعا ڳولهڻ جي اهميت تي به ڳالهيون

ملتان (اي پي پي) پاڪستان ۾ مقرر بنگلاديش جي هاءِ ڪمشنر ايم ڊي اقبال حسين خان اڄ تي ملتان چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جو دورو ڪيو جتي هن چيمبر جي صدر ڊاڪٽر شفيق خان پٺاڻي، ڪاروباري شخصيتن ۽ صنعتڪارن سان ملاقات ڪئي. ملاقات دوران پاڪستان ۽ بنگلاديش وچ ۾ ٻه طرفه واپار، ڪاروباري تعاون کي هٿي وٺائڻ، مستقبل جي واپاري موقعن ۽ ٻنهي ملڪن جي عوام وچ ۾ رابطا مضبوط بڻائڻ جي امڪانن تي ڳالهيون ڪيون. ان موقعي تي ٻنهي ملڪن وچ ۾ مختلف شعبن ۾ تعاون وڌائڻ ۽ ڪاروباري برادري لاءِ نوان موقعا ڳولهڻ جي اهميت تي به ڳالهيون ٿيون بنگلاديش جي هاءِ ڪمشنر سان گڏ پريس قونصلر ايم ڊي طيب علي قونصلر (سياسي معاملا) ۽ هيڊ آف چانسري اسرت جهان سميت ٻيا عملدار به موجود هئا

اسرائيل جو غزه ۾ اسلامي يونيورسٽي تي ڊرون حملو 4 ڄڻا شهيد 8 زخمي

شاگرد يونيورسٽي ۾ ڪلاس وٺي رهيا هئا ته حملو ٿيو، فوتين ۾ انتظامي عملدار پڻ شامل

شاگردن ۽ تعليمي ادارن تي حملن بابت عالمي برادري جي خاموشي ڳڻتي جوڳي آهي: تعليم واري وزارت

غزه (م ڊ) غزه شهر ۾ هڪ يونيورسٽي تي اسرائيلي حملي ۾ چار ماڻهو شهيد ٿي ويا ويا ۽ اٺ زخمي ٿي پيا آهن هڪ پرڏيهي خبر ايجنسي موجب، غزه شهر ۾ اسلامي يونيورسٽي کي اڄ تي ڊرون حملي جو نشانو بڻايو ويو حملي وقت شاگرد يونيورسٽي ۾ ڪلاس وٺي رهيا هئا. اسلامي يونيورسٽي جي عملي سان لاڳاپيل ٻن ذريعن چيو ته حملي ۾ مارجي ويل انتظامي عملي جا ميمبر هئا. جڏهن ته زخمين ۾ شاگرد به شامل هئا. غزه جي تعليم واري وزارت يونيورسٽي تي حملي جي مذمت ڪئي ۽ چيو ته شاگردن ۽ تعليمي ادارن تي حملن بابت عالمي برادري جي خاموشي اهڙن واقعن جي تسلسل کي هٿي ڏئي ٿي تعليم واري وزارت جي بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته غزه ۾ اعليٰ تعليم جو شعبو تباهي جي ڪناري تي پهچي چڪو آهي ۽ جنگ جي نتيجي ۾ تعليمي ادارن جي 95 سيڪڙو عمارتن کي نقصان پهتو آهي بيان ۾ چيو ويو آهي ته تعليمي اداري تي هي حملو تعليم جي شعبي کي نشانو بڻائيندڙ واقعن جي هڪ سلسلي جو حصو آهي گذريل ڇهن ڏينهن ۾ اسرائيلي حملي ۾ 10 شاگرد ۽ استاد مارجي ويا آهن

بقايا | 14 | روزاني عبرت

ملڪن کي ڪيل روانگي واپار ۾ جاري مالي سال جي پهرين ٽن ماهي دوران ساليانو بنياد تي 11 سيڪڙو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو آهي وفاقي شمارياتي اداري (پي بي ايس) مطابق هلندڙ مالي سال ۾ جولاءِ کان سيپٽمبر تائين وچ اوڀر جي ملڪن کي ڪيل روانگي واپار جي ماليت وڌي 864.878 ملين ڊالر رهي جڏهن ته گذريل مالي سال جي ساڳي عرصي ۾ خطي جي ملڪن کي ڪيل روانگي واپار مان 779.425 ملين ڊالر جو مٽا سٽا وارو ناڻو ڪمايو ويو هو اهڙي طرح گذريل مالي سال جي ڀيٽ ۾ هلندڙ مالي سال جي شروعاتي ٽن مهينن دوران وچ اوڀر جي ملڪن کي ڪيل روانگي واپار ۾ 85.453 ملين ڊالر يعني 10.96 سيڪڙو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو

بقايا | 15 | روزاني عبرت

ملڪن سان واپاري خساري ۾ هلندڙ مالي سال جي پهرين ٽه ماهي دوران 26.35 سيڪڙو گهٽتائي ٿي وفاقي شمارياتي اداري (پي بي ايس) مطابق جاري مالي سال جي شروعاتي ٽن مهينن (جولاءِ کان سيپٽمبر 2026ع) دوران واپاري خسارو گهٽجي 2.85 ارب ڊالر رهيو جيڪو گذريل سال جي ساڳي عرصي ۾ 3.87 ارب ڊالر رهيو هو اهڙي طرح گذريل مالي سال جي ڀيٽ ۾ هلندڙ مالي سال جي پهرين ٽه ماهي دوران نار ملڪن سان ڪيل واپار جي ملڪي خساري ۾ 1.02 ارب ڊالر يعني 26 سيڪڙو کان وڌيڪ جي گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي

بلوچستان ۾ دهشتگردن خلاف سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروائيون تعريف جوڳيون آهن: شاهد رند

قلعه سيف الله ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن دوران دهشتگرد ڪمانڊر جو مارجڻ سيڪيورٽي فورسز جي اثرائتي ڪارروائي جو مظهر آهي

دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوراڻي مهارت ۽ وقت سر ڪارروائيون ساراهه جوڳيون آهن: اطلاعات بابت صلاحڪار

دهشتگردن ۽ سندن سهولتڪارن خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائيون جاري رکڻ وقت جي اهم ضرورت آهي

ڪوئيٽا (اي پي پي) بلوچستان جي وڏي وزير جي اطلاعات ۽ سياسي معاملن بابت صلاحڪار شاهد رند چيو آهي ته قلعه سيف الله ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن دوران دهشتگرد ڪمانڊر جو مارجڻ سيڪيورٽي فورسز جي اثرائتي ڪارروائي جو مظهر آهي. بلوچستان ۾ دهشتگردن خلاف سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروائيون تحسين جوڳيون آهن اڄ ڏينهن پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوراڻي مهارت ۽ وقت سر ڪارروائيون ساراهه جوڳيون آهن فتنه الخوارج جي دهشتگرد ڪمانڊر خلاف ڪامياب ڪارروائي امن دشمن عنصرن خلاف موثر حڪمت عملي جي عڪاسي آهي هن چيو ته بلوچستان ۾ دهشتگردي جي ناسور جي خاتمي لاءِ سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون ۽ خدمتون ساراهه جوڳيون آهن دهشتگردن ۽ سندن سهولتڪارن خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائيون جاري رکڻ وقت جي اهم ضرورت آهي

سنڌ جي زرعي صورتحال ڳڻتيءَ جوڳي آهي آبادگارن جا مسئلا حل ڪيا وڃن: صدرالدين شاهه

حڪومتي پاليسين سبب آبادگارن ۽ هارين کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

صوبي جي پاڻيءَ جي حصي کي متاثر ڪندڙ اضافي ڪئنالن واري معاملي جو فوري جائزو ورتو وڃي

هارين کي بروقت پاڻي، معياري ٻج، ڀاڻ، مناسب اگهه نه مليا ته ان جا اثر زرعي پيداوار تي پوندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي صدر سيد صدرالدين شاهه راشدي سنڌ ۾ زرعي صورتحال تي گهري ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي چيو آهي ته حڪومتي پاليسين ۽ بروقت فيصلا نه ٿيڻ سبب آبادگارن ۽ هارين کي سخت مشڪلاتن ۽ مالي نقصان کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. سنڌ جي معيشت جو وڏو حصو زراعت سان لاڳاپيل آهي، پر زرعي شعبي کي درپيش مسئلن سبب آبادگارن جون پريشانيون مسلسل وڌي رهيون آهن جنهن جا اثر نه رڳو هارين پر عام شهرين ۽ صوبي جي مجموعي معيشت تي پڻ پئجي رهيا آهن. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪراچيءَ ۾ فنڪشنل ليگ هائوس تي اڳوڻي وفاقي وزير خير محمد جوڻيجو سان ملاقات دوران ڪيو. ان موقعي تي پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جو سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم ناصر جبار نظاماڻي ۽ پير احمد سعيد جان سرهندي پڻ موجود هئا. سيد صدرالدين شاهه راشدي چيو ته سنڌ ۾ ڪڻڪ جي پوک پنجاب کان اڳ شروع ٿيندي آهي. ان باوجود حڪومت طرفان ٻج جي قيمت ۽ ٻين ضروري زرعي معاملن بابت بروقت پاليسيءَ جو اعلان نه ٿيڻ سبب آبادگار سخت پريشانيءَ جو شڪار آهن حڪومت کي گهرجي ته ڪڻڪ جي پوک واري موسم کي نظر ۾ رکندي ٻج جي قيمتن، ڀاڻ جي دستيابي ۽ ٻين زرعي ضرورتن بابت واضح پاليسي جوڙي، جيئن هاري وقت سر فصل جي پوک ڪري سگهن ۽ کين غير يقيني صورتحال کي منهن نه ڏيڻو پوي. هن چيو ته ڪمند جي پيڙهائي شروع ڪرڻ بابت واضح اعلان نه ٿيڻ سبب ڪمند جي پوک ۽ ايندڙ فصلن جي شيڊيول تي ناڪاري اثر پوڻ جو خدشو آهي. حڪومت فوري طور شگر ملن ۾ پيڙهائيءَ جو موسم شروع ڪرڻ بابت واضح شيڊيول جاري ڪري ۽ آبادگارن جي مفادن جو تحفظ يقيني بڻائي، جيئن ڪمند جي ڪٽائي ۽ نئين فصل جي پوک ۾ غير ضروري دير کان بچي سگهجي. سيد صدرالدين شاهه راشدي پاڻيءَ جي کوٽ تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي چيو ته موجود تخمينن موجب هلندڙ سال سنڌ کي پاڻيءَ جي فراهميءَ ۾ لڳ ڀڳ 22 سيڪڙو گهٽتائيءَ جو خدشو آهي. اهڙين حالتن ۾ سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي منصفاڻي ۽ بروقت فراهم ڪرڻ انتهائي ضروري آهي هن مطالبو ڪيو ته سنڌ جي پاڻيءَ جي حصي کي متاثر ڪندڙ اضافي ڪئنالن واري معاملي جو فوري جائزو ورتو وڃي ۽ پاڻيءَ جي ورڇ جي طئي ٿيل اصولن موجب سنڌ کي ان جو جائز حق ڏنو وڃي. جيئن زرعي زمينن کي بنجر ٿيڻ ۽ فصلن جي پيداوار متاثر ٿيڻ کان بچائي سگهجي. هن چيو ته ڪوٽڙي بئراج ذريعي زرعي پاڻيءَ جي بروقت فراهمي زرعي سرگرمين لاءِ انتهائي اهم آهي. پاڻي دير سان ملڻ سبب چانورن سميت مختلف فصل متاثر ٿين ٿا ۽ آبادگارن کي وڏو مالي نقصان برداشت ڪرڻو پوي ٿو. چانورن جي فصل جو معيار ۽ پيداوار متاثر ٿيڻ سان گڏ مارڪيٽ ۾ مناسب اگهه نه ملڻ سبب پڻ هاري پريشان آهن. حڪومت کي گهرجي ته سارين جي خريداري، مارڪيٽ ۾ اگهن جي مقرري ۽ آبادگارن کي سندن پيداوار جو مناسب معاوضو ڏيارڻ لاءِ اثرائتا قدم کڻي. پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي صدر چيو ته زرعي شعبي کي درپيش مسئلا رڳو آبادگارن جو ذاتي مسئلو نه آهن، پر اهي سنڌ جي معيشت، خوراڪ جي تحفظ ۽ ٻهراڙيءَ جي آباديءَ جي روزگار سان سڌيءَ ريت لاڳاپيل آهن. جيڪڏهن هارين کي بروقت پاڻي، معياري ٻج، ڀاڻ، مناسب اگهه ۽ فصل وڪرو ڪرڻ لاءِ سازگار ماحول فراهم نه ڪيو ويو ته ان جا اثر زرعي پيداوار، ٻهراڙيءَ جي روزگار ۽ عام شهرين جي خريداريءَ جي سگهه تي پڻ پوندا. سيد صدرالدين شاهه راشدي سنڌ حڪومت ۽ وفاقي حڪومت تي زور ڀريو ته آبادگارن ۽ هارين جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا وڃن، پاڻيءَ جي منصفاڻي ورڇ يقيني بڻائي وڃي، ڪڻڪ ۽ ڪمند بابت پاليسين جو بروقت اعلان ڪيو وڃي ۽ سارين سميت ٻين زرعي جنسن جي آبادگارن کي مناسب معاوضو ڏيارڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن، جيئن سنڌ جي زرعي شعبي کي وڌيڪ نقصان کان بچائي سگهجي ۽ هارين کي معاشي استحڪام فراهم ڪري سگهجي

ڪراچي ۾ سنڌي ٻوليءَ جو تربيتي ڪورس جاري، مختلف شخصيتن کي ڀيٽا پيش

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ڏيلي دفتر ۾ بئچ 6 جي شاگردن ڇهن علمي ۽ ادبي شخصيتن تي تحقيقي مقالا پيش ڪيا

ڪلاس کي 6 گروپن کي سنڌ جي جاگرافيائي پاسن سرو، اتر، وچولو، لاڙ، ڪوهستان ۽ ٿر جا نالا ڏنا ويا

'سرو' گروپ امر ايلسا قاضيءَ، 'اتر' گروپ مرزا قليچ بيگ ۽ 'وچولو' علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي ادبي خدمتن تي روشني وڌي

'لاڙ' گروپ علامه عمر داؤدپوٽي، 'ڪوهستان' ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ 'ٿر' گروپ محمد ابراهيم جويي کي ڀيٽا پيش ڪئي

تقريب ۾ اڳواڻن پاران مرزا قليچ بيگ جا 461 ڪتاب سنڌي ادب جو انمول خزانو قرار ڏنا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري حيدرآباد جي ڏيلي دفتر ڪراچيءَ جي اهتمام هيٺ، سنڌي ٻوليءَ جي تربيتي ڪورس (بئچ 6 - سيپٽمبر کان نومبر 2026ع) جي شاگردن ۽ شاگردياڻين سنڌ جي علمي ۽ ادبي ناميارين شخصيتن جي حياتيءَ ۽ ادبي خدمتن بابت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو ان مقصد لاءِ ڪلاس کي 6 الڳ الڳ گروپن ۾ ورهايو ويو هو ۽ هر گروپ جو نالو سنڌ جي مختلف جاگرافيائي پاسن جي نالي تي رکيو ويو. پهريون گروپ شاگردياڻين تي مشتمل هو جنهن جو نالو 'سرو' رکيو ويو 'سرو' سنڌ جي مٿئين حصي جي ضلعن (جيڪب آباد، ڪنڌڪوٽ - ڪشمور) تي ٻڌل علائقو آهي هن گروپ کي ناميارو ڏاهي، مترجم ۽ دانشور امر ايلسا قاضيءَ جي حياتي ۽ ادبي خدمتن تي خيالن جو اظهار ڪرڻ لاءِ چيو ويو گروپ ۾ شامل شرڪت ڪندڙن (سلميٰ بيگم زويا شاهه قبيحه امتياز) پنهنجي گروپ سرواڻ سدره امتياز (جيڪا ان بئچ جي هينئر تائين سڀ کان وڌيڪ مارڪون حاصل ڪندڙ شاگردياڻي پڻ آهي) جي رهنمائيءَ هيٺ امر ايلسا قاضي جي ذاتي توڙي ادبي زندگيءَ ۽ ڪارنامن تي تفصيل سان روشني وڌي ٻيون گروپ 'اتر' هو جنهن شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي حياتي ۽ ادبي خدمتن بابت پريزنٽيشن پيش ڪئي 'اتر' سنڌ جي اترئين علائقن کي چيو وڃي ٿو جنهن ۾ لاڙڪاڻو شڪارپور سکر خيرپور ۽ دادو ضلعا شامل آهن هن گروپ جي ميمبرن (پروفيسر غلام محمد راغب خان، محمد ساجد اقبال زبير انصاريءَ ۽ گلزار شاهه مشوانيءَ) پنهنجي گروپ ليڊر منصور حسين جي رهنمائيءَ ۾ شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي زندگيءَ تي تفصيلي روشني وڌي ۽ سندن بي بها ادبي خدمتن کي بي مثال قرار ڏنو انهن ٻڌايو ته مرزا قليچ بيگ جا لکيل 461 ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو هڪ انمول خزانو آهن جن مان فائدو حاصل ڪري ڪو به شخص سنڌي ادب جا قيمتي ماڻڪ موتي ميڙي سگهي ٿو ٽيون گروپ 'وچولو' هو جاگرافيائي لحاظ کان 'وچولو' سنڌ جو اهو علائقو آهي جنهن ۾ نوابشاهه سانگهڙ حيدرآباد ۽ ٽنڊو محمد خان جا ضلعا اچي وڃن ٿا. هن گروپ سنڌ کي جيد عالم مفڪر ۽ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري جي اڳوڻي وائيس چانسلر علامه آءِ آءِ قاضي (علامه امداد علي امام علي قاضيءَ) جي زندگيءَ ۽ ادبي خدمتن تي روشني وڌي هن سٽ جي سرواڻي محمد نادر ڪري رهيو هو جڏهن ته ٻين ميمبرن (اڪبر علي، اظهر حسين ۽ محمد اظهار احمد خواجه) سائنس گڏ علامه قاضيءَ جي علمي خدمتن سندس تدريسي پهلوئن ۽ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري کي ترقي وٺرائڻ ۾ سندس ڪردار تي نهايت پيرائتي روشني وڌي چوٿون گروپ 'لاڙ' جي نالي سان هو لاڙ سنڌ جو ڏاکڻيون علائقو آهي، جنهن ۾ خاص طور تي ٺٽو ۽ بدين ضلعا اچي وڃن ٿا. هن گروپ کي شمس العلماء علامه عمر بن محمد داؤدپوٽي جي شخصيت تي تحقيق ڪرڻ جو ڪم سونپيو ويو هو هن گروپ محمد جواد عبدالرحيم جي سرپرستيءَ ۾ پنهنجي تحقيق پيش ڪئي (محمد جواد به هن بئچ جو نمايان سگهڙهار آهي ۽ مجموعي مارڪن جي لحاظ کان ڪلاس جو ٻيون بهترين شاگرد آهي) جڏهن ته ٻين ميمبرن (محمد عثمان سيد مرتضيٰ حبيب حسني ۽ خالد پرويز صديقي) علامه داؤدپوٽي جي اڻ وسرندڙ علمي ۽ ادبي خدمتن تي تفصيلي روشني وڌي ۽ کيس 'علم ۽ عالمن جو سج' قرار ڏنو انهن شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ بابت سندن ڪم ڪماهي مخزن 'مهراڻ' جي شروعاتي ڏينهن ۾ ڊاڪٽر داؤدپوٽي جي ادارتي خدمتن کي شاندار ڀيٽا پيش ڪئي پنجون گروپ 'ڪوهستان' هو ڪوهستان جاگرافيائي لحاظ کان سنڌ جو اولاهون جابلو علائقو آهي جيڪو ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جي وچ ۾ موجود سنڌ ۽ بلوچستان جي سرحدي جابلو سلسلي کان وٺي ڄامشوري، دادو، لاڙڪاڻي ضلعن ۽ قنبر شهدادڪوٽ ضلعي جي ڏاڙهياري جبل جي حدن تائين پکڙيل آهي هن سٽ کي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي شخصيت تي روشني وجهڻ لاءِ چيو ويو هو گروپ جي واحد ميمبر محمد عاقب خان ناميارو عالم محقق، استاد، مصنف ۽ مدبر ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي باني چيئرمين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (المعروف ڊاڪٽر اين اي بلوچ) جي نه رڳو سنڌي ادب پر انگريزي، اردو، عربي ۽ فارسي ادب ۾ ڪيل نمايان ڪارنامن کي پنهنجي تحقيق ۾ احاطي هيٺ آندو هن چيو ته ڊاڪٽر بلوچ جامع سنڌي لغت جي ترتيب ۽ تدوين، سنڌي لوڪ ادب سيريز ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جو مستند نسخو تيار ڪرڻ جي حوالي سان اڻ وسرندڙ خدمتون انجام ڏنيون ڇهون ۽ آخري گروپ 'ٿر' هو جن کي ناميارو تعليمي ماهر انقلابي ڪاٻي ڌر جي سياسي ڪارڪن، دانشور ۽ اديب جناب محمد ابراهيم جويي جي علمي ۽ عملي خدمتن تي روشني وجهڻ لاءِ چيو ويو هو هن گروپ جي واڳ محمد يونس جي هٿن ۾ هئي جڏهن ته هن سٽ جي ٻين ميمبرن ۾ پروفيسر ڊاڪٽر محمد اشعر ملڪ عدنان محمد ايوب، ارشد شاهه ۽ محمد چاند شامل هئا، جن واري واري سان پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي جويي صاحب کي سنڌ جي علم ۽ ادب جو روشن حوالو قرار ڏنو انهن سنڌ مدرسي ۾ استاد جي طور تي سندس خدمتن ۽ صوفي ازم، روشن خياليءَ توڙي ننڍي کنڊ جي ورهاڱي خلاف سندن فڪر کي سنڌي ادب ۽ عملي سياست ۾ هڪ اهم تاريخي ڪارنامو قرار ڏنو انهن سڀني گروپن ۾ شامل سگهڙهارن پنهنجي تحقيق جي روشنيءَ ۾ سنڌ جي انهن ڇهن شخصيتن بابت نهايت ڪارائتي معلومات گڏ ڪري پنهنجن ساٿين سان ونڊي. هن ڊيڍ ڪلاڪ جي سيشن ۾ سنڌ جي ادبي، علمي ۽ تحقيقي ورثي کي ڀرپور ڀيٽا پيش ڪئي وئي هن عمل سان نه رڳو هر گروپ جي ميمبرن پنهنجي پنهنجي سونهيل شخصيت بابت گهرائيءَ سان ڄاڻ ۾ پنهنجن ٻين ساٿين جي پيش ڪيل تحقيق ۽ خيالن مان پڻ ڀرپور علمي فائدو حاصل ڪيو اهڙي طرح سڄو ڪلاس سنڌ جي انهن ڇهن شخصيتن جي علمي ۽ ادبي ڪم کي گهرائيءَ سان سمجهڻ ۾ ڪامياب رهيو هن مختصر سيمينار جي آخر ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جي ڪراچي آفيس جي ڪورس انچارج ياسر قاضيءَ سڀني مقررن جي تحقيق ۽ ان کي بيان ڪرڻ جي انداز کي ساراهيو ۽ انهن شخصيتن جي مختلف پهلوئن کي اجاگر ڪرڻ تي اطمينان جو اظهار ڪيو هن سيمينار کي ڪامياب بڻائڻ ۾ سهڪاريءَ طور سيف الله عيساڻيءَ جون خدمتون پڻ شامل رهيون

ڪراچيءَ ۾ مڙس هٿان زال قتل، ٽريفڪ حادثن ۽ فائرنگ جي واقعن ۾ 6 ڄڻا مارجي ويا

پوليس پاران ٻن مبينا ڌاڙيلن ۽ آرمي آفيسر ظاهر ٿي رقم ڦرڻ جي الزام ۾ ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو

سپر هاءِ وي تي تارون چوري ڪندي ڪرنٽ لڳڻ سبب جوابدار فوت، ملير حبيب احمد جو ڳاهو لڳل لاش مليو

نيو گوليمار ۾ نامعلوم گاڏيءَ جي ٽڪر ۾ 35 سالن جو شخص ۽ ناظم آباد ۾ نوجوان امتياز فوت ٿي ويو

ڪورنگي زمان ٽائون ۾ مڙس پاران 30 ورهين جي زال اياز کي فائرنگ ڪري قتل ڪري ڇڏيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچيءَ جي مختلف علائقن ۾ پوليس مقابلن، ٽريفڪ حادثن ۽ بجليءَ جو ڪرنٽ لڳڻ وارن واقعن ۾ مجموعي طور 6 ڄڻا فوت ٿيڻ جا اطلاع آهن. جڏهن ته پوليس ٻن زخمي جوابدارن سميت ٻن مبينا ڌاڙيلن کي گرفتار ڪري ورتو آهي ٻئي طرف پاڪستان آرمي جا آفيسر ظاهر ڪري شهرين کان رقم ڦرڻ ۽ فراڊ ڪرڻ جي الزام ۾ قومي سائبر ڪرائم جاچ اداري ڪورنگيءَ مان ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪيو آهي ملير ۾ هڪ شخص جو ڳاهو لڳل لاش پڻ هٿ آيو آهي ڪراچيءَ جي جمشيد ڪوارٽرز ۽ سچل ٿاڻن جي حدن ۾ پوليس ۽ مختلف مقابلن دوران ٻن زخمين سميت ٻن مبينا ڌاڙيلن کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدارن وٽان غيرقانوني هٿيار، گوليون، روڪ رقم ۽ ڦر ڪيل موٽر سائيڪلون هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. پوليس موجب جوابدار اوڀر، ڪورنگي ۽ سٽي ضلعن ۾ ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث هجڻ جو اعتراف ڪري چڪا آهن گرفتار جوابدارن ۾ طيب ولد ابراهيم نصير ولد عبدالعزيز ۽ وسيم ولد شمس الدين شامل آهن جن مان طيب ۽ وسيم زخمي آهن پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدارن خلاف ڦر، موٽر سائيڪلون چوري ڪرڻ، منشيات فروشي ۽ غيرقانوني هٿيار رکڻ جا ڪيس اڳ ئي داخل آهن، جڏهن ته وڌيڪ جاچ جاري آهي ٻئي پاسي ڪراچيءَ جي سپر هاءِ وي تي ڳڏاپ سٽي جي ديهه ڳوٺ پرسان بجليءَ جون تارون چوري ڪرڻ جي ڪوشش دوران ڪرنٽ لڳڻ سبب 40 کان 45 سالن جو هڪ نامعلوم شخص فوت ٿي ويو ايڌي ايمبولينس ذريعي لاش عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو ملير جي لياقت مارڪيٽ پرسان گهر مان 43 سالن جي حبيب احمد ولد عبدالحفيظ جو ڳاهو لڳل لاش هٿ آيو. جنهن کي ايڌهي ايمبولينس ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو واقعي جا سبب معلوم نه ٿي سگهيا آهن. ڪراچيءَ جي نيو گوليمار ۾ رضويه ڪٽ پرسان نامعلوم گاڏيءَ جي ٽڪر ۾ موٽر سائيڪل سوار لڳ ڀڳ 35 سالن جو شخص فوت ٿي ويو ذريعن موجب فوتي جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي ۽ لاش عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو نارٿ ناظم آباد ۾ بورڊ آفيس پرسان دل پسند سوئيٽس وٽ ڪار جي ٽڪر ۾ موٽر سائيڪل سوار 28 سالن جو امتياز فوت ٿي ويو ايمبولينس ذريعي لاش عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو. هوڏانهن قومي سائبر ڪرائم جاچ اداري جي ڪراچي زون ڪورنگي انڊسٽريل ايريا ۾ ڪارروائي دوران پاڪستان آرمي جا آفيسر ظاهر ڪري شهرين کان رقم وٺڻ جي الزام ۾ ٻن جوابدارن مزمل ولد بدرالدين قريشي ۽ حمزه ولد محمد اسلم کي گرفتار ڪيو ويو اداري جي پڌرائي موجب جوابدار پاڻ کي سينيئر فوجي ۽ سرڪاري آفيسر ظاهر ڪري سرڪاري کاتن ۾ اثر رسوخ هجڻ جون دعوائون ڪندا هئا ۽ شهرين کي بدلين، مقررين ۽ ٻين سرڪاري ڪمن ڪرائڻ جا ڏاٽا ڏئي رقم وٺندا هئا. جوابدارن خلاف ڪيس نمبر 114/2026 اليڪٽرانڪ ڏوهن جي روڪٿام واري قانون جي ڪلم 13، 14 ۽ 16 ۽ پاڪستان پينل ڪوڊ جي ڪلم 109 تحت داخل ڪيو ويو آهي واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا | 16 | روزاني عبرت

حوثين کي مقدس هنڌن جو ڪو به احترام ناهي. اسلامي تعاون تنظيم جي هڪ بيان موجب او آءِ سي جي سيڪريٽري جنرل حوثين پاران مڪي مديني، طائف ۽ جده سميت ٻين هنڌن تي بزدلاڻا حملن کي ناقابل قبول قرار ڏنو اسلامي تعاون تنظيم جي سيڪريٽري جنرل اسماعيل بن شيخ احمد چيو ته عرفات جي ميدان جي ويجهو وادي محسر کي نشانو بڻائڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته حوثين کي مقدس هنڌن ۽ عام ماڻهن جي تحفظ جو ڪو به احترام ناهي مسلم دنيا کي حوثي انتهاپسندن کي دٻائڻ ۽ انهن جي مجرمانه سرگرمين کي ختم ڪرڻ لاءِ هڪ مضبوط ۽ ذميوار موقف اختيار ڪرڻ گهرجي. اسماعيل بن شيخ احمد چيو ته اسلامي مقدس هنڌن جي بي حرمتي پوري مسلم برادري تي حملو آهي. عالمي برادري پاران اسلامي مقدس هنڌن تي حملن جي خلاف فوري ڪارروائي ۽ انهن حملن جي ذميوارن کي جوابده قرار ڏيڻ ضروري آهي او آءِ سي جي سيڪريٽري جنرل سعودي عرب سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو

NOTICE

اسٹاف نمبر 10107 لانس نائیک ممتاز احمد (ریٹائرڈ)، سیکورٹی گارڈ ولد پیر محمد آپکو آگاہ کیا جاتا ہے کہ آپ پاکستان ڈیفنس آفیسرز ہاوسنگ اتھارٹی کراچی میں مورخہ 2 جولائی 2026 سے بطور سیکورٹی گارڈ بھرتی ہوئے تھے، 22 اگست 2026 سے ادارے سے غیر حاضر ہیں، اور ادارے کو آگاہ بھی نہیں کیا۔ حتیٰ کہ آپکو پاکستان ڈیفنس ہاوسنگ اتھارٹی کراچی کے سروس رولز کے مطابق تین اظہار وجوہ کے نوٹسز مختلف تاریخوں میں بذریعہ پوسٹل / کوریئر سروس بھیجے گئے مگر آپ نے کوئی رد عمل نہیں دیا۔ آپکو اس اشتہار کے ذریعے مطلع کیا جاتا ہے کہ آپ 10 دنوں کے اندر اندر اپنی ڈیوٹی پر حاضر ہوجائیں بصورت دیگر ادارہ اپنا حق محفوظ رکھتا ہے کہ ادارہ جاتی کاروائی کرتے ہوئے آپ کو نوکری سے برخاست کردے۔

پاکستان ڈیفنس آفیسرز ہاوسنگ اتھارٹی کراچی
B-2 اسٹریٹ فیز ون، ڈی ایچ اے کراچی ۷۵۵۰۰
فون نمبر 589-589-111 (21-92+)
فیکس نمبر: 35886406
Website, www.dhakarachi.org

ايڊيٽوريل

مهانگائيءَ تي ضابطو حڪومت لاءِ وڏو امتحان

صفحو 4

محمود شاهه

سرڪاري يونيورسٽين جو گهربل ڪردار

صفحو 4

روزاني عبرت

هيو سڀ ڪجهه ٺهيو پر عوام کي ٻه ويلا کاڌو کائڻ ڏيو!

ايڊووڪيٽ عبيدالله چڇڙ

صفحو 4

نور سنڌي

ڪاڇي جي ساهه جا سهارا، ڪنپ

صفحو 4

شهدادپور ۾ سٽي ٽري فيڊر لوڊشيڊنگ فري قرار،حيسڪو چيف پاران اعلان

حيسڪو پاران لوڊشيڊنگ فري فيڊرز جي فهرست ۾ 80هين فيڊر جو اضافو ڪيو ويو

حيسڪو آپريشن ڊويزن ٽنڊوآدم جي سب ڊويزن شهدادپور ٽو جي ماتحت فيڊر سٽي ٽري کي لوڊشيڊنگ فري قرار ڏنو آهي:فيض الله ڌاهري

سٽي ٽري فيڊر تي 66 ٽرانسفارمر لڳل آهن،630 ڪنيڪشن آهن،جن ۾ 540 گهريلو، 77 ڪمرشل ۽ 13 صنعتي شامل آهن:حيسڪو ترجمان

شهدادپور(ن ع)شهدادپور ۾ سٽي ٽري فيڊر لوڊشيڊنگ فري قرار، حيسڪو چيف فيض الله ڌاهري پاران باضابطا اعلان،شهدادپور حيسڪو پاران لوڊشيڊنگ فري فيڊرز جي فهرست ۾ 80هين فيڊر جو اضافو ڪيو ويو آهي شهدادپور جي 11 ڪي وي سٽي ٽري فيڊر کي لوڊشيڊنگ فري قرار ڏنو ويو جنهن جو باضابطا اعلان حيسڪو چيف فيض الله ڌاهري شهدادپور ۾ منعقد ٿيل تقريب دوران ڪيو،مذڪوره فيڊر حيسڪو آپريشن ڊويزن ٽنڊوآدم جي سب ڊويزن شهدادپور ٽو جي ماتحت آهي حيسڪو ترجمان محمد صادق ڪُبر موجب سٽي ٽري فيڊر تي مجموعي طور 66 ٽرانسفارمر لڳل آهن جڏهن ته فيڊر جا ڪل 630 ڪنيڪشن آهن جن ۾ 540 گهريلو 77 ڪمرشل ۽ 13 صنعتي ڪنيڪشن شامل آهن،ان موقعي تي فيڊر کي لوڊشيڊنگ فري ڪرڻ بابت مفاهمت جي يادداشت (ايم او يو) تي پڻ صحيحون ڪيون ويون آل سنڌ انجمن تاجران جي صدر جاويد قريشي آل ڪاٽن فيڪٽريز جي سربراهه ڊاڪٽر ليلا رام ۽ حيسڪو پاران ايس اي سرڪل نوابشاهه گلزار احمد دستي ۽ ايڪسئين ٽنڊوآدم غياث الدين معاهدي تي صحيحون ڪيون،تقريب ۾ حيسڪو چيف انجنيئر ڪي اينڊ جي امير ميمڻ ڊي جي ميراد عبدالماجد جتوئي ايس اي گلزار احمد دستي ايڪسئين ٽنڊوآدم غياث الدين حيسڪو ترجمان محمد صادق ڪُبر ايل او فراز اشرف، ايس ڊي او شهدادپور ٽو نديم سعيد راجپوت سميت ٻين آفيسرن شرڪت ڪئي،ان موقعي تي ڊاڪٽر ليلا رام جاويد قريشي مظهر حسين جوڻيجو ڪاٽن فيڪٽريز جي صدر سيٺ ٻلش سيٺ ڪشن خادم حسين تاج محمد ڌاهري، رضا محمد ڌاهري، حيسڪو جي اڳواڻي بي او ڊي ميمبر ڊاڪٽر ڪرشن لقمان راجپوت انور جمال آصف شيخ جنيد احمد ڌاهري ۽ مشتاق ڌاهري سميت علائقي جي معززن ۽ واپارين پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

OPERATION DIVISION HESCO
TANDO ADAM
NADEEM SAEED RAJPUT
OPERATION SUB DIVISION
HESCO SHAHDADPUR 2
EXECUTIVE ENGINEER

شهدادپور: منعقد تقريب ۾ حيسڪو چيف فيض الله ڌاهري ۽ ٻيا ويٺل آهن

پنوعاقل لڳ ڳوٺ نوراجا ۾ ڪارنهن جي الزام ۾ عورت صائمه سميجو قتل

قانوني ڪارروائي بعد صائمه سميجو جو لاش ايڌي ايمبولينس ذريعي تعلقه اسپتال پنوعاقل منتقل ڪيو ويو

ڳوٺ نوراجا ۾ ڏير بيواهه ڀاڄائي کي گوليون هڻي قتل ڪري واقعي واري هنڌ تان فرار ٿي ويو: صوبل سميجو

منهنجي ڌيءُ ڪاري ناهي،هن سال اڳ نياڻي جو مڙس مهرڻ قتل ڪيو هو، هاڻي ڏير ناحق نياڻي قتل ڪئي آهي

نوراجا ۾ عورت صائمه سميجو قتل،اطلاع مليو آهي ته عورت کي ڏير قتل ڪيو آهي وڌيڪ جاچ ڪيون پيا:پوليس

پنوعاقل(ن ع)ڳوٺ نوراجا ۾ ڪارنهن جي الزام ۾ عورت صائمه سميجو قتل ٿي وئي،پوليس قانوني ڪارروائي بعد لاش ايڌي ايمبولينس ذريعي تعلقه اسپتال پنوعاقل منتقل ڪئي وئي،اسندس برادري جي دشمني تان قتل ڪئي وئي آهي، قتل ٿيل ناري جو والد صوبل سميجو جو موقف،ڳوٺ نوراجا ۾ ڏير بيواهه ڀاڄائي کي گوليون هڻي قتل ڪري واقعي واري هنڌ تان فرار ٿي ويو عورت جي والد جو چوڻ آهي ته منهنجي ڌيءُ ڪاري ناهي ۽ سال نياڻي جو مڙس مهرڻ قتل ڪيو هو هاڻي ڏير ناحق نياڻي قتل ڪئي آهي،ڳوٺ نوراجا ۾ ڌڙي تي ويٺل صائمه سميجو گولين جو نشانو بڻجي وئي وارثن جو زمين جي تڪرار تان قتل جو الزام مقتولا جي پيءُ صوبل سميجو موجب راشد سميجو سندس ڌيءُ صائمه زال مرحوم نظير سميجو کي پسٽل جا فائر ڪري قتل ڪيو. ٻائيجي پوليس موجب ٻائيجي ٿاڻي جي حد نوراجا ۾عورت صائمه سميجو قتل،اطلاع مليو آهي ته عورت کي ڏير قتل ڪيو آهي وڌيڪ جاچ ڪيون پيا

ڏوڪري ۾ ٽماٽن جا اگهه اوچتو وڌي ويا، آبادگارن ۾ خوشي

10ڪلو ٽماٽن جي ٿيلهي وڌي 700 کان 800 رپين تائين پهچي وئي

ٽماٽن جي اگهن ۾ اوچتي واڌ سبب آبادگارن کي نقصان مان نڪرڻ جي اميد

ڏوڪري(ن ع)ڏوڪري ۾ ٽماٽن جا اگهه اوچتو وڌي ويا، آبادگارن ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي،10 ڪلو ٽماٽن جو شاپر 100 کان 150 رپين مان وڌي 700 کان 800 رپين تائين پهچي ويو آبادگارن کي نقصان مان نڪرڻ جي اميد. ڏوڪري ۽ ڀرپاسي ۾ ٽماٽن جي اگهن ۾ اوچتي واڌ سبب ٽماٽن جي پوک سان لاڳاپيل آبادگارن ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي آهي. گذريل مهيني 10 ڪلو ٽماٽن جو شاپر 100 کان 150 رپين ۾ وڪرو ٿي رهيو هو جيڪو هاڻي وڌي 700 کان 800 رپين تائين پهچي ويو آهي. اگهن ۾ واڌ سبب مسلسل نقصان برداشت ڪندڙ آبادگارن کي ڪجهه رليف ملڻ جي اميد پيدا ٿي آهي.تفصيل موجب ڏوڪري تعلقي ۽ ڀرپاسي ۾ سوين ايڪڙن تي ٽماٽن جي پوک ڪئي وڃي ٿي، جيڪا علائقي جي زميندارن جي آمدني جو اهم ذريعو آهي. گذريل مهيني اگهه گهٽجڻ سبب آبادگار سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا هئا. فصل جي لاباري، مزدوري، ٻج، زرعي دوائن، آبپاشي ۽ ٽرانسپورٽ جا خرچ پورا ڪرڻ به ڏکيو ٿي پيو هو پر هاڻوڪي واڌ سبب آبادگارن ۾ اميد پيدا ٿي آهي. اگهن ۾ واڌ جا اصل سبب ڄاڻڻ لاءِ مارڪيٽن ۾ رسد، گهرج ۽ سرحد پار واپار جي صورتحال جو جائزو وٺڻ ضروري آهي.زميندارن جو چوڻ آهي ته زرعي پيداوار جا مناسب اگهه ملڻ ضروري آهن،ڇاڪاڻ ته مسلسل نقصان سبب آبادگار ايندڙ فصلن جي پوک بابت به پريشان ٿين ٿا. زراعت ملڪ جي ترقيءَ لاءِ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکي ٿي،تنهنڪري حڪومت کي گهرجي ته زرعي شعبي جي ترقي ۽ آبادگارن جي خوشحاليءَ لاءِ خاص پيڪيج جو اعلان ڪري،حڪومت کي اهڙي زرعي پاليسي جوڙڻ گهرجي جنهن سان آبادگارن کي سندن محنت جو مناسب معاوضو ملي ۽ عوام کي به ميوا ۽ ڀاڄيون مناسب اگهن تي فراهم ٿي سگهن. ڏوڪري ۽ ڀرپاسي ۾ ٽماٽن جي اگهن ۾ واڌ آبادگارن لاءِ اميد جو سبب بڻيل آهي، پر زرعي شعبي جي بهتريءَ لاءِ اگهن ۾ استحڪام ۽ آبادگارن جي معاشي تحفظ کي يقيني بڻائڻ ضروري آهي

ڏوڪري: ٽماٽن جا فصل ۽ چونڊيل ٽماٽا

ڊسٽرڪٽ فيڊريشن بدين پاران خواجه هيريٽيج ڊي جي تقريب

فيڊريشن جي باني مرحوم محمد علي جي نالي سان منعقد ڪئي وئي

فيڊريشن جي تاريخ ۽ برادري لاءِ ڪيل خدمتن بابت تفصيلي طور تي روشني وڌي وئي

بدين (ڊ ر)ڊسٽرڪٽ فيڊريشن بدين پاران خواجه هيريٽيج ڊي جي حوالي سان شاندار تقريب ڊسٽرڪٽ فيڊريشن بدين پاران خواجه هيريٽيج ڊي جي حوالي سان فيڊريشن جي باني مرحوم محمد علي جي نالي سان هڪ پروقار تقريب العباس هال بدين ۾ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ خواجه برادري سان تعلق رکندڙ معزز شخصيتن، ڊاڪٽرن، استادن، شاگردن، سماجي ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، تقريب جو مهمان خاص پاڪستان فيڊريشن جي ٻهرين صدر جناب الطاف ڪڪريا والا هو جڏهن ته اعزازي مهمانن ۾ رٽائرڊ سيشن جج جناب اقبال خواجه، سينيئر سول جج جناب ارسلان مهدي ۽ ٻي ايڇ او بدين ڊاڪٽر وسيم خواجه شامل هئا. تقريب کي خطاب ڪندي مهمان خاص جناب الطاف ڪڪريا والا چيو ته ڪراچي جي خواجه ڪميونٽي جي خواهش ۽ ڪوشش آهي ته برادري جي ڀلائي لاءِ اجتماعي طور تعليم، صحت ۽ ڇت جهڙين بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ ڪم ڪيو وڃي، جڏهن ته ان سلسلي ۾ ڊسٽرڪٽ فيڊريشن بدين جو سهڪار ۽ ڪردار ساراهه جوڳو آهي. تقريب کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر مختيار حسين جعفري ڊسٽرڪٽ فيڊريشن بدين جي 22 سالن تي ٻڌل تاريخ ۽ برادري لاءِ ڪيل خدمتن بابت تفصيلي طور تي روشني وڌي، ڊسٽرڪٽ فيڊريشن بدين جي چيئرمين ڊاڪٽر شفقت حسين جعفري پنهنجي استقباليه خطاب ۾ ڪراچي مان آيل مهمانن، بدين جي مخير حضرات ۽ تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن جا ٿورا مڃيندي چيو ته فيڊريشن پاران برادري جي ڀلائي لاءِ مختلف شعبن ۾ خدمتون سرانجام ڏيندڙ ۽ تعليم جي ميدان ۾ نمايان ڪاميابيون حاصل ڪندڙ ماڻهن کي سندن ڪارڪردگي جي اعتراف طور مڃتا ايوارڊ ڏنا ويندا ته جيئن برادري ۾ سماجي ۽ تعليمي خدمتن جو جذبو وڌيڪ اجاگر ٿئي، ان موقعي تي بدين، ٽنڊو شهه تلهار ٽنڊو باگو ماڙهري، ڪڍڻ ۽ ٻلهڙو سميت مختلف علائقن جي جماعتن سان تعلق رکندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين پاران خواجه هيريٽيج جي حوالي سان پنهنجي تاريخ پيش ڪئي وئي بدين جماعت ۽ رحيم پبلڪ اسڪول بدين جي سهڪار سان 'هيريٽيج' جي عنوان سان خوبصورت ٽيبلو پڻ پيش ڪيو ويو، جنهن کي شرڪت ڪندڙن پاران ڀرپور موٽ ملي تقريب دوران خواجه برادري سان تعلق رکندڙ ايف سي پي ايس ڊاڪٽرن، تعليم جي ميدان ۾ نمايان ڪاميابي حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ سماجي خدمتن ۾ سرگرم مردن توڙي عورتن کي سندن خدمتن جي اعتراف طور 40 کان وڌيڪ مڃتا ايوارڊ پڻ ڏنا ويا

ڪمال ديرو ۾ قتل ٿيل ڇهن ڄڻن مان هڪ ڌر پاران ڪيس داخل

عورت حاڪم زادي جي فرياد تي بکري ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو

ڪيس داخل ٿيڻ بعد جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪارروايون جاري آهن:پوليس

ڪمال ديرو (ن ع)ڪمال ديرو جي ڪچي واري علائقي ۾ ڳوٺ خيرو ديرو ۾ ڪلهوڙا برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٿيل جهيڙي دوران قتل ٿيل ڇهن ڄڻن مان هڪ ڌر پاران عورت حاڪم زادي جي فرياد تي بکري ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي مسمات حاڪم زادي زال اعجاز ڪلهوڙو جي فرياد تي جوابدار پيرل ڪلهوڙو، مستي ڪلهوڙو ، نادر ڪلهوڙو ، سونل ، مصري ، سعيد سميت 9 سڃاتل جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري ورتو آهي فريادڻ داخل ڪرايل ڪيس ۾ موقف اختيار ڪيو آهي ته مذڪوره جوابدارن زمين جي معاملي تان پاڻي جي واري تي ويل راڄا ڪلهوڙو ، ضمير ، عبدالجبار ڪلهوڙو زمين تي پاڻي وهي رهيا هئا ته مذڪوره جوابدارن مٿن فائرنگ ڪري ڪين قتل ڪيو جڏهن ته جوابدارن اسان جي چئن ڄڻن کي گوليون هڻي زخمي ڪري وڌو آهي هوڏانهن پوليس موجب ڪيس داخل ٿيڻ بعد جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪارروايون جاري آهي

سنجهورو پرسان ڳوٺ خداڏنو شاهه ابڙو ۾ ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو

ڪهاڙين جي ڦهڪن ۽ سروٽن لڳڻ سبب ڪيترائي ڄڻا زخمي ٿي پيا

زخمين کي طبي امداد لاءِ تعلقه سول اسپتال سنجهورو منتقل ڪيو ويو

سنجهورو (ت ر)سنجهورو پرسان ڳوٺ خداڏنو شاهه ابڙو ۾ ٻن ڌرين وچ ۾ مبينا جهيڙي جو واقعو پيش آيو جنهن دوران ڪهاڙين جي ڦهڪن ۽ سروٽن لڳڻ سبب ڪيترائي ڄڻا زخمي ٿي پيا. زخمين کي طبي امداد لاءِ تعلقه سول اسپتال سنجهورو منتقل ڪيو ويو جڏهن ته هڪ زخمي جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي.تفصيل موجب، صادق ابڙو واري ڌر جي دعويٰ آهي ته هو سنجهورو شهر جي النور گارڊن شادي هال مان دعوت کائي واپس پنهنجي ڳوٺ وڃي رهيا هئا ته ڪڏڙو روڊ تي ڳوٺ ڏانهن ويندڙ رستي تي فوجي غلام رسول واري ڌر مٿن حملو ڪيو.مليل ڄاڻ موجب، مبينا جهيڙي دوران مهر علي ابڙو، ظهور الاهي، سبحان علي، سدورو علي غلام، شهباز ۽ شاهد زخمي ٿي پيا. زخمين کي فوري طور اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي کين طبي امداد ڏني وئي. ٻڌايو پيو وڃي ته زخمي مهر علي ابڙو جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي ۽ ڪيس مبينا طور بيهوشي واري حالت ۾ اسپتال پهچايو ويو.هوڏانهن سنجهورو پوليس موجب، جهيڙي دوران فوجي غلام رسول واري ڌر جا به ٻه ڄڻا زخمي ٿيا آهن جن کي سول اسپتال سانگهڙ منتقل ڪيو ويو آهي.پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي جڏهن ته ٻي ڌر جو موقف هن وقت تائين سامهون نه اچي سگهيو آهي. جهيڙي جو ڪارڻ پراڻي هلندڙ تڪرار ٻڌايو وڃي پيو. جنهن ۾ 2 سال اڳ ٻنهي ڌر جي جهيڙي ۾ هڪ قتل به ٿيو هو جنهن جي ڪري پراڻي تڪرار هلندڙ هئي ٻڌايو وڃي ٿو ته رستي جي لنگهه تان ٻنهي ڌرين ۾ تڪرار بعد جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ ٻنهي ڌرين جا 8 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن جن کي تعلقه جڏهن ته زخمي محب علي ابڙو کي حيدرآباد ريفر ڪيو ويو جڏهن ته ٻي ڌر جي مهر علي ابڙو نوابشاهه ريفر ڪيو ويو آهي باقي زخمين کي تعلقه سنجهورو منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته پوليس ٻنهي ڌرين جي اين سي داخل ڪري وڌيڪ ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي

ايم ايس ايف فنڪشنل ليگ ضلعي ٿرپارڪر جي گڏجاڻي

مٺي(ڊ ر)پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ضلعي ٿرپارڪر ۾ MSFضلع ٿرپارڪر جي باڊي ۽ MSFتعلقن جا صدر جنرل سيڪريٽري کي گهرايو ويو گڏجاڻي ۾صوبائي قيادت MSFصوبائي صدر محمد محسن هنگورو،سينئر نائب صدر نويد گاڏي واڻ جنرل سيڪريٽري نقاش مري، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري محب مگريو،جوائنٽ سيڪريٽري وقار جمالي، انفارميشن سيڪريٽري عاطف علي آرائين شرڪت ڪئي ٿرپارڪر MSFضلعي جي باڊي جا نوٽيفڪيشن جاري ڪيا ويا گڏجاڻي ضلعي ٿرپارڪر صدرحاجي حاجي سلطان راڄڙ ۽ جنرل سيڪريٽري حبيب الله راهمون صاحب جي اڳواڻي ۾ ٿي ان گڏجاڻي جي موقعي تي بورلي محمود شاهه جي گادي نشين سيد سائين ڏنو شاهه، الهجڙيو وڪيو اڪبر وڪيو نظام الدين راڄڙ الهجڙيو ۽ ٻيا معزز شريڪ هئا صوبائي قيادت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته تنظيم سازي اسان کي مضبوط ڪرڻي آهي. يونس سائين جو چوڻ آهي ته نوجوان قيادت اڳتي اچي هميشه جنهن ٻيڙي ۾ نوجوان شريڪ هوندا اها ٻيڙي ڪڏهن به نه ٻڏندي. محسن هنگورو پنهنجي خيالن جي اظهار ۾ چيو ته اسان جو ازم آهي ته اسان سنڌ ۾ MSF کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين

پيرجوڳوٺ پرسان علي حيدر شاهه راشدي جي سريٽنجي ۾ جاگيراڻي سولنگي تڪرار جو نبيرو

گمبٽ (ت ر)پيرجوڳوٺ پرسان ڪوٽ پل واري علائقي ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ مبينا ڦر مزاحمت دوران گولي لڳڻ سبب زخمي ٿيل جنسار علي جاگيراڻي واري واقعي بعد جاگيراڻي سولنگي برادري وچ ۾ شروع ٿيل ڇڪتاڻ جو نبيرو پيرجوڳوٺ ۾ سيد علي حيدر شاهه راشدي جي سريٽنجي ۾ نبيرو ٿي گذريو ڌرين جون ڳالهيون ٻڌڻ بعد سولنگي برادري معان جنسار جاگيراڻي کي زخمي ڪرڻ جا 5 لک رپيا ڏنڊ وڌو ويو جڏهن ته سولنگي برادري جي ڳوٺ معان حملو ڪري فائرنگ ڪرڻ جا به لک جاگيراڻي برادري تي ڏنڊ وڌو ويو ڏنڊ جي رقم ٻن قسطن ۾ ادا ڪنديون جڏهن ته نبيري بعد ڌريون کير کنڊ ٿي ويون

مسوڀرڳڙي لڳ مرحوم سيد الهيار شاهه جو ساليانو عرس مبارڪ ملهايو ويو

مسوڀرڳڙي(ن ع)مسوڀرڳڙي لڳ درگاهه شاهه شيرازي تي ناميارو بزرگ، درويش صفت، انسان دوست ۽ ديندار شخصيت مرحوم سيد الهيار شاهه جو ساليانو عرس نهايت عقيدت احترام ۽ روحاني جذبي سان ملهايو ويو عرس جي موقعي تي مزار مبارڪ تي گلن جي چادر چاڙهي وئي ۽ تاج پوشي ڪري عقيدت جا گل نڇاور ڪيا ويا. تقريب ۾ علائقي جي معزز شخصيتن سيد گهراڻي جي معزز بزرگن، عالمن صحافين ۽ عقيدتمندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي،عرس جي موقعي تي سيد ڏٽي ڏنو شاهه سيد سڪندر علي شاهه سيد سومار شاهه حاجي امتياز علي شاهه سيد سليمان شاهه سيد وجاهت علي شاهه سيد مشتاق علي شاهه سيد شيراز شاهه صحافي محبوب علي خاصخيلي، مولوي عبيدالله ڪيريو محمد سومار هاليپوٽو الله بخش هاليپوٽو ۽ ٻين معزز شخصيتن شرڪت ڪري مرحوم سيد الهيار شاهه سان پنهنجي عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪيوان موقعي تي آيل مهمانن پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته مرحوم سيد الهيار شاهه هڪ درويش صفت، انسان دوست، ديندار ۽ ولي صفت شخصيت جا مالڪ هئا، جن جي زندگي محبت، عاجزي، رواداري، انسانيت جي خدمت ۽ نيڪيءَ جي جذبي سان ڀرپور هئي سندن شخصيت علائقي جي ماڻهن لاءِ عزت، احترام ۽ عقيدت جو مرڪز رهي آهي اهڙيون روحاني ۽ باوقار شخصيتون پنهنجي نيڪ ڪردار اعليٰ اخلاق ۽ انسانيت سان محبت سبب ماڻهن جي دلين ۾ هميشه زنده رهنديون آهن.هنن وڌيڪ چيو ته بزرگن جي ياد ۾ ساليانو عرس ملهائڻ جو مقصد سندن نيڪ تعليمات، روحاني خدمتن ۽ انسان دوست ڪردار کي ياد ڪرڻ سان گڏ ايندڙ نسلن تائين سندن پيغام پهچائڻ پڻ آهي مرحوم سيد الهيار شاهه جهڙين باڪردار شخصيتن جي زندگي اسان کي محبت، ڀائيچاري، عاجزي، امن ۽ انسانيت جي خدمت جو درس ڏئي ٿي.عرس جي موقعي تي مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ دعا پڻ ڪئي وئي جڏهن ته بعد ۾ في سبيل الله خيرات جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ عقيدتمندن ۽ آيل مهمانن شرڪت ڪئي.عرس جي تقريب دوران روحاني عقيدت، محبت ۽ احترام واري فضا قائم رهي علائقي جي معزز ماڻهن ۽ عقيدتمندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري مرحوم سيد الهيار شاهه سان پنهنجي گهري عقيدت جو اظهار ڪيو

ميهڙ: بنيادي مسئلن جي حل لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

ميهڙ ۾ بنيادي مسئلن جي حل لاءِ 43هين ڏينهن به احتجاجي ريلي

ڍول شرناين سان انوکو احتجاج،چونڊيل نمائندن ۽ انتظاميه خلاف نعريبازي

پ پ جي اقتداري دور ۾ ميهڙ جا شهري صاف پاڻيءَ کان محروم آهن:اڳواڻ

ميهڙ (ن ع)ميهڙ ۾ بنيادي مسئلن جي حل لاءِ شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي 43هين ڏينهن به احتجاجي ريلي ميهڙ: پيپلز پارٽيءَ جي 18 سالن جي اقتداري دور ۾ به ميهڙ واسين کي پيئڻ جو صاف پاڻي نه ملڻ واٽر سپلاءِ ۽ فلٽر پلانٽ ناڪارا هجڻ واٽر سپلاءِ جون لائينون هنڌان هنڌان ٽٽل هجڻ ڪالونيون گهٽيون ۽ محلن ۾ گندگيءَ جا ڍير روڊ رستا تباهه هجڻ اسپتالن ۾ دوائن جي کوٽ، مختلف شعبن جي غيرفعال هجڻ سرڪاري تعليمي ادارن کي خانگي ڪري بجيٽ هڙپ ڪرڻ مونو ٽيڪنيڪل ڪاليج کي بند ڪري زبيٽيڪ حوالي ڪرڻ ۽ امن امان جي خراب صورتحال خلاف شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي 43هين ڏينهن به احتجاجي ريلي ڪڍي وئي،سياسي، سماجي، واپاري اڳواڻن سول سوسائٽيءَ جي نمائندن دڪاندارن بلدياتي اليڪشن ۾ چونڊيل ڪائونسلرن ۽ سوين شهرين ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي هٿن ۾ گيالين کڻي ڍول شرنايون وڄائي انوکو احتجاج ڪيو،شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي ٻرڙو پي ٽي آءِ تعلقي صدر محمد ايوب ڪوسو قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ ايڊووڪيٽ مير ڪوسو لاڙڪاڻو هاءِ ڪورٽ بار جي وڪيل عابد حسين ڪلهوڙو وڪيل محمد علي ڪانڌڙو حافظ منظور چانڊيو محمد اسماعيل بروهي عبدالمجيد مهيسر محمد هاشم ٻرڙو فتاح شاهه زبير سمون نبيل پنهور ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ ٻيڪو چوڪ کان گهنٽا گهر چوڪ ۽ آزاد پريس ڪلب ميهڙ تائين پيادل مارچ ڪري ريلي ڪڍي وئي،ان موقعي تي مظاهرين چيو ته پيپلز پارٽيءَ جي 18 سالن جي اقتداري دور ۾ به ميهڙ جا شهري پيئڻ جي صاف پاڻيءَ کان محروم آهن واٽر سپلاءِ ۽ فلٽر پلانٽ ناڪارا بڻيل آهن،جڏهن ته واٽر سپلاءِ جون لائينون هنڌان هنڌان ٽٽل آهن شهر جون ڪالونيون گهٽيون ۽ محلا گندگيءَ سان ڀريل آهن روڊ رستا تباهه آهن ۽ شهر ۾ ڪو به خاطرخواهه ترقياتي ڪم نه ٿي سگهيو آهي جنهن سبب شهري سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن،هنن چيو ته اسپتالن ۾ مريضن کي دوائون نٿيون ملن ميهڙ ۾ بدامني وڌي وئي آهي ۽ امن امان جي صورتحال انتهائي خراب ٿيڻ سبب شهري غيرمحفوظ بڻيل آهن سرڪاري تعليمي ادارن کي خانگي ڪري بجيٽ هڙپ ڪرڻ ۽ مونو ٽيڪنيڪل ڪاليج کي بند ڪري زبيٽيڪ حوالي ڪرڻ سان شهرين سان ناانصافي ڪئي پئي وڃي،مظاهرين وڌيڪ چيو ته ميهڙ مسئلن جو ڳوڙهه بڻجي ويو آهي چونڊيل نمائندا، تعلقي ۽ ضلعي انتظاميا مبينا ملي ڀڳت سان ماهوار ڪروڙين رپين جي بجيٽ هڙپ ڪرڻ ۾ پورا آهن جڏهن ته شهري 43 ڏينهن کان سراپا احتجاج بڻيل آهن پر ڪنهن جي به ڪن تي جونءِ نٿي چري،هنن مطالبو ڪيو ته ميهڙ ۾ امن امان بحال ڪري شهرين کي پيئڻ جو صاف پاڻي فراهم ڪيو وڃي واٽر سپلاءِ ۽ فلٽر پلانٽ بحال گندگيءَ جو خاتمو روڊ رستا تعمير اسپتالن ۾ دوائن جي فراهمي تعليمي ادارن جا مسئلا حل ۽ مونو ٽيڪنيڪل ڪاليج بحال ڪيو وڃي هنن چتاءُ ڏنو ته بنيادي مسئلن جي حل تائين روزاني بنيادن تي احتجاج جو سلسلو جاري رکيو ويندو

ليوي ڀتا ٽيڪس ختم ڪرو
پيٹرولیم مصنوعات کی قیمتیں کم کرو
احتجاجي ڌرڻا
جماعت اسلامي بدين
جماعت اسلامي ضلع بدين

بدين: پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن ۾ واڌ خلاف جماعت اسلامي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ميرپورخاص جي اي ڊي سي ون خلاف سماجي تنظيم پاران احتجاجي مظاهرو

اي ڊي سي ون نديم بلوچ جي انتقامي ڪارروائين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو

نديم بلوچ،منير شيخ خلاف ڪوڙ تي ٻڌل چارج شيٽ جاري ڪئي آهي:مظاهرين

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)ميرپورخاص جي سماجي تنظيم پاران اي ڊي سي ون نديم بلوچ جي انتقامي ڪارروائين خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون حسين عرف نصيرشيخ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي هن الزام هڻندي چيو ته اي ڊي سي ون نديم بلوچ اوڪيو پرايرٽي مير پور خاص جي انچارج منير احمد شيخ خلاف ڪوڙ تي ٻڌل چارج شيٽ جاري ڪئي آهي جنهن جي اسان سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا. هن چيو ته اوڪيو پرايرٽي جي انچارج منير احمد شيخ اي ڊي سي ون پاران 1 سيپٽمبر 2026 تي جاري ٿيل لکت ۾ حڪم تي شجاع آباد ۾ واقع 38ايڪڙ زمين جي جاچ ڪئي جيڪا زمين سرڪار جي ملڪيت ثابت ٿي اهڙي رپورٽ 1 آڪٽوبر 2026 تي اوڪيو پرايرٽي جي انچارج منير احمد شيخ ڏني ۽ انهي ڏينهن اي ڊي سي ون منيراحمد خلاف انتقامي ڪارروائي ڪندي معطل ڪري ماسري جي جاچ ڊي سي ملي حوالي ڪئي آهي هنن چيو ته اي ڊي سي ون اوڪيو پرايرٽي جي انچارج منير احمد شيخ خلاف آفيس ۾ نه اچڻ ماڻهن کي تنگ ڪرڻ، ڪورٽ ۾ پيش نه ٿيڻ جهڙا هٿ ٺوڪيا ڪوڙا الزام مڙهيا آهن هنن چيو ته جيڪڏهن منير احمد شيخ ڊيوٽي تي نٿو اچي ته پوءِ ماڻهن کي ڪيئن تنگ ڪندو هوندو هنن چيو ته اي ڊي سي ون نديم بلوچ منير شيخ خلاف انتقامي ڪارروائي ڪئي آهي منير احمد شيخ ايماندار ۽ فرض شناس آفيسر آهي هنن ميمبر بورڊ آف روينيو ۽ اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي ته منير شيخ خلاف ٿيل ڪارروائي جي شفاف جاچ ڪرائي ڪيس انصاف ڏنو ۽ ڪوڙا الزام هڻندڙ اي ڊي سي ون خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

حيدرآباد جي پ پ ڪارڪنن پاران آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاج

مختلف کاتن ۾ گريڊ هڪ کان 4 جا ملازم پگهارن لاءِ پريشان آهن:نجيب ابڙو

14سو اميدوار هئا جنهن مان اندازن 400اميدوارن کي جوائنٽنگ ملي وئي

پگهارون جاري نه ٿيون آهن هڪ هزار اميدوار آفر آرڊر کان محروم آهن

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد جي پ پ ڪارڪنن ۽ گريڊ هڪ کان 4 گريڊ جي ملازمن پگهارون نه ملڻ ۽ ڊي آرسي ۾ شامل اميدوارن آفر آرڊر نه ملڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون نجيب ابڙو نواز چانڊيو احمد سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيوان موقع تي هنن چيو ته حيدرآباد جي مختلف سرڪاري کاتن ۾ گريڊ هڪ کان 4 جا ملازم پگهارن لاءِ پريشان آهن ته ڪجهه ڊي آرسي لسٽ ۾ شامل اميدوار آفر آرڊرن لاءِ آفيسن جا ڌڪا کائڻ تي مجبور آهن،هنن چيو ته حيدرآباد ۾ 14سو اميدوار هئا جنهن مان اندازن 400اميدوارن کي جوائنٽنگ ملي وئي ۽ پگهارون جاري نه ٿيو آهن جڏهن ته هڪ هزار اميدوار آفر آرڊر کان محروم آهن،هنن چيو ته گريڊ هڪ کان 4جا ملازم انتهائي غريب ۽ مسڪين آهن جيڪي پگهارون نه ملڻ ۽ آفر آرڊر نه ملڻ سبب سخت پريشان آهن،هنن پ پ قيادت کي اپيل ڪئي ته حيدرآباد ۾ گريڊ هڪ کان 4جي ملازمن جا مسئلا جلد حل ڪرائي بيچيني ختم ڪرائي وڃي

مٺي ۾ گورنمينٽ رٽائرڊ ٽيچرس ايسوسيئيشن پاران احتجاجي ريلي

گروپ انشورنس،بينوئل فنڊ،صحت ڪارڊ،سن ڪوٽا،ميڊيڪل الائونس وڌايو:اڳواڻ

پراڻي پينشن پاليسي برقرار رکڻ ۽ پينشن مان ڪٽوتي نه ڪرڻ جو مطالبو

مٺي (ڊ ر)گورنمينٽ رٽائرڊ ٽيچرس ايسوسيئيشن (گرٽا) ضلع ٿرپارڪر پاران پرائمري اسڪول مٺي کان هڪ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جيڪا پريس ڪلب مٺي اچي پهتي، جنهن ۾ نواز علي جوڻيجو غلام علي ساهڙ محمد ابراهيم راهمون،سيپال سونارو،ڪنگهار سنگهه ڏڪر ۽ ٻين ٻه هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي شرڪت ڪئي،هنن سنڌ حڪومت کان پرزور مطالبو ڪيو ته گروپ انشورنس، بينوئل فنڊ، صحت ڪارڊ، سن ڪوٽا، ميڊيڪل الائونس وڌائڻ جو مطالبو ڪندي پراڻي پينشن پاليسي برقرار رکڻ ۽ پنشن مان ڪٽوتي نه ڪرڻ جو مطالبو پڻ ڪيو

مسوڀرڳڙي: سيد الهيار شاهه جي عرس جي موقعي تي مزار تي چادر چاڙهي پئي وڃي

وڳڻ ۾ عوامي ورڪرز پارٽي پاران صوبائي ليڪچر پروگرام منعقد

سياسي نظام، هارين، آبادگارن ۽ غريب پورهيتن تي خيالن جي ڏي وٺ

سياسي ۽ سماجي شعور کي هٿي وٺرائڻ لاءِ اهڙيون سرگرميون اهم قرار

وڳڻ (ن ع)عوامي ورڪرز پارٽي جو صوبائي ليڪچر پروگرام منعقد، هارين ۽ پورهيت طبقي جي حقن تي زور ڏنو ويو وڳڻ ۾ عوامي ورڪرز پارٽي سنڌ پاران صوبائي ليڪچر پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ علائقي جي مختلف مڪتب فڪر جي ماڻهن، سياسي پارٽين جي اڳواڻن ۽ سماجي شخصيتن شرڪت ڪئي،پروگرام دوران ملڪ جي موجوده سياسي نظام، هارين، آبادگارن ۽ غريب پورهيت طبقي جي حقن سميت عوام کي درپيش مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ان موقعي تي عظيم آڪٽوبر انقلاب 1917ع جي تاريخي اهميت تي پڻ روشني وڌي وئي،پروگرام کي عوامي ورڪرز پارٽي سنڌ جي صوبائي صدر ڪامريڊ علي نواز قاضي نظامائي ڊپٽي سيڪريٽري ڪامريڊ ملڪ بلوچ، تعليم ۽ تربيت سيڪريٽري ساحل گدا حسين، ضلعي جنرل سيڪريٽري احسان بلوچ ۽ عوامي ورڪرز پارٽي وڳڻ جي آرگنائيزر عامر خان وڳڻ خطاب ڪيو،اڳواڻن پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي هارين، آبادگارن، مزدورن ۽ غريب عوام جي حقن جي تحفظ، سماجي انصاف ۽ عوامي مسئلن جي حل جي اهميت تي زور ڏنو پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙن سياسي ۽ سماجي شعور کي هٿي وٺرائڻ لاءِ اهڙين سرگرمين کي اهم قرار ڏنو

سينارجا مان گذرندڙ سم نالي جي ڪاٽي نه ٿيڻ سبب پاڻي هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ داخل

سم نالي جو پاڻي اوور ٽاپ ٿيڻ ۽ مختلف هنڌن تان گهارا پوڻ ڪري تعليمي ادارن سميت گهرن ڳوٺن ۾ پاڻي داخل ٿي ويو

سم نالي جو پاڻي گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول سينارجا جي گرائونڊ ۾ داخل ٿي ويو نقصان پهچڻ جو خدشو

اسڪول جي گرائونڊ ۾ پاڻي بيهڻ سبب شاگردن جي تعليمي سرگرميون متاثر ٿيڻ لڳيون، عمارت ۽ سامان کي نقصان پهچڻ لڳو

مسئلي بابت بار بار احتجاج ۽ شڪايتون ڪيون ويون پر انتظاميا اڃا تائين ڪو به مستقل حل نه ڪڍي سگهي آهي:شهري

ٺري ميرواهه (رپورٽ:گلاب سهتو)سينارجا مان گذرندڙ سم نالي جي ڊگهي عرصي کان ڪاٽي نه ٿيڻ ۽ صفائيءَ جو مناسب انتظام نه هجڻ سبب نالي ۾ پاڻي جي نيڪال جو مسئلو سنگين صورت اختيار ڪري ويو آهي سم نالي جو پاڻي اوور ٽاپ ٿيڻ ۽ مختلف هنڌن تان گهارا پوڻ ڪري تعليمي ادارن سميت گهرن ڳوٺن ۾ پاڻي داخل ٿي ويو آهي سم نالي جو پاڻي گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول سينارجا جي گرائونڊ ۾ داخل ٿي ويو آهي جڏهن ته پاڻي اسڪول جي عمارت جي ويجهو پهچڻ سبب ڪلاس رومز کي نقصان جو انديشو آهي،اسڪول جي گرائونڊ ۾ پاڻي بيهڻ سبب شاگردن جي تعليمي سرگرميون متاثر ٿيڻ لڳيون آهن پاڻي اسڪول جي ڪلاس رومن تائين پهچي سگهي ٿو جنهن سان عمارت ۽ تعليمي سامان کي نقصان پهچڻ سان گڏ شاگردن جي تعليم پڻ متاثر ٿيڻ جو امڪان وڌي ويو آهي ٻئي طرف شهرين جو چوڻ آهي ته سم نالي جي ڪاٽي نه ٿيڻ سبب پيدا ٿيل مسئلي بابت بار بار احتجاج ۽ شڪايتون ڪيون ويون پر انتظاميا اڃا تائين ڪو به مستقل حل نه ڪڍي سگهي آهي تعليمي ادارا به پاڻي جي تباهڪارين کان محفوظ ناهن علائقي واسين اسڪارپ ڪاٽي ۽ ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي هنگامي بنيادن تي سم نالي جي ڪاٽي ۽ صفائي ڪرائي وڃي جيئن پاڻي جي نيڪال کي يقيني بڻائي سگهجي ۽ اسڪول جي عمارت سميت ڀرپاسي جي آبادين کي وڌيڪ نقصان کان بچائي سگهجي

ٺري ميرواهه: اسڪول ٻاهران پاڻي تلاءُ جي صورت ۾ بيٺل آهي

خيرپور ويجهو ٽائي راڊ ٽٽڻ سبب ڪار روهڙي ڪينال ۾ ڪري پئي،فنڪار ساگر شاهه ٻڏي ويو

ريسڪيو عملي ڪار ۾ سوار سندس پنج زخمي سائين کي بچائي ورتو، ٻڏي ويل فنڪار جي ڳولا جاري

فنڪار ساگر شاهه پنهنجي ٽيم سان گڏ سوار هو،جيڪو شادي جي تقريب ۾ ڳائڻ ڪانپوءِ واپس شهر اچي رهيو هو ته واقعو پيش آيو

ريسڪيو 1122 ٽيم هنگامي بنيادن تي ڪار ۾ سوار پنج زخمي ماڻهن کي ڪينال مان ڪڍي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو

ٻڏي ويل فنڪار ساگر شاهه جي ڳولا جاري آهي،واقعي سبب علائقي ۾ ڏک ۽ ڳڻتي واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي:شهري

خيرپور(ذ ر)خيرپور ويجهو ڪار جي ٽائي راڊ ٽٽڻ سبب ڪار ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪري روهڙي ڪينال ۾ ڪري پئي، جنهن جي نتيجي ۾ مشهور فنڪار ساگر شاهه ٻڏي ويو جڏهن ته ريسڪيو عملي ڪار ۾ سوار سندس پنج زخمي سائين کي بچائي ورتو ٻڏي ويل فنڪار جي ڳولا جاري آهي.خيرپور ويجهو روهڙي ڪينال جو پل ڪراس ڪرڻ دوران ڪار جي ٽائي راڊ ٽٽڻ سبب ڪار بي قابو ٿي ڪينال ۾ ڪري پئي. ڪار ۾ مشهور فنڪار ساگر شاهه پنهنجي ٽيم سان گڏ سوار هو جيڪو شادي جي تقريب ۾ ڳائڻ وڄائڻ ڪانپوءِ واپس شهر اچي رهيو هو ته واقعو پيش آيو.واقعي جي اطلاع ملڻ تي ريسڪيو 1122 جي ٽيم ترت واقعي واري هنڌ پهچي وئي ۽ هنگامي بنيادن تي ڪار ۾ سوار پنج زخمي ماڻهن کي ڪينال مان ڪڍي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو جتي سندن علاج جاري آهي.زخمين ۾ ارشاد تنيو گلستان تنيو عنايت بروهي نويد ۽ مهيش شامل آهن جڏهن ته ڪينال ۾ ٻڏي ويل مشهور فنڪار ساگر شاهه جي ڳولا جاري آهي.واقعي سبب علائقي ۾ ڏک ۽ ڳڻتي واري صورتحال پيدا ٿي وئي.

بدين پوليس پاران امن امان کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ ضلعي ۾ سنيپ چيڪنگ

بدين (ڊ ر)بدين پوليس پاران سڄي ضلعي ۾ سنيپ چيڪنگ جو سلسلو جاري، داخلي ۽ خارجي رستن تي سخت نگراني ڊي آءِ جي حيدرآباد رينج طارق رزاق ڌاريجو ۽ ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي خاص هدايتن تي ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ ڏوهاري عنصرن جي چرپر تي نظر رکڻ ۽ عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ سنيپ چيڪنگ جو سلسلو جاري آهي.ان سلسلي ۾ ضلعي بدين جي مختلف علائقن اهم شاهراهن ۽ داخلي توڙي خارجي رستن تي پوليس پاران چيڪنگ جي عمل کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو ويو آهي. جڏهن ته ڊي ايس پيز ۽ ايس ايڇ اوز پاڻ ميدان ۾ موجود رهي سنيپ چيڪنگ جي نگراني ڪري رهيا آهن.سنيپ چيڪنگ دوران مختلف گاڏين کي روڪي انهن جي ڪاغذن ۽ ٻين ضروري تفصيلن جي جاچ پڙتال ڪئي پئي وڃي. جڏهن ته شڪي ماڻهن ۽ شڪي گاڏين جي تفصيلن جي ڇنڊڇاڻ ڪئي پئي وڃي ته جيئن ڪنهن به شڪي سرگرميءَ جي بروقت نشاندهي ڪري قانوني ڪارروائي عمل ۾ آڻي سگهجي.پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي هدايتون ڏنيون ويون آهن ته چيڪنگ جي عمل کي اثرائتي منظم ۽ ذميوارانه انداز ۾ جاري رکيو وڃي ۽ ڏوهن جي روڪٿام لاءِ سمورا دستياب وسيلا ڪتب آندا وڃن بدين پوليس عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ، امن امان جي قيام ۽ ڏوهاري عنصرن خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي اعليٰ پوليس اختيارين جي هدايتن موجب سڄي ضلعي ۾ سنيپ چيڪنگ ۽ حفاظتي اپائن جو سلسلو جاري رهندو

ڪنب پرسان ڪار ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر،عورت سميت ٻه ڄڻا زخمي

گمبٽ (ت ر)ڪنب پرسان ڪار ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر عورت سميت ٻه ڄڻا زخمي ڪنب پرسان جوڻا شاخ پرسان ڪار ۽ موٽرسائيڪل وچ ۾ زوردار ٽڪر جي نتيجي ۾ عورت سميت ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا، جن جو تعلق ڳوٺ گل محمد جامڙو سان ٻڌايو وڃي ٿو حادثي ۾ زخمي ٿيندڙن ۾ آزاد علي جامڙو جي سڃاڻپ ٿي آهي واقعي جي اطلاع ملڻ تي مومن مهر چوڪي جو انچارج امداد وساڻ پنهنجي ٽيم سميت حادثي واري هنڌ پهچي ويو

گهوٽڪي ۾ راجپوت برادري پاران يارهين شريف جي بابرڪت محفل ڪئي وئي

گهوٽڪي(ن ع)گهوٽڪي راجپوت برادري جي معزز شخصيتن فوجي فياض سعيدي، محمد اشفاق احمد نقيبي، مشتاق احمد سعيدي ۽ الطاف حسين سعيدي پاران شمس آباد محلي ۾ يارهين شريف جي بابرڪت محفل منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ عالمن سڳورن، سماجي شخصيتن، شهرين مريدن ۽ عقيدتمندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي محفل جو خاص مهمان مفڪر اسلام قائد اهل سنت حضرت صاحبزاده پير سيدؔ حامد سعيد شاهه ڪاظمي مرڪزي ناظمِ اعليٰ تنظيم السعيد پاڪستان هو حضرت صاحبزاده پير سيد حامد سعيد شاهه ڪاظمي خطاب ڪندي چيو ته اسلام هڪ مڪمل ضابطهِ حيات آهي جنهن جون تعليمات صرف نماز روزي ۽ عبادتن تائين محدود ناهن پر انساني زندگيءَ جي هر پهلوءَ جو احاطو ڪن ٿيون اسلام اسان کي مخلوق خدا سان سٺو سلوڪ ڪرڻ، ضرورتمندن جي مدد ڪرڻ، ٻين جي ڏکن ۽ تڪليفن ۾ شريڪ ٿيڻ ظلم خلاف آواز اٿارڻ ۽ معاملن ۾ ايمانداري اختيار ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو هن چيو ته معاشري ۾ امن محبت، ڀائيچاري ۽ هڪ ٻئي جي احترام کي هٿي ڏيڻ لاءِ ضروري آهي ته اسلامي تعليمات کي پنهنجي عملي زندگيءَ جو حصو بڻايو وڃي هڪ سٺو مسلمان اهو آهي جنهن جي ڪردار ۽ عمل سان ٻين کي فائدو پهچي ۽ جيڪو حقوق العباد جي ادائيگيءَ کي پنهنجي ديني ۽ اخلاقي ذميواري سمجهي هن زور ڀريو ته اسلامي اصولن تي عمل ڪري ئي پنهنجي دنيا ۽ آخرت سنواري سگهجي ٿي محفل ۾ سيد ضمير حسين شاهه جيلاني سيد موسيٰ شاهه جيلاني سيد رين شاهه سيد غلام جيلاني استاد عبدالحليم خان سعيدي، حضرت علامه مولانا محمد اشرف سعيدي، مولانا عبدالرشيد، آغا تابش ايڊووڪيٽ سائين عابد حسين حافظ محمد ياسين سعيدي، حافظ فضل حسين سعيدي، علامه مولانا محمد احمد چشتي مقصود اختر سعيدي، جعفر علي ڏايو سلطاني مولانا محمد پنهل سڪندري، مولانا نظر حسين سلطاني پير بخش لکن مولانا محمد اويس سعيدي ۽ محمد طارق سميت ٻين معزز شخصيتن شرڪت ڪئي محفل جي پڇاڙيءَ تي ملڪ ۽ قوم جي سلامتي، امن ۽ استحڪام، عالمِ اسلام جي سربلنديءَ ۽ امت مسلمه جي اتحاد ۽ اتفاق لاءِ خصوصي دعا گهري وئي

داد لغاري ويجهو ٻن سئوٽن ۾ زميني تڪرار ٻيهر ڀڙڪي پيو

هڪ ڌر زمين تي هر ڪاهڻ وئي ته ٻي ڌر لٺيون کڻي پهچي وئي

دادلغاري پوليس نه پهتي،ڌرين جا زخمي دادلغاري ٿاڻي تي پهچي ويا

دادلغاري(ن ع)داد لغاري ويجهو ڳوٺ شيرمحمد پتافي لڳ بشيرآباد آڏي تي ويٺل ٻن سئوٽن سڪندر پتافي ۽ نبي بخش عرف ڏاڏو پتافي جي ڌرين ۾ زمين جي معاملي تان هلندڙ تڪرار هڪ دفعو ٻيهر ڀڙڪي پيو هڪ ڌر زمين تي هر ڪاهڻ وئي ته ٻي ڌر لٺيون کڻي پهچي وئي جنهن بعد ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ جهيڙو تيز ٿي ويو ڌرين هڪٻئي مٿان لٺين جو وسڪارو لائي ڏنو جنهن سبب ٻنهي ڌرين جون عورتون توڙي مرد نبي بخش عرف ڏاڏو نياز احمد رياض احمد سونهارو عرف دلبر مائي فهميده مائي فرزانا پيرسن آميران پتافي سخت زخمي ٿي پيون جهيڙو جو اطلاع بروقت دادلغاري پوليس کي ڪيو ويو پر دادلغاري پوليس نه پهتي جنهن سبب ٻنهي ڌرين جا زخمي دادلغاري ٿاڻي تي پهچي ويا دادلغاري پوليس ٻنهي ڌرين کي ليٽر ڏئي اسپتال موڪلي ڇڏيو.هوڏانهن نبي بخش عرف ڏاڏو پتافي ميڊيا کي ٻڌايو ته اسانجو سئوٽ سڪندر پتافي سان زمين جي معاملي جهيڙو هو جيڪو اسان ڌرين جو ڪورٽ ۾ مسئلو هلي ٿو اڄ انهن زبردستي هر ڪاهڻ جي ڪوشش ڪئي روڪڻ تي انهن لٺين سان حملو ڪري منهنجي ڀائرن کي لٺين سان زخمي ڪري ڇڏيو آهي متاثر ايس پي گهوٽڪي کان انصاف جو مطالبو ڪيو آهي ٻي طرف ٻي ڌر جي سڪندر پتافي ٻڌايو ته نبي بخش عرف ڏاڏو اسانجي زمين تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو اسان روڪيو سين ته انهن حملو ڪري اسانجي عورتن ۽ مردن کي زخمي ڪيو آهي.هوڏانهن دادلغاري پوليس رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته ٻئي ڌريون هڪٻئي جا سئوٽ آهن جن جو زمين تي مسئلو هلندڙ هو اڄ هڪ ڌر جي هر ڪاهڻ تان ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو آهي ٻنهي ڌرين جي زخمين کي ليٽر ڏئي اسپتال موڪلي ڇڏيو آهي ٻنهي ڌرين جي اين سي داخل ڪري ڇڏيون آهن

داد لغاري: ٻن سئوٽن ۾ تڪرار سبب هڪ ٻئي تي لٺيون پيون وسايون وڃن

بدين ۾ عوامي تحريڪ طرفان سيمينار ۽ ضلعي ڪانفرنس

سنڌ ڪنهن جي جاگير ناهي،ٻڪيا حڪمران وڪرو ڪري رهيا آهن:لال جروار

ست ڪروڙ سنڌي دودا، روپلا ۽ هوشو بڻجي پنهنجي وطن جي حفاظت ڪندا

بدين (ڊ ر)سنڌ ۾ نوان صوبا ناهڻ جي سازش سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ تي ڌاڙو، ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي ۾ سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون ڪمپنين حوالي ڪرڻ، سنڌ جي زراعت، ماحوليات ۽ ساموندي پٽيءَ کي درپيش خطرن سميت بدين ضلعي جي عوام جا بنيادي مسئلا اجاگر ڪرڻ لاءِ عوامي تحريڪ طرفان سيمينار ۽ ضلعي ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ضلعي جي نئين باڊي چونڊي وئي. مختيار بڪاري صدر ۽ اي ڪي احمداڻي جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويا.سيمينار کي خطاب ڪندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر لال جروار عوامي تحريڪ ضلعي بدين جي نئين چونڊيل صدر مختيار بڪاري، سنڌ دوست اتحاد جي اڳواڻ ڊاڪٽر عزيز ميمڻ سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ زرقا هاليپوٽو پرهه هاليپوٽو عوامي تحريڪ جي اڳواڻ مهراڻ درس، ڪامران لاڪو جيون ڪمان گلزار نوحاڻي، فاضل زئور ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته سنڌ ڪنهن جي جاگير ناهي جو اقتدار جا ٻڪيا حڪمران وڪرو ڪري رهيا آهن.سنڌ اسان جو وطن آهي،ست ڪروڙ سنڌي دودا، روپلا ۽ هوشو بڻجي پنهنجي وطن جي حفاظت ڪندا.هنن چيو ته سنڌ جا ويڪائو وڏيرا هميشه سنڌ خلاف سازش ڪندا آيا آهن پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ (ن) اسٽيبلشمينٽ جون نمائنده پارٽيون جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جون محافظ پارٽيون آهن هنن پارٽين جو عوام جي بنيادي مسئلن سان ڪوبه واسطو ڪونهي. پيپلز پارٽي گذريل 19 سالن کان سنڌ ۾ اقتدار تي قابض آهي پيپلز پارٽي ۽ مسلم(ن) گڏجي ملڪ ۾ لولي لنگڙي جمهوريت ۽ عدليه جي آزادي تي ڌاڙو هنيو آهي اڳواڻن چيو ملڪ جي 80 سالا تاريخ ۾ ڪڏهن به ڪا به اليڪشن صاف شفاف ناهي ٿي سنڌي عوام جي اتحاد جي ضرورت آهي

فقيرآباد پرسان ڪڪڙين جي فيڊ تيار ڪندڙ فيڪٽري خلاف ڪارروائي

اسسٽنٽ ڪمشنر ڪوٽڏيجي جي ڪارروائي ۽ وارننگ باوجود ڪم جاري

مرغي جي فارمن ۽ فيڊ فيڪٽرين مان بدبوءِ جو آزار پڻ گهٽجي نه سگهيو

فقيرآباد(ن ع)فقيرآباد پرسان جهنڊا شاخ اسٽاپ وٽ قائم ڪڪڙين جي فيڊ تيار ڪندڙ فيڪٽري خلاف هجڻ سبب علائقي واسين ۾ ڳڻتي پکڙجي وئي آهي. جڏهن ته مرغي جي فارمن ۽ فيڊ فيڪٽرين مان نڪرندڙ بدبوءِ جو آزار پڻ گهٽجي نه سگهيو آهي علائقي واسين موجب انتظاميا طرفان قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ ڏنل پنجن ڏينهن جي مهلت گذرڻ باوجود فيڪٽري جو ڪم جاري رکڻ انتظامي ڪارروائيءَ جي اثرائتي هجڻ تي سوال اٿاري ڇڏيا آهن تفصيل موجب فقيرآباد پرسان جهنڊا شاخ اسٽاپ وٽ ڪڪڙين جي فيڊ تيار ڪندڙ فيڪٽري جي معاملي تي علائقي واسين پاران بدبوءِ ۽ امڪاني صحت جي خطرن بابت ڳڻتي ظاهر ڪرڻ ڪانپوءِ ڪجهه ڏينهن اڳ اسسٽنٽ ڪمشنر ڪوٽڏيجي ڪارروائي ڪندي فيڪٽري مالڪن کان پنجن ڏينهن اندر گهربل قانوني دستاويز ۽ ٻيون ضروري گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ چيو هو پر علائقي واسين جي دعويٰ موجب مقرر مهلت گذرڻ باوجود فيڪٽري ۾ ڪم جاري آهي ۽ صورتحال ۾ ڪا نمايان تبديلي نظر نه اچي رهي آهي،علائقي واسين جو چوڻ آهي ته فيڊ تيار ڪندڙ اهڙين فيڪٽرين مان نڪرندڙ تيز ۽ بدبودار ڌپ سبب ويجهن ڳوٺن ۾ رهندڙ ماڻهن جي روزاني زندگي سخت متاثر ٿي رهي آهي سندن خدشو آهي ته جيڪڏهن فيڪٽرين ۾ ماحولياتي ۽ صحت جي تحفظ وارن قانونن تي عمل نه ٿيو ته علائقي جي ماڻهن خاص طور ٻارن، بزرگن ۽ بيمار ماڻهن لاءِ صحت جا مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا.ذريعن موجب، فيڊ تيار ڪرڻ لاءِ مٽل مڇين ۽ ٻين نامياتي شين جي استعمال بابت پڻ خدشا ظاهر ڪيا پيا وڃن جنهن جي روشنيءَ ۾ لاڳاپيل اختيارين کي گهرجي ته فيڪٽري ۾ استعمال ٿيندڙ خام مال، صفائيءَ جي انتظامن بدبوءِ جي روڪٿام ۽ ماحولياتي اثرن جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي جيئن حقيقتون سامهون اچي سگهن ۽ قانون جي ڀڃڪڙي ثابت ٿيڻ جي صورت ۾ ذميوارن خلاف ضابطن موجب ڪارروائي ڪري سگهجي.ٻئي طرف مرغي جي فارمن مان پيدا ٿيندڙ بدبوءِ ۽ ٻين تڪليفن سبب پڻ علائقي واسين جو جيئڻ جنجال بڻيل آهي رهواسين جو چوڻ آهي ته بار بار شڪايتن ۽ انتظامي ڪارروائين باوجود سندن مسئلن جو مستقل حل نه نڪري سگهيو آهي جنهن ڪري ماڻهو سخت پريشانيءَ ۾ مبتلا آهن،علائقي واسين ڪمشنر سکر ڊپٽي ڪمشنر خيرپور اسسٽنٽ ڪمشنر ڪوٽڏيجي ۽ لاڳاپيل ماحولياتي تحفظ واري کاتي جي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي فيڊ فيڪٽري جي قانوني حيثيت، ماحولياتي منظوري ۽ صحت جي معيارن جي جاچ ڪرائي وڃي جيڪڏهن فيڪٽري قانوني گهرجون پوريون نه ٿيون.

گهوٽڪي: يارهين شريف جي محفل ۾ علماءِ ڪرام خطاب ڪندي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ڀاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

سومر 26 آڪٽوبر 2026ع

مهانگائيءَ تي ضابطو حڪومت لاءِ وڏو امتحان

ملڪ ۾ مهانگائي، خوراڪ جي شين جي اگهن ۾ واڌ ۽ معاشي سرگرمين جي سُست رفتاري اهڙا مسئلا آهن، جن جو سڌو سنئون اثر خلق جي زندگيءَ تي پئجي رهيو آهي. هڪ طرف ماڻهن جي آمدنيءَ ۾ گهربل واڌ نه ٿي رهي آهي ته ٻئي پاسي روزمره جي استعمال وارين شين جا اگهه سندن خريداريءَ جي سگهه کان وڌندا پيا وڃن. اهڙي صورتحال ۾ حڪومت جي ذميواري رڳو معاشي انگ اکر بهتر ڪرڻ تائين محدود نه آهي پر عوام کي بنيادي ضرورتن جون شيون مناسب اگهن تي مهيا ڪرڻ ۽ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ به ان جي اهم ذميوارين ۾ شامل آهي. نائب وزيراعظم سينيٽر محمد اسحاق ڊار ڪڻڪ جي اگهن ۾ واڌ واري رجحان تي ڳڻتي ظاهر ڪندي وفاقي ۽ صوبائي اختيارين کي هدايت ڪئي آهي ته اگهن ۾ استحڪام آڻڻ لاءِ ڪڻڪ جي رسد ورهاست سميت سمورا ضروري قدم کنيا وڃن. ڪابينا ڪميٽيءَ جي اعليٰ سطحي اجلاس ۾ ضروري شين جي ذخيرن، اگهن ۽ رسد جو جائزو وٺندي واضح ڪيو ويو ته قومي خوراڪ جي سلامتيءَ جو تحفظ ۽ عوام کي بنيادي ضرورتن جون شيون مناسب اگهن تي مهيا ڪرڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي. اها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي اهم آهي ڇاڪاڻ ته ڪڻڪ ملڪ جي خوراڪ جو بنيادي جزو آهي ۽ ان جي اگهن ۾ واڌ سان اٽي جي قيمتن تي به اثر پوي ٿو. اٽي جي مهانگائيءَ جو بار خاص طور تي انهن ماڻهن تي پوي ٿو جن جي آمدني محدود آهي ۽ جيڪي پنهنجي گهريلو خرچن کي پورو ڪرڻ لاءِ اڳ ئي ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيا آهن. ڪڻڪ جي اگهن ۾ واڌ کي رڳو منڊيءَ ۾ عام لاها چاڙها سمجهي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. جيڪڏهن رسد ۾ گهٽتائي، ذخيرو ڪرڻ، غيرضروري واپار يا انتظامي ڪمزورين سبب اگهن ۾ واڌ ٿئي ٿي ته ان جو تدارڪ ڪرڻ حڪومت جي ذميواري آهي. وفاق ۽ صوبن کي گڏجي اهڙو نظام جوڙڻ گهرجي جنهن تحت ڪڻڪ جي موجودگي، ذخيرن ۽ منڊيءَ ۾ ان جي پهچ بابت مسلسل ڄاڻ حاصل ٿيندي رهي. رڳو اجلاس ڪرڻ ۽ هدايتون جاري ڪرڻ ڪافي نه آهي پر انهن هدايتن تي عملدرآمد ۽ نتيجن جو جائزو وٺڻ به ضروري آهي. جيڪڏهن ڪڻڪ جا ذخيرا موجود آهن ته پوءِ انهن جي منڊيءَ تائين پهچ ۾ رڪاوٽ ڇو پيدا ٿي رهي آهي؟ ان سوال جو جواب ڳولڻ ۽ ذميوارين جو تعين ڪرڻ گهرجي. هوڏانهن وزيراعظم شهباز شريف پاران خانگي شعبي سان گڏجي معاشي سرگرمين ۽ ڪاروبار لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ واري ڳالهه به اهميت رکي ٿي. لاهور چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽريءَ جي بانيڪارن واري گروپ جي وفد سان ملاقات ۾ ملڪ جي معاشي صورتحال، واپار ۽ صنعت جي واڌاري، صنعتن کي درپيش مسئلن ۽ ڪاروباري برادريءَ کي سهولتون ڏيڻ بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. وزيراعظم جو چوڻ هو ته حڪومت خانگي شعبي سان گڏجي معاشي سرگرمين کي هٿي وٺائڻ ۽ ڪاروبار لاءِ سازگار ماحول مهيا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. حقيقت اها آهي ته ملڪ جي معاشي ترقيءَ لاءِ خانگي شعبي جو ڪردار انتهائي اهم آهي. صنعتون، واپار ۽ سيڙپڪاري روزگار جا موقعا پيدا ڪن ٿا، جنهن سان ماڻهن جي آمدنيءَ ۾ واڌ ۽ معاشي سرگرمين ۾ تيزي اچي سگهي ٿي پر ڪاروباري ماحول بهتر بڻائڻ لاءِ رڳو واعدا ڪافي نه آهن. صنعتڪارن ۽ واپارين کي بجليءَ جي اگهن، ٽيڪسن، انتظامي رڪاوٽن، قرضن ۽ ڪاروبار هلائڻ جي خرچن بابت ڪيترائي مسئلا درپيش هوندا آهن. جيڪڏهن انهن مسئلن کي حل نه ڪيو ويو ته سيڙپڪاريءَ ۾ گهربل واڌ نه ٿي سگهندي. حڪومت کي ڪاروباري برادريءَ جي تجويزن تي سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻ گهرجي پر ساڳئي وقت اها ڳالهه به يقيني بڻائڻ گهرجي ته ڪاروبار جي واڌاري جو فائدو عام ماڻهن تائين پهچي. معاشي سرگرمين ۾ اضافو تڏهن ئي عوام لاءِ فائديمند ثابت ٿيندو، جڏهن ان سان روزگار پيدا ٿيندو، آمدني وڌندي ۽ ضروري شين جي اگهن ۾ استحڪام ايندو. ملڪ جي معاشي مسئلن جو حل حڪومت، صوبن، صنعتڪارن، واپارين ۽ عوام جي گڏيل ڪوششن سان ئي ممڪن آهي. ڪڻڪ جي رسد ورهاست، خوراڪي ذخيرن جي نگراني، اگهن تي ضابطو، صنعتن کي سهولتون ۽ سيڙپڪاريءَ جي واڌ اهي سڀ هڪبئي سان ڳنڍيل معاملا آهن. حڪومت کي پنهنجي معاشي پاليسين ۾ عوام جي خريداريءَ جي سگهه کي بنيادي اهميت ڏيڻ گهرجي جيڪڏهن معاشي ترقيءَ جا انگ بهتر ٿين پر عام ماڻهوءَ لاءِ اٽو، کنڊ ۽ ٻيون ضروري شيون مهانگيون ٿينديون رهن ته اهڙي ترقيءَ جا اثر عوام تائين نه پهچندا.

سرڪاري يونيورسٽين جو گهربل ڪردار

محمود شام

سوال اهو هو ته ڇا اسان جون سرڪاري يونيورسٽيون پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيون آهن؟ گهڻن ماهرن ۽ سائين ان جو جواب نه ۾ ڏنو آهي. مان ته ڪيترن ئي سالن کان پنهنجيون سموريون اميدون يونيورسٽين سان وابسته ڪيو ويٺو آهيان ۽ درخواست ڪندو رهندو آهيان ته اسان جي سماج ۾ جيڪي لڳاتار تبديليون اچي رهيون آهن، انهن جي سببن ۽ امڪاني نتيجن تي تحقيق ڪندا رهو. ڇو ته ان تحقيق کان عوام کي به آگاهه ڪرڻ ضروري آهي.

20هين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي ۽ آزاديءَ جي 80هين سال ۾ 5 کان 10 هزارن سالن جي تهذيب جي ميراث رکندڙ اسان جو ملڪ، جنهن افراتفري ۽ اخلاقي زوال جو شڪار آهي، ان جو بنيادي سبب اسان جو نصاب، اسان جو پڙهائڻ جو طريقو ۽ اسان جي تعليمي ادارن جو خراب ماحول آهي. دانشورن، تعليمي ماهرن ۽ سماجي تجزيه نگارن جو اهو ئي خيال آهي.

گذريل ڪالم ۾ اسان ملڪ جي هڪ وڏي تعليمي اداري ڪراچي يونيورسٽيءَ جي نئين وائيس چانسلر کي ڀليڪار ڪندي، ان اداري کي درپيش مسئلن جو جائزو ورتو هو. ان لاءِ يونيورسٽيءَ جي استادن ۽ شاگردن کان به ڄاڻ حاصل ڪئي هئي. اخبار جي صفحن ۾ اهو ڪالم وڏي تعداد ۾ پڙهيو ويو. فيس بڪ تي ته 30 هزار ماڻهن ان کي ڏٺو، جنهن مان مون کي اطمينان ٿيو ته اسان جي نوجوانن ۾ نقصان جو احساس موجود آهي ۽ اسان سڀ گڏجي ان نقصان جي تلافي ڪري سگهون ٿا. جيڪڏهن اسان پنهنجين يونيورسٽين ۾ اهڙي نسل جي تياريءَ لاءِ پڪو ارادو ڪريون، جيڪو عملي زندگيءَ ۾ اچي ڪنهن به اصول تي سوديبازي نه ڪري.

ڪالهه آچر هو. پنهنجن پٽن، ڌيئرن، پوٽن، پوٽين، ڏوهٽن، ڏوهٽين، ننهرن ۽ نائين سان گڏ منجهند جي ماني‌ءَ تي ويهي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جو ڏينهن. اتي انهيءَ سوال تي بحث ٿي سگهي ٿو ته ڇا سرڪاري يونيورسٽيون پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيون آهن؟ اهو ئي سوال پاڙيسرين سان به بحث جو موضوع بڻجي سگهي ٿو. سڀني کي انهيءَ افراتفريءَ تي ڳڻتي آهي. سڀني جا ٻار ڪنهن نه ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ پڙهي رهيا آهن.

هر اهم مسئلي تي اسان کي پاڻ ۾ صلاح مشوري جي عادت وجهڻ گهرجي. جمهوريت جي اها ئي تقاضا آهي. ان سان اسان کي نوان خيال به ملن ٿا ۽ مسئلي جو گڏيل حل به نڪري ٿو. سڀني کي اهو احساس ٿئي ٿو ته فيصلو ڪرڻ واري عمل ۾ کين به شامل ڪيو پيو وڃي.

سرڪاري يونيورسٽين جي ڪردار بابت رهنمائي حاصل ڪرڻ لاءِ مون پاڪستان جي چئني صوبن سان گڏ آزاد جمون ۽ ڪشمير ۽ گلگت بلتستان ۾ پنهنجن سائين ۽ استادن سان رابطو ڪيو. موضوع تمام حساس آهي. تنهنڪري درد رکندڙ پاڪستانين ان جو جائزو ورتو جو انهن جي تجويزن تي هڪ مڪمل ڪتاب لکجي سگهي ٿو. مون انهن مشورن مان پاڻ به گهڻو ڪجهه سکيو آهي. اسان اخبارن جا پوڙها ته معاملن جو اعليٰ سطح جائزو وٺڻ جا عادي ٿي ويا آهيون. اسان جي سائين هن مسئلي جو جائزو تاريخي، تهذيبي ۽ سماجي رخن کان به ورتو ۽ جديد تعليمي نظرئي جي روشنيءَ ۾ به ان کي ڏٺو.

سڀني کي اهو احساس آهي ته يونيورسٽيون مختلف سببن جي ڪري پنهنجو اڳواڻيءَ وارو ڪردار ادا نه ڪري رهيون آهن. قوم جي تعمير ۾ انهن جو اهو اثرائتو حصو نظر نٿو اچي، جيڪو ترقي يافته، مهذب ۽ جمهوري ملڪن ۾ هوندو آهي. اسان جي سماجي ماحول ۾ برادريون، جاگيرداري، سرداري ۽ سخت گيريءَ جو غلبو آهي. جن شخصيتن کان مون اهي تجويزون حاصل ڪيون آهن، اهي تمام ناميارا آهن. پر مون مناسب سمجهيو ته انهن جا نالا ظاهر ڪرڻ کان سواءِ تجويزون پيش ڪيان.

انهن ماهرن انتظامي معاملن کي به اهميت ڏني آهي، پر انهن جو وڌيڪ زور ان ڳالهه تي آهي ته يونيورسٽيون اصولي ۽ نظرياتي طور قوم جي تعمير ۾ جيڪو حصو وٺنديون آهن، اهو ماحول اسان جي سرڪاري يونيورسٽين ۾ موجود ناهي. هڪ معزز عالم، جيڪو ڪيترن ئي سالن تائين ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪن جي يونيورسٽين ۾ پڙهائڻ ۽ تحقيق سان لاڳاپيل رهيو آهي، تنهن چيو ته يونيورسٽيءَ يا وڏي اداري جو بنيادي تصور اهو آهي ته هڪ ئي تعليمي اداري ۾ شاگرد کي جديد ۽ قديم سمورا علم پڙهايا وڃن. اتان فارغ ٿيڻ وقت سندس ذهن ۾ سڀني علمن جي روشني گڏ هجي. پر وقت سان گڏ شعبا وڌندا ويا ۽ پڙهائڻ جو عمل ورهائجي ويو. اهڙيءَ طرح علم جي جامعيت متاثر ٿيڻ لڳي.

جڏهن ڪو نوجوان يونيورسٽيءَ ۾ اچي ٿو ته هو اڳ ئي گهڻو ڪجهه ڏسي ۽ پڙهي چڪو هوندو آهي. تنهنڪري سندس سوچ کي سمجهڻ جي ضرورت هوندي آهي. پر استاد عام طور تي پنهنجا خيال مٿس مڙهي ڇڏيندا آهن. ان سان يونيورسٽيءَ جي فڪري آزادي محدود ٿي ويندي آهي.

اسان جي امتحانن جو سلسلو به تمام خراب آهي، جنهن سبب نقل ڪرڻ جي بدعت شروع ٿي وئي. تعليم جا طريقا نوجوانن جي ذهانت مطابق نه آهن، بلڪه هڪبئي جي پيروي ڪرڻ وارو ماحول آهي. شاگردن کي نصابي ڪتابن تائين محدود رکيو وڃي ٿو. هاڻي اهو رواج ختم ٿي ويو آهي ته هو (شاگرد) لائبريرين ۾ وڃي نون خيالن جو مطالعو ڪن ۽ نون موضوعن مان فائدو حاصل ڪن. شاگردن جي تنظيمن جو تصور سماج جي تربيت جي لحاظ کان تمام وسيع آهي، پر انهن کي ڪنهن نه ڪنهن سياسي جماعت سان وابسته ڪري تڪراري ۽ محدود بڻايو ويو آهي. دنيا ۾ شاگرد فڪري آزاديءَ جي ڪري هڪ طاقت بڻجي اڀري رهيا آهن ته اهو اتي جي تعليم ۽ آزاد ماحول جو نتيجو آهي.

ٻاهرين ملڪ ۾ رهندڙ هڪ تعليمي ماهر سان ڳالهه ٻولهه ٿي، سندس به اهو ئي چوڻ هو ته سرڪاري يونيورسٽيون پنهنجو گهربل ڪردار ادا نه ڪري رهيون آهن. ان جا ڪيترائي سبب آهن. گهڻين يونيورسٽين تي اهڙن ماڻهن جو غلبو ٿي ويو آهي، جيڪي تعليم يا تحقيق جو شوق ڪٿي اتي نٿا اچن. انهن جو مقصد رڳو نوڪري حاصل ڪرڻ هوندو آهي.

يونيورسٽين جي خراب صورتحال پيدا ڪرڻ ۾ حڪومت جو به هٿ آهي. بدقسمتيءَ سان حڪومت جو ماحول 100 سيڪڙو رشوت ۽ پنهنجن ماڻهن کي نوازڻ تي ٻڌل ٿي ويو آهي. حڪومتي مداخلت يونيورسٽين ۾ به انهيءَ ماحول کي هٿي ڏني آهي. نئين يونيورسٽي ناهڻ جو شوق جنون جي حد تائين آهي، ڇاڪاڻ ته يونيورسٽيءَ جو اجازت نامو (اين او سي) ڏيندي سياستدانن کي مالي فائدو ٿيندو آهي. پوءِ جڏهن يونيورسٽيءَ جي اڏاوت ۽ جوڙجڪ جو مرحلو اچي ٿو ته ان ۾ به مالي گهوٻين جا موقعا ملن ٿا. پنهنجن ماڻهن کي وائيس چانسلر مقرر ڪرايو ويندو آهي. سٺن ماڻهن کي وائيس چانسلر بڻائڻ ۾ ڪٿي به ڪا دلچسپي نظر نٿي اچي.

امتحان وٺڻ جو طريقو به گهڻن استادن کي نٿو اچي. استادن ۽ شاگردن جو گهڻو وقت سياسي سرگرمين ۾ گذري ٿو. سياسي تنظيمون اڪثر يونيورسٽين تي پنهنجو غلبو حاصل ڪري چڪيون آهن. تحقيق جي نالي تي اربين رپيا خرچ ڪيا پيا وڃن، پر ان تحقيق سان سماج جي بهتري ۽ انسانيت جي واڌاري ۾ ڪيتري واڌ ٿي آهي؟ اهو ڪو به نٿو ڏسي.

سڀ کان وڌيڪ افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته تعليمي ماحول جي وسعتن تي ڌيان نٿو ڏنو وڃي. بحث عام طور تي سطحي موضوعن تي ٿيندا رهن ٿا. هڪ سينيئر پروفيسر چيو ته جنهن قسم جو انتظامي ماحول آهي ۽ حڪومت طرفان مداخلت ۽ پابنديون آهن، تنهن ۾ يونيورسٽيون پنهنجو ڪردار ڪيئن ادا ڪري سگهن ٿيون؟

يونيورسٽين ۾ داخلا به تمام گهٽ ٿي رهي آهي، ڇاڪاڻ ته گهڻن ڪاليجن ۾ بي ايس جا داخلا شروع ڪيا ويا آهن، جيڪي شاگردن جي گهرن جي ويجهو به آهن ۽ انهن جون فيسون به گهٽ آهن. ان ڪري يونيورسٽين ۾ داخلا گهٽجي رهي آهي. آرٽيڪل جي محدود گنجائش سبب هتي ڳالهه ختم ڪريون ٿا. باقي تجويزون ايندڙ آرٽيڪل ۾ پيش ڪنداسين.

سڀ کان وڌيڪ افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته تعليمي ماحول جي وسعتن تي ڌيان نٿو ڏنو وڃي. بحث عام طور تي سطحي موضوعن تي ٿيندا رهن ٿا. هڪ سينيئر پروفيسر چيو ته جنهن قسم جو انتظامي ماحول آهي ۽ حڪومت طرفان مداخلت ۽ پابنديون آهن. تنهن ۾ يونيورسٽيون پنهنجو ڪردار ڪيئن ادا ڪري سگهن ٿيون؟ يونيورسٽين ۾ داخلا به تمام گهٽ ٿي رهي آهي، ڇاڪاڻ ته گهڻن ڪاليجن ۾ بي ايس جا داخلا شروع ڪيا ويا آهن جيڪي شاگردن جي گهرن جي ويجهو به آهن ۽ انهن جون فيسون به گهٽ آهن ان ڪري يونيورسٽين ۾ داخلا گهٽجي رهي آهي. آرٽيڪل جي محدود گنجائش سبب هتي ڳالهه ختم ڪريون ٿا. باقي تجويزون ايندڙ آرٽيڪل ۾ پيش ڪنداسين.

ٻيو سڀ ڪجهه نه ڏيو پر عوام کي ٻه ويلا ڪاڌو کائڻ ڏيو!

ايڊووڪيٽ عبيدالله چڃڙ

وقت جي رفتار سان جيڪي به حڪومتون آيون ۽ ويون، انهن پاران هميشه اهو ئي نعرو ۽ وچن ڪيو ويو هو ته گذريل حڪومت جي ڀيٽ ۾ اسان عوام جي بهتري ۽ سهولت سان گڏوگڏ سڀ جائز مراعتون ڏيڻ ۾ ڪابه ڪسر ڪونه ڇڏينداسين. طويل ماضيءَ کان پاڻ صرف اهو ئي ڏسندا پيا اچون جو شروعاتي طور ته وڏا وڏا خواب ڏيکاريا ويندا آهن پر اڳتي هلي عوام جو ساڳيو ئي حال، جيڪو ماضيءَ، يعني گذريل حڪومتن دوران رهيو ۽ حال جي اقتداري حڪومت ۾ به ساڳيا لاٽون ته ساڳيا چڱهه وارو ڪم رهي ٿو. پاڻ ڊگهي ماضيءَ کان اڄ تائين صرف حڪومتي چهرا تبديل ٿيندي ڏٺا آهن پر جيڪڏهن انهن جي ڪارڪردگيءَ جو ذڪر ڪجي ته اٽي ۾ لوڻ برابر به فرق نظر ڪونه ٿو اچي. مون هڪڙي ڳالهه مختلف وقتن تي ڪئي آهي ته ملڪ جي ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ سنڌ واحد صوبو آهي، جيڪو نه رڳو زراعت پر گئس، تيل ڪوئلو ۽ بجليءَ جي صورت ۾ وفاق کي 75 سيڪڙو روينيو مهيا ڪري ٿو. وري بدقسمتيءَ سان سنڌ جي هيتري تعداد ۾ وفاق کي اضافي شيون مهيا ڪرڻ ڪانپوءِ نه رڳو اڄ ڏينهن تائين سنڌ جو 70 سيڪڙو عوام گئس ۽ بجليءَ سميت بنيادي ضرورتن کان محروم بڻيل آهي. وري سنڌ زرعي طور 80 سيڪڙو اناج مهيا ڪري ٿو پر هتان جون مقامي حالتون اهي آهن جو سنڌ جو ماڻهو هن وقت ٻه ويلا ماني نه ٿو کائي سگهي. وقت جي حڪمرانن رڳو خالي ۽ ڪوڪلا آسرا ڏئي ڀيون ته سهولتون ۽ جائز گهرجون ڪونه ڏنيون، جن کي اڄ مسلسل 40 سال گذري ويا آهن. جتي بيروزگاري، بدامني، خاص طور تي اڄڪلهه چوٽ چڙهيل مهانگائي ته ساڳئي وقت سهولتن جي اٿاٽ ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وڃي. سنڌ جو اهڙو ڪو ضلعو ناهي، جتان گئس نه نڪرندي هجي، ڪشمور کان ڪارونجهر تائين هن وقت گئس جا 1 سئو 50 کان وڌيڪ کوهه موجود آهن. هتان نڪرندڙ گئس وفاق حوالي ڪئي وڃي ٿي، انهيءَ جي موٽ ۾ اڄ سڄي سنڌ جا ماڻهو، گئس جهڙي جائز سهولت کان محروم بڻايا ويا آهن. هن وقت ٻهراڙيءَ جي ڳوٺن جو ذڪر ڇڏي پاڻ جيڪڏهن راڄڌاني ڪراچي ۽ ٻيو نمبر وڏي شهر حيدرآباد جو ذڪر ڪريون ته اتي 24 ڪلاڪن ۾ صرف 6 ڪلاڪ گئس اچي ٿي، سا به ٻن ٻن ڪلاڪن جي وقفن سان ڏني وڃي ٿي. هتي جيڪڏهن ڳالهه ڪجي ايل پي جي (LPG) گئس جي اگهه جي ته انهيءَ جو روزانو اگهه وڌائي عوام جون مٿيون ئي منجهايون ويون آهن. هن وقت، گهرن ۾ استعمال ٿيندڙ گئس جا بل ڏسجن ٿا ته سرنديءَ وارا شهري اهڙن ڳرن بلن ۽ انهن مٿان لڳندڙ ٽئڪس ۾ سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن. اهڙي ريت جيڪڏهن ايل پي جي، يعني سلينڊر واري گئس ذريعي رڌپچاءُ ڪجي ٿو ۽ مجموعي طور تي اڄ شهري آبادين ۾ رهندڙ هر ماڻهو انهيءَ سلينڊر واري گئس ذريعي پنهنجو رڌپچاءُ توڙي گذر سفر ڪري ٿو، سو ايل پي جي گئس جيڪو سيپٽمبر جي پوئين هفتي دوران 380 رپين جو في ڪلو ملي رهيو هو ۽ هن وقت في ڪلو سڄي سنڌ ۾ 500 کان 580 روپين ۾ به وڏي مشڪل سان ملي رهيو آهي. انهي گئس سلينڊر ذريعي نه رڳو ماڻهو پنهنجو گذر سفر ڪن ٿا پر اڪثر ننڍيون ننڍيون سواريون، يعني رڪشا، فور سيٽر وغيره به انهيءَ ايل پي تي هلن ٿا. پاڻ اهو ته اندازو به ڪونه ٿا لڳائي سگهون جو اڄ جو اهو مسڪين، مزدور، هاري ۽ رڪشا ڊرائيور انهيءَ چوٽ چڙهيل گئس جي اگهن سان ڪيئن پنهنجو پيٽ پاليندو هوندو؟ شهري آبادين ۾ ته صرف ڇهه ڪلاڪ گئس ڏني وڃي ٿي، اهي ماڻهو به خبر ناهي ته ڪهڙي ڏوهه جي سزا ڀوڳي رهيا آهن؟ سنڌ جيڪو زرعي طور سڃاتو ويندو آهي اڄ انهيءَ صوبي جي حالت اها وڃي رهي آهي جو کائڻ لاءِ اٽو 200 روپين ۾ وڪرو ٿيندي نظر اچي پيو. اها سنڌ حڪومت ۽ خوراڪ کاتي سنڌ جي بيحسيءَ جي ڳالهه چئجي جو مختلف وقتن تي اهي به خبرون اينديون رهن ٿيون ته فلاڻي شهر جي سرڪاري گودام مان اڄ هزارين بدبودار ڪڻڪ جون ٻوريون ٻاهر ڪڍيون ويون. ان کان علاوه پاڻ اهو به مسلسل ٻڌندا رهندا آهيون ته سنڌ مان پنجاب ۽ بلوچستان رستي هيتري تعداد ۾ ڪڻڪ ٻين ملڪن خاص طور تي افغانستان ۽ ايران ڏانهن اسمگل ٿيندي پڪڙي وئي حيرت جي ڳالهه چئجي ته اڄ سنڌ جو ماڻهو کائڻ لاءِ پريشان آهي..! هڪ طرف هيڏي وڏي مهانگائي، بيروزگاري آهي ته مٿان وري اٽي ۽ جانورن جو اگهه جيڪو آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيو آهي ته پوءِ اهڙي حالت ۾ آخر سنڌ جو ماڻهو ڪهڙو رخ اختيار ڪندو؟ هڪ طرف گئس جو اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيو آهي ته مٿان وري اٽو 200 رپيا في ڪلو تي وڃي پهتو آهي باوجود اهو سڀ ڪجهه ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي مختلف ضلعن جي انتظاميه ۽ مڪاني چونڊيل نمائنده توڙي بااختيار ادارا رڳو نالي ماتر ڪاروايون ڪري عوام کي خوش ڪري رهيا آهن.

سنڌ جي مجموعي صورتحال اها آهي جو ڪٿهن به هٽڙ ڪابه ريٽ لسٽ وغيره نظر ڪونه ٿي اچي ڪاروباري ماڻهن پاران پنهنجي هوڏ قائم ڪري جيڪڏهن قيمت هڪ روپيو وڌائي وڃي ٿي ته اتي هو 5 کان 10 روپيه واڌو اگهه وصول ڪن ٿا. ماضيءَ ۾ نه رڳو ضلعي انتظاميه يعني ڊپٽي ڪمشنرن ۽ اسسٽنٽ ڪمشنرن پاران مقرر ڪيل ٽيمون ڪاروباري مرڪزن تي ڇاپا هڻنديون هيون پر تعلقه سطح تي مختيارڪار به پنهنجا قانوني اختيار استعمال ڪندي اٽي ۾ لوڻ برابر چيڪ اينڊ بيلنس ڏيکاريندا هئا. وفاقي حڪومت پاران پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ مسلسل واڌ ڪئي پئي وڃي. تنهن جو به بنيادي اثر اڄ انهيءَ مهانگائيءَ جي چڪيءَ ۾ پيڙهجندڙ عوام مٿان مڙهيو ويو آهي. هتي اٽي ۽ جانورن کان علاوه ٻين کاڌي پيتي جي شين کير، کنڊ، چانهه توڙي ميڊيڪل دوائن جو ذڪر ڪجي ته ڏندين آڱريون پئجي وينديون. اڄ هر ماڻهو شوگر ۽ بلڊ پريشر جي مرض ۾ مبتلا آهي، جيڪڏهن انهيءَ مرض جي علاج لاءِ استعمال ٿيندڙ دوائن جا اگهه ڏسجن ٿا ته اهو مسڪين مريض غربت سبب دوائون خريد نه ڪري سگهڻ ڪانپوءِ يقيناً ٽڙپي ٽڙپي مري رهيو آهي. جيڪڏهن سرڪاري دوائن جو ذڪر ڪجي ته اتي به مقرر ڪلاسي ڊاڪٽر اڪثر طور مدي خارج دوائون ڏين ٿا، جن جا به ڪيترائي ثبوت موجود آهن خير پاڻ ڪهڙي رخن کان چوٽ چڙهيل مهانگائيءَ مٿان ويهي ماتم ڪيون؟ هتي ته هر طرف روڄ ۽ راڙو متل آهي ۽ وقت جون حڪومتون خبر ناهي ته آخر ڇا سوچي رهيون آهن؟ عوام کي ٻيو ته گهڻو ڪجهه ڏيڻ پنهنجي جاءِ تي پر پيٽ گذر ڪرڻ لاءِ سستو اٽو ۽ گئس جي وڌايل اگهن خلاف ڪو چيڪ اينڊ بيلنس ته ڪرايو وڃي ته جيئن عوام ٻه ويلا کائي ۽ پچائي سگهي.

ڪاڇي جي ساهه جا سهارا، ڪنڀ

نور سنڌي

سنڌ جي جابلو ۽ ريگستاني علائقن ۾ اهڙا ڪيترائي لفظ ملن ٿا، جيڪي رڳو لفظ نه پر پنهنجي اندر هڪ مڪمل جاگرافي ثقافت ۽ زندگيءَ جي ڪهاڻي کڻي هلن ٿا. ڪنڀ به اهڙو ئي قديم سنڌي لفظ آهي جيڪو خاص ڪري ڪاڇي جي علائقي ۾ پاڻيءَ جي هڪ قدرتي ذخيري لاءِ استعمال ٿئي ٿو. ڪاڇي جي پٿريلي ڌرتيءَ، کيرٿر جي جبلن ۽ برساتي وهڪرن سان جڙيل هي لفظ اتي جي ماڻهن جي روزمره زندگيءَ جو حصو رهيو آهي.

ڪنڀ ڇا آهي؟ ڪنڀ ڪاڇي ۾ جبلن ۽ پٿرن جي وچ ۾ قدرتي طور ٺهيل اهڙي گهري کڏ، گهاٽي جاءِ يا پاڻيءَ جي کوهه نما قدرتي جاءِ کي چيو وڃي ٿو، جنهن ۾ برسات جو پاڻي ٽيبن جو وهڪرو يا وهندڙ پاڻي اچي گڏ ٿي بيهي رهي ٿو. اهو انسان جو کوٽيل تلاءُ نه هوندو آهي پر صدين جي برساتن، پاڻيءَ جي وهڪرن ۽ پٿرن جي قدرتي گهرٽ سان ٺهيل هوندو آهي. ڪيترائي ڪنڀ ايترا گهرا هوندا آهن جو برسات جو گڏ ٿيل پاڻي ڊگهي عرصي تائين انهن ۾ موجود رهي سگهي ٿو.

لفظ ڪنڀ پراڻي سنڌي استعمال سان جڙيل لفظ آهي ۽ ان جي نسبت قديم سنسڪرتي لفظن سان به بيان ڪئي وڃي ٿي. سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ان لفظ جو استعمال هڪجهڙو نه آهي پر ڪاڇي ۾ ان جي هڪ خاص جاگرافيائي معنيٰ آهي. دادو ۽ قمبر شهدادڪوٽ جي ڪاڇي ۾ ڪنڀ قدرتي پٿريلي پاڻيءَ جي ذخيرن لاءِ مشهور آهن. ڪوهستان، يعني ڄامشوري کان ڪراچيءَ جي پهاڙي علائقن تائين ۽ ٿر جي ڪجهه حصن ۾ به هن لفظ يا ان سان لاڳاپيل تصور جا استعمال ملن ٿا پر ڪاڇي ۾ ڪنڀ جو تعلق خاص طور برساتي پاڻي، پهاڙن، ٽيبن ۽ ملوند زندگيءَ سان گهرو آهي. ڪنڀ کي چشمي کان الڳ سمجهڻ ضروري آهي. چشمو زمين جي اندر مان پاڻيءَ جو نڪرڻ ۽ وهڻ آهي. جڏهن ته ڪنڀ هڪ قدرتي گهري پٿريلي جاءِ آهي جيڪا وهندڙ برساتي پاڻيءَ کي پنهنجي اندر گڏ ڪري رکي ٿي. چشمي جو پاڻي جاري رهڻ جي صورت ۾ وهندو رهي ٿو. جڏهن ته ڪنڀ جو پاڻي گهڻو ڪري گڏ ٿيل ۽ بيٺل هوندو آهي. ڪاڇي جي پٿريلي بناوت ۽ ڪوٽائي سبب ڪيترن ڪنڀن ۾ پاڻي مهينن تائين ۽ مناسب برساتن کان پوءِ ڪڏهن ڊگهي عرصي تائين موجود رهي ٿو.

ڪاڇي جو قدرتي پاڻيءَ وارو نظام رڳو ڪنڀن تائين محدود ناهي. ٽيبون، چشما ۽ ڪنڀ گڏجي هن علائقي جي زندگيءَ جو پاڻيءَ وارو نظام ٺاهين ٿا. ٽيبن گاج، ٽيبن تنڌي، ٽيبن مزاراڻي، ٽيبن هلوئي ۽ ٽيبن ناري سميت ڪيتريون ئي ٽيبون کيرٿر جي جبلن تان برساتن وقت لهي اچن ٿيون. انهن وهڪرن جو پاڻي پٿرن جي قدرتي کڏن ۽ ڪنڀن ۾ گڏ ٿيندو رهي ٿو ۽ خشڪ موسم لاءِ پاڻي ڇڏي وڃي ٿو. ڪاڇي جي سنگهارن ۽ ڌوٺين لاءِ ڪنڀ ڪنهن عام پاڻيءَ جي جاءِ جو نالو نه پر انهن جي زندگي، مال جي پلنا ۽ موسمي اچ وڃ جو هڪ وڏو دارومدار انهن قدرتي ذخيرن تي رهندو آيو آهي. ڍوڍي سنگهار، ڌنار ۽ اوٺار پنهنجي اٺن، ٻڪرين، رڍن ۽ ٻين مال جي ڌڻن سان ڪاڇي جي پهاڙن ۽ پٽن ۾ زندگي گذاريندا رهيا آهن. ڪنڀ مان مال کي پاڻي ملڻ سان گڏ علائقي ۾ برسات کان پوءِ پيدا ٿيندڙ ساوڪ ۽ گاهه مال لاءِ چارو بڻجي ٿو. انهن قدرتي پاڻيءَ جي ذخيرن جي اهميت جهنگلي جيوت لاءِ به گهٽ ناهي. کيرٿر نيشنل پارڪ ۽ ان سان لاڳاپيل پهاڙي علائقن ۾ سنڌ جابلو ٻڪري، گڊ، چنڪارا، تتر، چڪور ۽ ٻيا ڪيترائي پکي ۽ جهنگلي جانور اهڙن پاڻيءَ جي هنڌن تي اچن ٿا. خشڪ ۽ پٿريلي پهاڙي ماحول ۾ ڪنڀ جهنگلي جيوت لاءِ اُڃ اجهائڻ جا قدرتي مرڪز بڻجي وڃن ٿا. ڪنڀ رڳو پاڻيءَ جو ذريعو ناهي، ان جي چوڌاري ڪاڇي جي سماجي ۽ ثقافتي زندگي به پلجي ٿي ملوندن جا عارضي اجها، جن کي ڏمپ چيو وڃي ٿو. شام جون ڪچهريون، چنگ ۽ يڪتاري جا سُر، لوڪ گيت ۽ نسل در نسل هلندڙ زباني روايتون سڀ انهيءَ پهاڙي زندگيءَ جو حصو آهن. برسات ڪاڇي لاءِ رڳو موسم جي تبديلي ناهي جڏهن کيرٿر تي مينهن وسي ٿو، سڪل جبلن ۾ ساوڪ ڦٽي ٿي، ٽيبون وهڻ لڳن ٿيون ۽ ڪنڀ ڀرجن ٿا ته ڪاڇي جو سڄو منظر بدلجي وڃي ٿو. جيڪي پٽ ڪجهه وقت اڳ سڪل ۽ اُجايل نظر اچن ٿا، سي ساوا ٿي وڃن ٿا. مال جا ڌڻ واپس اچن ٿا، پکي موٽن ٿا، گهنٽيڙين جي ڇڻڪار ٻڌڻ ۾ اچي ٿي ۽ ملوندن جي من ۾ خوشي جاڳي ٿي. اهڙي ماحول ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سُر سارنگ جا سُر به ٿر سان گڏ ڪاڇي جي برساتي منظر سان وڌيڪ ويجها محسوس ٿين ٿا. منهنجي لاءِ ساري سنڌ پرينءَ جي پلڪي وانگر آهي ڪاڇو به منهنجي دل آهي ۽ ڪاڇي ۾ اچڻ وڃڻ ٿيندو رهي ٿو 1981ع کان دوستن سان وقت به وقت ڪاڇي وڃڻ ٿيندو رهيو آهي ڪاڇي ۾ رولاڪين دوران برسات ۾ ڪنڀ جو نالو ٻڌندو هئس. پهرين ته ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي ته ڪنڀ ڇا آهن جڏهن ڪاڇي جي دوستن کان معلوم ڪيم ته اهي مون کي ڪنڀن تي وٺي ويا، ڪنڀ ڏيکاريائون ۽ انهن جي ڪهاڻي ٻڌايائون.

کيرٿر تان ٽيون وهن، ڪنڀ ٿين آباد، / ڪاڇي جي ڌرتيءَ تي ساوڪ ٿئي شاد،
سنگهارن جي من ۾، خوشيون ٿين آباد.

ڪاڇي جي ڪنڀن ۾، ڪاڇي جو آهه ساهه / اُجايل ڌرتيءَ لاءِ برساتن جو ويساهه،
ڪنڀ ڀرجن ته ڪاڇي ۾، موٽي اچي چاهه.

ڪاڇي جا ڪنڀ ڀرجن موٽي اچي بهار / مال چري، ساوا ٿين کيرٿر جا پهاڙ،
ڪنڀن سان ڪاڇي جو قائم رهي وقار.

مون به ڪاڇي جي برساتي سفر دوران ڪنڀن کي ڀرجندي ۽ انهن جي چوڌاري بدلجندڙ منظر کي ويجهو ڏٺو آهي سڪل پٿرن جي وچ ۾ جڏهن پاڻيءَ جو ذخيرو ڀريل نظر اچي، چوڌاري ساوڪ هجي، مال جا ڌڻ چرن ۽ پهاڙن مان پکين جا آواز اچن. تڏهن ڪنڀ جي اصل اهميت محسوس ٿئي ٿي انهيءَ منظر مون کي به قلم کڻڻ لاءِ اتساهيو. ڪاڇي جي ڪنڀن کي سمجهڻ ڪاڇي جي ڌرتيءَ کي سمجهڻ آهي. هي پٿرن ۾ سمايل پاڻي برساتن جي بچت، ملوندن جو آسرو، جهنگلي جيوت جي اُڃ جو علاج، ساوڪ جو بنياد ۽ صدين کان هلندڙ لوڪ زندگيءَ جو هڪ اهم سهارو آهن ڪنڀ ڀرجي ٿو ته رڳو پٿر جي کڏ نٿي ڀرجي؛ ڪاڇي جي ڌرتيءَ ۾ ساهه موٽي اچي ٿو، سنگهار جي من ۾ آس جاڳي ٿي، مال جا ڌڻ موٽن ٿا ۽ پهاڙن جي خاموشيءَ ۾ وري زندگيءَ جا آواز گونجڻ لڳن ٿا. ان ڪري ڪنڀ، ڪاڇي جي ساهه جا سهارا آهن.

خيبرپختونخوا ۾ هنگامي حالتن ۽ گورنر راڄ جا سياسي اثر

رشيد صافي

خيبرپختونخوا ۾ هنگامي حالتن جي نفاذ ۽ گورنر راڄ کان پوءِ پشاور ۾ ٿيل ايپڪس ڪميٽيءَ جو اجلاس انتظامي ۽ سياسي لحاظ کان انتهائي اهميت رکي ٿو. صوبي ۾ وڌندڙ دهشتگردي، امن امان جي خراب صورتحال ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جي دهشتگرديءَ خلاف پاليسين کي وفاق طرفان هنگامي حالتون لاڳو ڪرڻ جو جواز بڻايو ويو آهي. ان حقيقت کان انڪار ممڪن ناهي ته هن وقت خيبرپختونخوا جو سڀ کان وڏو مسئلو دهشتگردي آهي. تنهنڪري اها اميد ڪئي پئي وڃي ته وفاقي حڪومت طرفان سلامتي ۽ انتظامي سطح تي ترت قدم کنيا ويندا. ايپڪس ڪميٽيءَ جي اجلاس ۾ رڳو سلامتيءَ جي قدمن تي اتفاق نه ڪيو ويو پر صوبي ۾ امن امان قائم ڪرڻ ۽ ترقياتي مقصدن لاءِ مالي وسيلن جو اعلان پڻ ڪيو ويو. ماضيءَ ۾ صوبائي انتظاميا کي اڪثر اها شڪايت رهندي هئي ته مرڪز مالي وسيلن جي ورڇ ۽ رقم جي منتقليءَ بابت پنهنجا واعدا پورا نه ڪيا ۽ قومي مالياتي ڪميشن (اين ايف سي) ايوارڊ تحت ملندڙ رقم جي ادائيگيءَ ۾ رڪاوٽون پيدا ڪيون ويون.

ايپڪس ڪميٽيءَ جي اجلاس ۾ خيبرپختونخوا ۾ امن قائم ڪرڻ، بنيادي ڍانچي جي بحالي ۽ ٻيهر اڏاوت جي ترجيحن لاءِ 160 ارب رپين جو اعلان ڪيو ويو. وفاقي حڪومت يقين ڏياريو ته اها رقم جلد خيبرپختونخوا جي حوالي ڪئي ويندي. اها رقم اين ايف سي ايوارڊ تحت صوبي کي ملندڙ باقاعده ۽ سالياني حصي کان سواءِ آهي. ان رقم مان اڌ، يعني 80 ارب رپيا، سڌو سنئون انهن ضلعن تي خرچ ڪيا ويندا، جيڪي دهشتگرديءَ کان سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيا آهن. هنگامي حالتن ۽ گورنر راڄ کان پوءِ سياسي حلقن ۾ سڀ کان وڌيڪ پڇيو ويندڙ سوال اهو آهي ته وفاق آخر ڪيتري عرصي تائين صوبي جي واڳ ۽ انتظامي اختيار پنهنجي هٿ ۾ رکندو؟ وفاقي وزيرن جي بيانن ۽ حڪمت عمليءَ مان اشارا ملن ٿا ته هن وقت سمورو انتظامي نقشو ۽ منصوبابندي شروعاتي ڇهن مهينن جي مدي کي نظر ۾ رکي تيار ڪئي پئي وڃي. انهن ڇهن مهينن دوران خيبرپختونخوا جي 12 انتهائي حساس ضلعن مان دهشتگرديءَ جي خاتمي جو ارادو ظاهر ڪيو ويو آهي حڪمت عمليءَ موجب انهن علائقن کي هٿيارٻندن ۽ سندن ڄار کان پاڪ ڪيو ويندو. سموريون ڪارروايون ڳجهي ڄاڻ جي بنياد تي ڪيون وينديون.

ماضيءَ جي فوجي ڪارروائين جي ابتڙ هن ڀيري مقامي آباديءَ جي لڏپلاڻ يا بي دخلي انهن قدمن جو حصو نه هوندي. ڪارروائين جو مرحلو مڪمل ٿيندي ئي انهن علائقن جو انتظام سول انتظاميا حوالي ڪيو ويندو. ان حوالي سان وزيراعظم جي سياسي معاملن بابت صلاحڪار رانا ثناءُ الله جو چوڻ آهي ته خيبرپختونخوا ۾ موجوده وفاقي انتظام جي پهرين ۽ بنيادي ترجيح بنا دير دهشتگرديءَ جو خاتمو ڪرڻ آهي. سندس دعويٰ آهي ته صوبي ۾ دهشتگرد عنصرن خلاف آخري ڪارروائي مڪمل ڪرڻ ۾ گهڻو وقت نه لڳندو ۽ اهو مقصد ڪجهه هفتن اندر حاصل ڪيو ويندو.

رانا ثناءُ الله جي بيان مان واضح ٿئي ٿو ته جيئن ئي سلامتيءَ جي صورتحال قابوءَ ۾ ايندي ۽ نشانو بڻائي ڪيل ڪارروايون پنهنجي منطقي انجام تي پهچنديون، تيئن صوبي جي انتظامي ۽ سياسي حالتن کي ٻيهر معمول تي آڻي جمهوري ۽ آئيني عمل ڏانهن اڳڀرائي ممڪن بڻائي ويندي. وفاق خيبرپختونخوا جي متاثر ۽ پٺتي پيل ضلعن کي سڌو سنئون پنهنجي انتظام هيٺ وٺي هڪ نئون تجربو ڪرڻ وڃي رهيو آهي. طئي ٿيل منصوبي موجب انهن ضلعن جو انتظامي ڍانچو باقي صوبي کان الڳ رکيو ويندو ۽ هن انتظامي حصي جو سربراهه هڪ اضافي چيف سيڪريٽري هوندو، جيڪو سڌو سنئون وفاقي گاديءَ واري شهر ۾ وزيراعظم کي جوابده هوندو.

مٿاڇري نظر وجهڻ سان محسوس ٿئي ٿو ته ڪيترن سالن کان نظرانداز ٿيندڙ ۽ دهشتگرديءَ جو شڪار خيبرپختونخوا جي انتهائي پٺتي پيل ضلعن جا پراڻا مسئلا وفاق جي ترجيحن ۾ شامل ٿي ويا آهن. هاڻي مالي وسيلن جي فراهميءَ ۾ ڪنهن رڪاوٽ نه هجڻ سبب اها مضبوط اميد ڪئي پئي وڃي ته نه رڳو صوبي مان هٿياربنديءَ جو خاتمو ٿيندو، پر انهن علائقن جي ماڻهن ۾ ڏهاڪن کان موجود محروميءَ جو احساس پڻ ختم ٿيندو. پر هن تجربي سان گڏ سياسي خطرا به موجود آهن. جيڪڏهن وفاق جي سڌي سرپرستي ۽ گورنر راڄ جي ڇانو ۾ سلامتي ۽ ترقيءَ جا مقصد وقت سر ۽ شفاف انداز ۾ حاصل نه ٿي سگهيا ته نتيجا ابتڙ نڪري سگهن ٿا. اهڙي صورتحال ۾ مرڪز جي انهن غيرمعمولي قدمن تي سوال اٿڻ شروع ٿيندا ۽ ان سان لاڳاپيل سياسي نقصان سڌي يا اڻسڌيءَ طرح وفاق ۾ شامل سياسي جماعتن کي برداشت ڪرڻو پوندو.

سياسي جماعتن لاءِ عوامي حمايت وڃائڻ ۽ سياسي مقبوليت ۾ گهٽتائي سڀ کان وڏو ۽ ناقابل تلافي نقصان هوندو آهي، جنهن جو نتيجو کين چونڊن ۾ ڀوڳڻو پئجي سگهي ٿو.

سياسي نقصان جي نوعيت سمجهڻ لاءِ 2022ع جي شروعات ۾ بي اعتماديءَ واري تحريڪ کي مثال طور پيش ڪري سگهجي ٿو. جڏهن عمران خان جي حڪومت خلاف بي اعتماديءَ جي تحريڪ منظور ڪئي وئي.

آئيني ۽ قانوني لحاظ کان بي اعتماديءَ جي تحريڪ پيش ڪرڻ ۽ حڪومت تبديل ڪرڻ هڪ آئيني طريقو هو، پر سياسي حلقن ۾ اهو بحث شدت سان اڀريو ته جيڪڏهن عمران خان خلاف بي اعتماديءَ جي تحريڪ آڻڻ بدران کيس پنج سال پورا ڪرڻ ڏنا وڃن ها ۽ هو پنهنجي ڪارڪردگيءَ جي بنياد تي پاڻ حڪومت وڃائي ها ته مخالف ڌر لاءِ سياسي لحاظ کان وڌيڪ فائديمند ثابت ٿئي ها. جيتوڻيڪ ان وقت تحريڪ انصاف جي حڪومت معاشي ۽ انتظامي سطح تي ڪارڪردگي ڏيکارڻ ۾ ناڪام نظر اچي رهي هئي پر جيئن ئي کيس اقتدار کان ڌار ڪيو ويو ته عوامي سطح تي سندس لاءِ همدرديءَ جي لهر پيدا ٿي وئي. بلڪل اهڙي ئي صورتحال هن وقت خيبرپختونخوا ۾ پڻ پيدا ٿيندي نظر اچي رهي آهي.

گذريل ٻارهن، تيرهن سالن جي مسلسل اقتدار دوران تحريڪ انصاف خيبرپختونخوا ۾ جيڪو ڪم ڪيو ۽ عوامي خدمتن جو معيار حقيقت ۾ ڪهڙو رهيو، اها ڳالهه ڪنهن کان لڪل ناهي. پر جيڪڏهن وفاقي حڪومت هنگامي حالتن ۽ گورنر راڄ جي ايندڙ ڪجهه مهينن دوران صوبي جي سلامتي ۽ معاشي مسئلن تي مرهم رکڻ ۾ ناڪام رهي ته ماضيءَ جي سمورين حڪومتي خامين ۽ انتظامي نااهليءَ باوجود خيبرپختونخوا جا ماڻهو تحريڪ انصاف جي دور کي بهتر سمجهڻ لڳندا. وفاق جو اهو قدم بظاهر صوبي مان دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ هڪ سنجيده ڪوشش آهي، جيڪا خيبرپختونخوا جي عوام لاءِ اميد جي هڪ روشني آهي. پر ساڳئي وقت اهو وفاقي حڪومت ۾ شامل سياسي جماعتن لاءِ پڻ هڪ امتحان آهي. جتي گهربل نتيجا حاصل نه ٿيڻ جي صورت ۾ انهن جو پنهنجو سياسي مستقبل به داءَ تي لڳل آهي.

اڄوڪو ڏينهن —— 26 آڪٽوبر

مختيار اٽڙ

مخدوم امين محمد ثالث عرف پکن ڌڻي

مخدوم امين محمد ثالث مخدوم نوح رحه جي درگاهه جو ٽيرهون سجاده نشين ۽ سروري جماعت جو روحاني پيشوا هو. محبوب علي چنه "ڪليات امين" ۾ هن جي ولادت جي تاريخ 7 شعبان 1254هه مطابق 26 آڪٽوبر 1838ع لکي آهي. جي ايم سيد پنهنجي ڪتاب "جنم گذاريم جن سين" ۾ 26 بجاءِ 27 آڪٽوبر جي تاريخ لکي آهي پر سال ساڳيو ٻڌايو اٿس. پاڻ مخدوم محمد زمان رابع رحه جو وڏي ۾ وڏو فرزند هو. سندس والد کيس پيار مان "بابا سائين" ۽ "امين" ڪوٺيندو هو. مخدوم امين محمد جي تعليم ۽ تربيت سندس والد جي نگرانيءَ ۾ ٿي. پاڻ قرآن، حديث، تصوف ۽ فقه جي تعليم آخوند محمد قاسم کان حاصل ڪيائين. 1853ع ۾ سندس والد وفات ڪئي. ان وقت سندس عمر 15 سال مس هئي. ايتري ننڍڙي ڄمار ۾ سروري جماعت ۽ مخدوم نوح رحه جي درگاهه جو سمورو بار سندس ڪلهن تي اچي ويو. پاڻ انهيءَ بار کي نهايت خوبيءَ سان نڀايو. سندس مريد کيس پکن ڌڻيءَ جي نالي سان ياد ڪن ٿا. هيڏي وڏي جماعت جو روحاني پيشوا هجڻ جي باوجود سندس شخصيت ۾ سادگيءَ ۽ فقيريءَ جو رنگ نمايان هو. پاڻ هڪ بلند پائي جو شاعر پڻ هو. سنڌيءَ سان گڏ سرائڪيءَ ۽ فارسيءَ ۾ به شاعري ڪيائين. سندس شاعريءَ جو مجموعو مرحوم محبوب علي چنه "ڪليات امين" جي نالي سان سنڌي ادبي بورڊ مان ڇپرائي پڌرو ڪيو. هن بزرگ جي رحلت جي تاريخ 26 رمضان 1303هه مطابق 1913ع ڄاڻائي وئي آهي.

ابوالبشير ميمڻ

هن مشهور نثرنويس ۽ شاعر جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1916ع ۾ قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جي ڳوٺ ڇڄڙا ۾ ٿيو. هن سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو ۽ ان کان پوءِ فقط ٻه درجا انگريزيءَ جا پڙهي سگهيو. هن پوليس کاتي ۾ سب انسپيڪٽر طور ڪم ڪيو. سندس اصل نالو حاجي نور احمد ولد محمد هاشم ميمڻ هو ۽ 'ناچيز' سندس تخلص هو. هن جيڪي ڪتاب لکيا تن ۾ فضائل نماز، اسلام ۽ عقليات، اسان جو قائداعظم، مضامين نور، مناجات، گلشن حقيقي، فضائل صدقات، شيرين فرهاد، يوسف زليخا، تحفته الاسلام، اسلامي زندگي ۽ فرانس جي تاريخ شامل آهن.

صرير پنهور



صرير پنهور جو نالو سنڌ جي ڏات ڌڻين جي فهرست ۾ نمايان نظر اچي ٿو. هو هڪ ئي وقت اديب، شاعر، ڪالم نويس، ڊراما نگار، ناول نويس ۽ چترڪار هو. هن جو جنم 26 آڪٽوبر 1960ع تي دادو ضلعي جي مشهور شهر ميهڙ ۾ ٿيو. هن جو اصل نالو محمد انور ۽ والد جو نالو غلام محمد پنهور هو. پهرئين درجي کان ڏهين ڪلاس تائين ميهڙ ۾ پڙهيو. ٻارهين ڪلاس جو امتحان دادوءَ مان پاس ڪيائين. ان بعد سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام مان بي ايس سي ۽ ايم ايس سي زراعت جون سندون حاصل ڪيائين. هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي ۽ ايل ايل بي جون سندون به حاصل ڪيون. افسوس جو ايترين ڊگرين رکڻ باوجود کيس نوڪري نه ملي سگهي. هن کي ننڍي هوندي کان ئي لکڻ سان دلچسپي رهي. هو هڪ مشهور ڪالم نويس هو. عبرت اخبار ۾ سندس ڪالم "تنهنجون ڳالهيون سڄڻ" ڪافي مقبول هو. هن ڪيتريون ئي ڪهاڻيون ۽ مضمون لکيا. سندس مضمونن جو ڪتاب "جي دور دنيا جا" ڇپيل آهي. هن ڪيترائي ڊراما لکيا جن مان ڪجهه ميهڙ جي اسٽيج تي پيش ڪيا ويا. هو هڪ پلوڙ مصور پڻ هو. هن جرمنيءَ جي هڪ تصويري نمائش ۾ پنهنجون تصويرون اماڻيون. انهيءَ نمائش ۾ هن جي تصويرن ٽيون نمبر انعام حاصل ڪيو. هن انمول انسان 4 اپريل 1990ع تي وفات ڪئي.

منصور سيتائي

اڄ مشهور شاعر ۽ اديب منصور سيتائيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هو 26 آڪٽوبر 1971ع تي ڄائو. هن جو پورو نالو مهر علي ولد غلام عباس سولنگي هو. هن مئٽرڪ ۽ انٽر جو امتحان ترتيبوار گورنمينٽ هاءِ اسڪول سيتا روڊ ۽ ڊگري ڪاليج نواب شاهه مان پاس ڪيو. 1996ع ۾ ايم اي (اردو) جي سَنَدُ حاصل ڪيائين. هن پرائمري اسڪول جي استاد طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي. هن سٽين ڪلاس ۾ پڙهڻ دوران ادبي دنيا ۾ پير پاتو ۽ هڪ شاعر طور پنهنجي سڃاڻپ پيدا ڪئي. هن جي شاعريءَ جو مجموعو "رنگين تنهائي" شايع ٿي چڪو آهي.

ولي محمد شاهه لڪياري

سيد ولي محمد شاهه لڪياري سيوهڻ شريف جو وڏو زميندار ۽ حضرت قلندر لال شهباز جي درگاهه جو سجاده نشين هو. جيتوڻيڪ هو هڪ وڏو اثر رسوخ وارو ماڻهو هو پر انتهائي نيڪ ۽ فقيرائي طبيعت جو مالڪ هو. روزانو صبح جو پرهه ڦٽيءَ کان اڳ قلندر شهباز جي مزار جو پاڻ پنهنجي هٿن سان ڪلف کوليندو هو. ان بعد پنهنجي هٿن سان مزار شريف جي صفائي ڪري، نوان گل چاڙهي دعا گهرندو هو ۽ سج اڀرڻ مهل ٻاهر نڪرندو هو. هو درگاهه تي وڃڻ لاءِ هميشه صاف سٿرا ڪپڙا پائيندو هو ۽ وضو ڪري پوءِ درگاهه جي اندر داخل ٿيندو هو. هن زندگيءَ جو ڊگهو حصو درگاهه جي بنا ڪنهن ناغي جي خدمت ڪئي. ايتريقدر جو جيڪڏهن بيمار هوندو هو ته به پاڻ ڪٽائي درگاهه تي ويندو هو. پاڻ سيوهڻ ۽ آسپاس ۾ رهندڙ لڪياري سادات جو پڳدار به هو. پاڻ سيوهڻ لوڪل بورڊ جو صدر به رهيو. هڪ ڀيرو سائين جي ايم سيد جي مقابلي ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر بڻجڻ لاءِ عام چونڊن ۾ حصو ورتائين پر ڪٽي نه سگهيو. هن 26 آڪٽوبر 1938ع تي هي جهان ڇڏيو. هن بزرگ جي باري ۾ وڌيڪ احوال مير حاجن مير جي ڪتاب "سيوهڻ جون تاريخي درگاهون" ۾ پڙهي سگهجي ٿو. ولي محمد شاهه لڪياريءَ جي وفات کان پوءِ سندس فرزند گل محمد شاهه لڪياري قلندر شهباز جي مزار جو سجاده نشين بڻيو.

جان محمد جمالي



جان محمد جمالي سنڌ جو مشهور تعليمي ماهر ۽ سماجي اڳواڻ هو. هن جو جنم 1916ع ڌاري سجاول ضلعي جي ڳوٺ گُنڊي جماليءَ ۾ ٿيو. هن سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪرڻ سان گڏ عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم ورتي. هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪئي ۽ سڄي عمر قوم جي نونهالن جي علم جي آبياري ڪئي. هن 1951ع ڌاري پرائمري ٽيچرس ائسوسيئيشن جو بنياد وڌو ۽ پاڻ انهيءَ تنظيم جو پهريون صدر چونڊيو. هن انهيءَ تنظيم جي پليٽ فارم تي پرائمري اسڪول جي استادن جي مسئلن ۽ انهن جي حل لاءِ ساراهه جوڳيون ڪوششون ورتيون. کيس "قائد استاد" سڏيو ويندو هو. هن تنظيم جمالي نالي هڪ هفتيوار اخبار پڻ جاري ڪئي. سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا مطابق هن 26 آڪٽوبر 1974ع تي وفات ڪئي.

بقايا 1 روزاني عبرت

گهريلو تنازعي تان مڙس جو زال ۽ پيرسن سهري مٿان حملو. ڪهاڙين جا ڌڪ لڳڻ سبب عورت ۽ سندس پيءُ زخمي . هالا پراڻا ۾ بچاءُ بند پرسان رهندڙ ملاح برادري وچ ۾ گهريلو تنازعي جو واقعو پيش آيو آهي جتي مڙس بخشل ملاح ڪهاڙيءَ سان حملو ڪري پنهنجي زال مسمات عزيز ۽ سهري الهرکيو کي ڌڪ هڻي سخت مرٽينگ ڪري ڇڏيو ۽ موقعي تان فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن ته هالا پراڻا پوليس واقعي جي اطلاع تي فوري طور ڪارروائي ڪندي زخمي عورت عزيز ۽ سندس پيءُ الهه رکيو کي علاج لاءِ تعلقا اسپتال منتقل ڪيو ۽ جوابدار بخشل ملاح کي گرفتار ڪري لاڪپ ڪري ورتو آهي ٻئي طرف زخمين کي طبي امداد بعد وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا 2 روزاني عبرت

وٽ ٻن موٽرسائيڪلن ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ ڳوٺ پٽ پائيتي جو رهواسي شير محمد ولد مهراب سمون فوت ٿي ويو جڏهن ته جڏهن ته استاد عبدالله سمون لالو ۽ رام اوڌ سخت زخمي ٿي پيا. حادثي ڪانپوءِ فوتي جو لاش ۽ زخمين کي علاج لاءِ تعلقي اسپتال کپرو منتقل ڪيو ويو. جتان زخمين جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ سبب کين وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو

بقايا 3 روزاني عبرت

ايمبولينس ذريعي تعلقه اسپتال پنوعاقل منتقل ڪئي وئي.سندس برادري جي دشمني تان قتل ڪئي وئي آهي، قتل ٿيل ناري جو والد صوبيل سميجو جو موقف: ڳوٺ نوراجا ۾ ڏير بيواهه ڀاڄائي کي گوليون هڻي قتل ڪري واقعي واري هنڌ تان فرار ٿي ويو عورت جي والد جو چوڻ آهي ته منهنجي ڌيءَ ڪاري ناهي ٻه سال نياڻي جو مڙس مهرڻ قتل ڪيو هو هاڻي ڏير ناحق نياڻي قتل ڪئي آهي : ڳوٺ نوراجا ۾ تڏي تي ويٺل صائمه سميجو گولين جو نشانو بڻجي وئي، وارثن جو زمين جي تڪرار تان قتل جو الزام، مقتولا جي پيءُ صوبيل سميجو موجب راشد سميجو سندس ڌيءَ صائمه، زال مرحوم نظير سميجو کي پستل جا فائر ڪري قتل ڪيو.: ٻائيجي ٿاڻي جي حد نوراجا ۾ عورت صائمه سميجو قتل

بقايا 4 روزاني عبرت

ته ريسڪيو عملي ڪار ۾ سوار سندس پنج زخمي ساٿين کي بچائي ورتو ٻڏي ويل فنڪار جي ڳولا جاري آهي تفصيل موجب خيرپور ويجهو روهڙي ڪينال جو پل ڪراس ڪرڻ دوران ڪار جي ٽائي راڊ ٽٽڻ سبب ڪار بي قابو ٿي ڪينال ۾ ڪري پئي، ڪار ۾ مشهور فنڪار ساگر شاهه پنهنجي ٽيم سان گڏ سوار هو جيڪو شادي جي تقريب ۾ ڳائڻ وڄائڻ ڪانپوءِ واپس شهر اچي رهيو هو. ته واقعو پيش آيو.واقعي جي اطلاع ملڻ تي ريسڪيو 1122 جي ٽيم ترت واقعي واري هنڌ پهچي وئي ۽ هنگامي بنيادن تي ڪار ۾ سوار پنج زخمي ماڻهن کي ڪينال مان ڪڍي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو جتي سندن علاج جاري آهي.زخمين ۾ ارشاد تنيو، گلستان تنيو، عنايت بروهي، نويد ۽ مهيش شامل آهن. جڏهن ته ڪينال ۾ ٻڏي ويل مشهور فنڪار ساگر شاهه جي ڳولا جاري آهي.واقعي سبب علائقي ۾ ڏک ۽ ڳڻتي واري صورتحال پيدا ٿي وئي.

بقايا 5 روزاني عبرت

رفاقت ٽرالر جو ڊرائيور واقعي هنڌان فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي. پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڏني آهي.

بقايا 6 روزاني عبرت

ڪرائڻ بعد لاش مقتول جي ڀاءُ عبيدالله بڪيجو حوالي ڪيو. هوڏانهن لاش وصول ڪندڙ مقتول جي ڀاءُ ٻڌايو ته منهنجو ڀاءُ ثناءالله ڪجهه ڏينهن کان پنهنجي ماسات وٽ رهندو هو جن فائرنگ ڪري قتل ڪرڻ بعد لاش ڦٽو ڪري ويا آهن ، ٻئي پاسي پوليس ٻڌايو ته نوجوان کي پنهنجي ئي ماسات طرفان ڪارڻهن الزام هيٺ قتل ڪيو ويو آهي، پوليس موجب واقعي ۾ ملوث ٻن مک جوابدارن ابراهيم بڪيجو ۽ تيمور بڪيجو فرار ٿي ويا آهن جڏهن ته جوابدارن جي پيءُ شمشاد بڪيجو کي گرفتار ڪري ورتو آهي، هوڏانهن آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل ٿي رهيو هو.قتل

بقايا 7 روزاني عبرت

ٻارن جون وڊيوز وڪرو ڪري رهيو هو. ٻارن جي عمر پنجن کان ڇهن سالن جي وچ ۾ هئي. هن چيو ته پاڪستان جي تاريخ ۾ ان نوعيت جو اهڙو پهريون ڪيس اڳ ڪڏهن سامهون نه آيو آهي.اين سي سي آءِ اي جي ايڊيشنل ڊائريڪٽر موجب، جوابدار جو واسطو اسڪردو سان هو. جڏهن ته ٽولي جو نشانو ڇهن، ستن سالن کان وٺي 15 سالن تائين جي عمر وارا ٻار هئا. ٻارن جون اڻنگيون وڊيوز ٽيليگرام وسيلي وڪرو ڪيون وينديون هيون.ايجنسي موجب، جاٿايل جار جي جاچ دوران ٻارن سان جنسي ڏاڍائي ۽ سان گڏ جانورن تي تشدد ۽ انهن سان بدفعلي جون وڊيوز ناهڻ جو معاملو پڻ سامهون آيو. عالمي ادارن جي سهڪار سان هڪ مهيني تائين جاچ جاري رهي، جڏهن ته ان سلسلي ۾ ملتان، اسلام آباد ۽ ڏکڻ پنجاب ۾ وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.اين سي سي آءِ اي جي ايڊيشنل ڊائريڪٽر محمد شعيب خان چيو ته ماءُ پيءُ کي آگاهي ڏني ويندي ته هو پنهنجن ٻارن جي موبائل فونن تي ڏٺل مواد جي نگراني ڪيئن ڪن. هن وڌيڪ چيو ته جيڪي ماءُ پيءُ پنهنجن ٻارن جي ڏوهن بابت ڄاڻ هئڻ باوجود لاڳاپيل ادارن کي آگاهه نٿا ڪن، تن خلاف پڻ ڪارروائي ڪئي ويندي.اين سي سي آءِ اي جي عملدارن موجب، سائبر ڏوهن بابت شڪايتون داخل ڪرائڻ لاءِ 1799 واري مددگار ٽيليفون سروس پڻ سرگرم آهي

بقايا 8 روزاني عبرت

پروين ڌيءَ روشن علي ڪلهوڙو سخت زخمي ٿي پئي، جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ هالائيءَ جي اسپتال نيو ويو جتي هوءَ زخمن جا سور نه سهندي لاڏاڻو ڪري وئي. هالائي اسپتال ۾ نيٺنگريءَ جي پيءُ روشن علي ڪلهوڙو الزام هنيو ته سندس ڌيءَ کي فياض ڪلهوڙو گوليون هڻي قتل ڪيو آهي.

بقايا 9 روزاني عبرت

رئيس ولي محمد ڪلوئي جي گهرواري، نامياري وڪيل رئيس الطاف ڪلوئي ۽ يونين ڪائونسل منصوره جي چيئرمين رئيس عابد حسين ڪلوئي جي والده، جڏهن ته رئيس غلام علي ڪلوئي جي ڀاڄائي، رضاءِ الاهي سان هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري وئي. مرحومه جي جنازي نماز ڳوٺ رئيس ولي محمد ڪلوئي ۾ ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ سياسي، سماجي شخصيتن، ڪلوئي برادري جي معززين ۽ علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. جنازي نماز ۾ چيئرمين حبيب الله ملوخاڻي، رئيس بابل خان مڱسي، حضور بخش شر حاجي رحيم بخش ڪلوئي، رئيس گلزار خان ڪلوئي، اسلم خاصخيلي، مظهر حسين زرداري، قلندر بخش ڪٽوهر رئيس عارف خان مري، يوسف آرائين، عبدالله خاصخيلي، ڪامريڊ نظر حسين رند، فقير عبدالڪريم شورو، فقير محمد مهر حاڪم علي بلوچ، امداد بلوچ، سليم لسڪاڻي ۽ شاڪر علي راجپوت سميت مختلف سياسي، سماجي ۽ برادري جي شخصيتن شرڪت ڪئي.ان موقعي تي مرحومه جي مغفرت ۽ ايصال ثواب لاءِ دعا گهري وئي، جڏهن ته سوڳوار خاندان سان دلي تعزيت جو اظهار ڪندي وارثن سان ڏک ونڊيو ويو.ٻئي طرف مرحومه جي وارثن وٽ تعزيت جو سلسلو جاري آهي، جتي مختلف سياسي، سماجي ۽ برادري جون معزز شخصيتون پهچي سوڳوار خاندان سان همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪري رهيون آهن.الله پاڪ کان دعا آهي ته مرحومه جي مغفرت فرمائي، کيس جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري ۽ پونئرن کي هي ڏک برداشت ڪرڻ لاءِ صبر جميل عطا فرمائي. آمين

بقايا 10 روزاني عبرت

گمبٽ کان خيرپور ويندي شاهه حسين قومي شاهراهه تي هٿياربند ڦر دوران مزاحمت ڪرڻ تي تشدد ڪري فرار ٿي ويا واقعي جو اطلاع شاهه حسين ٿاڻي جي پوليس کي ڏنو پر پوليس ڪا به ناڪابندي نه ڪئي جنهن سبب ڦورو آساني سان فرار ٿي ويا : متاثر واپاري مهيش ڪمار اسان اقليتن سان هتي وڏو ظلم آهي ڪڏهن اسان کي ڀتي لاءِ تنگ ڪيو پيو وڃي ته ڪڏهن اسان کي مختلف طريقن سان حراسان ڪيو پيو وڃي واپاري ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي ڦر ٿيل موٽرسائيڪل واپس ڪرائي وڃي ۽ امن امان بحال ڪرايو وڃي.

بقايا 11 روزاني عبرت

خالد فاروقي، الله لوڪ ابڙو ۽ ٻيا شامل هئا.ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته ريلوي پينشنرز جي مسئلن ۽ جائز مطالبن جي حل لاءِ جدوجهد جاري رکي ويندي. هنن حڪومت پاڪستان، وزارت ريلوي ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته رٽائرڊ ملازمن ۽ سندن گهراڻين کي درپيش مسئلا فوري طور حل ڪيا وڃن.اڳواڻن چيو ته ريلوي اختيارين جي عدم توجهه سبب پينشنرز سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن. پر سندن جائز مسئلن جي حل لاءِ سنجيدگي نظر نٿي اچي، جيڪا پينشنرز سان ناانصافي آهي. هنن چيو ته پينشنرز جي حقن جو تحفظ سندن عزم آهي ۽ مطالبن جي منظوري تائين جدوجهد جاري رهندي.هنن مطالبو ڪيو ته پينشن ۽ ٻين واجبات جي بروقت ادائيگي يقيني بڻائي وڃي، بزرگ پينشنرز، بيواهن ۽ يتيم ٻارن جا رهيل واجبات فوري طور ادا ڪيا وڃن. دوران ملازمت فوت ٿيندڙ ملازمن جي وارثن کي سندن حق ڏنا وڃن ۽ طبي سهولتن کي بهتر بڻايو وڃي.اڳواڻن وڌيڪ مطالبو ڪيو ته ريلوي ملازمن ۽ پينشنرز لاءِ بهتر رهائشي سهولتون، پيئڻ جي صاف پاڻي ۽ ويهڻ جا مناسب انتظام ڪيا وڃن. ميڊيڪل الائونس ۾ اضافو ڪيو وڃي ۽ ريلوي هائوس ڪارڊ توڙي ٻين ريل گاڏين ۾ سفر دوران اضافي رقم وصول ڪرڻ جو سلسلو بند ڪيو وڃي.هنن حڪومت ۽ ريلوي اختيارين تي زور ڀريو ته پينشنرز جا پراڻا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪري پيرسن رٽائرڊ ملازمن ۽ سندن خاندانن کي درپيش پريشانين جو ازالو ڪيو وڃي.

بقايا 12 روزاني عبرت

جي حد جهول روڊ تي الفتح پيٽرول پمپ وٽ تيز رفتار مسافر ڪوچ ۽ ڪار ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ئي خاندان جي 2 ٻارڙن سميت 5 فوت ٿي ويا ۽ 2 عورتن سميت3 bڄڻا زخمي ٿي پيا فوتين ۾ 48 ورهين جو منو پٽ نانجي ڪولهي سندس گهرواري 40 ورهين جي شريمتي نيلان زال منو سندن 30 ورهين جو پٽ رامون ولد منو ڪولهي ۽ 5 ورهين جو معصوم ٻار ديول پٽ رامون ڪولهي ۽ 4 ورهين جو ڪنهيو پٽ رامون فوت ٿي ويا زخمين ۾ 30 ورهين شريمتي هيري زال رامون . 30 ورهين جي شريمتي گلابي زال ويرم ۽ روشني عرف نشا ڌيءَ منو ڪولهي شامل آهن فوتين ۽ زخمين جو تعلق تعلقي سعيدآباد جي ڳوٺ بلاول ڪوسو سان ٻڌايو پيو وڃي حادثي ۾ ڪار ڪوچ هيٺيان اچي وئي اطلاع تي پوليس ۽ علائقي واسي پهچي ويا ڪار کي ڪٽي لاشن ۽ زخمين کي ٻاهر ڪڍيو ويو حادثي جو شڪار ٿيل خيرات جي دعوت کائي واپس وڃي رهيا هئا ته حادثو پيش آيو فوتين ۽ زخمين کي تعلقي اسپتال آندو ويو جتان 4 زخمين زخمين کي طبي امداد ڏئي حيدرآباد اسپتال موڪليو ويو جتي ٻارڙو ڪنهيو زخمن جي سٽ نه سهندي فوت ٿيو ويو حادثي بعد ڪوچ ڊرائيور فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو پوليس ڪوچ کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيا ويا آهن جيڪي پنهنجي ڳوٺ بلاول ڪوسو ڪٽائي ويا هڪ ئي 5 جنازه گڏ پهچڻ گهر سميت سموري ڳوٺ ۾ ڪهرام مچي ويو جڏهن ته خبر فائل ٿيڻ تائين واقعي جو ڪيس وغيره داخل ناهي ٿيو

بقايا 13 روزاني عبرت

هڪ عورت سميت 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا، جن کي علاج لاءِ مقامي اسپتال منتقل ڪيو ويو. زخمي شبير ولد عليم پتافي موجب سڱاوتي معاملي تان مخالف ڌر جي ماڻهن لياقت پتافي، غلام پتافي، سعيد پتافي ۽ ٻين مٿن حملو ڪري فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ هو، سندس پٽ ۽ عورت سميت ٻيا ماڻهو زخمي ٿي پيا. هوڏانهن واقعي بابت پوليس جو چوڻ آهي ته معاملي جي جاچ شروع ڪئي وئي آهي، جڏهن ته آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو.

بقايا 14 روزاني عبرت

اوچتو چلهه مان چڻنگ اٿڻ سبب باهه وڪوڙي وئي ، جنهن جي نتيجي ۾ ڇهه گهر سڙي رک ٿي ويا ، جن ۾ ثناءالله بروهي ، غلام رسول بروهي ، منير بروهي ، نور محمد بروهي ، انور بروهي ۽ غلام قادر بروهي جا گهر شامل آهن . جڏهن ته گهرن اندر رکيل هنڌ ڪٿون ڪپڙا ڪڻڪ سولر پليٽون زيور ۽ ٻيو الهه تلهه سڙي رک ٿي ويو

بقايا 15 روزاني عبرت

ٿاڻي جي حد ڳوٺ مولڻ شاهه ۾ سيد ۽ شيخ برادريءَ وچ ۾ پلاٽ جي مالڪي تان تڪرار ڀيهر شدت اختيار ڪري ويو جديد هٿيارن سان فائرنگ هڪ نوجوان اصغر شاهه گولي لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو. جڏهن ته ٽي ڄڻا غلام رضا شاهه، امير علي شاهه، افضل شاهه لٺين ۽ ڪهاڙين لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيا آهن. ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته سيد برادريءَ جا ماڻهو تڪراري پلاٽ تي ڪم ڪري رهيا هئا ته مبينا طور شيخ برادريءَ جي ماڻهن مٿن حملو ڪري ڏنو واقعي دوران فائرنگ ڪئي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ نوجوان گولي لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو. جڏهن ته ٻيا ماڻهو پڻ زخمي ٿي پيا آهن.واقعي جو اطلاع ملڻ تي حد جي پوليس پڻ واقعي واري هنڌ پهچي وئي، جڏهن ته زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو. واقعي کان پوءِ علائقي ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي.ان موقعي تي مذهبي اڳواڻ سيد ثابت شاهه صحافين سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته شيخ برادريءَ سان پلاٽ جي مالڪي تان تڪرار هلندڙ آهي. جڏهن ته اڄ اسين پلاٽ تي ڪم ڪري رهيا هئاسين ته مٿن حملو ڪيو ويو آهي ۽ جديد هٿيارن سان فائرنگ ڪئي وئي آهي ، جنهن ۾ سندن هڪ نوجوان گولي لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو آهي ، جڏهن ته ٻيا ماڻهو ڪهاڙين لڳڻ سبب پڻ زخمي ٿيا آهن. سيد ثابت شاهه ايس ايس پي لاڙڪاڻو اظهر خان مغل ۽ ٻين وس وارن اختيارين کي اپيل ڪئي ته واقعي جو نوٽيس وٺي، معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪري کين انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 16 روزاني عبرت

سول اسپتال خيرپور منتقل مقتول يار جو لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو.تفصيل موجب خيرپور شهر جي شاهه لطيف ٿاڻي جي حد ۾ ٻن ڌرين وچ ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو ، جنهن دوران 13 ورهين جو ريحان علي سوهو قتل ٿي ويو ۽ نوجوان پرويز علي لنجوائي سخت زخمي ٿي پيو.زخمي نوجوان کي فوري طور سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو جتي سندس حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي. ٻئي پاسي مقتول يار جو لاش پوسٽ مارٽم ڪانپوءِ وارثن حوالي ڪيو ويو. لاش گهر پهچڻ تي وارثن ۾ روڄ راڙو مچي ويو.واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ ڇڪتاڻ جي صورتحال پيدا ٿي وئي. پوليس موجب جوابي ڪارروائي ۽ وڌيڪ جهيڙي کي روڪڻ لاءِ علائقي ۾ پوليس فورس مقرر ڪئي وئي آهي.

بقايا 17 روزاني عبرت

تيز دار اوزار سان ڪهي قتل ڪيو آهي هنن مبينا الزام هنيو آهي ته مقتولا کي سندس ماروٽ اعجاز جوڻيجو گهر جو سون ڪٽي وڃڻ بعد واپس گهرڻ تي کيس قتل ڪيو ويو آهي هنن چيو ته مقتولڻ جي ماءُ جنت خاتون جوڻيجو غلط بياني پئي ڪري قتل ۾ ملوث پنهنجي ڀائٽي اعجاز جوڻيجو کي بچائڻ لاءِ رفيق جوڻيجو شمن جوڻيجو ممون جوڻيجو ۽ آست خاتون خلاف ڪوڙا بيان ڏئي رهي آهي هنن گهر ڪئي ته بينگاهه گرفتار ڪيل اسان جي ماڻهن شمن جوڻيجو ممون جوڻيجو رفيق جوڻيجو سرور جوڻيجو پيارو جوڻيجو آست خاتون کي آزاد ڪري حقيقي جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي هنن پوليس پاران داخل ڪيل ايف آءِ آر کي غلط قرار ڏئي رد ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي

بقايا 18 روزاني عبرت

طرفان بجلي بحال ڪرڻ ۽ ڪريل تار کي درست ڪرڻ لاءِ ترت قدم کڻڻ جي ضرورت محسوس ڪئي پئي وڃي. ڪريل تار سبب خاص طور تي مال مويشي کي ڪرنٽ لڳڻ جو خطرو آهي، جنهن ڪري ڳوٺاڻن ۾ ڳڻتي پکڙيل آهي.ڳوٺاڻن لاڳاپيل بجلي انتظاميه جي بي ڌيانيءَ تي احتجاج ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته ڳوٺ مالهٽور ڳاوڙ جي بجلي فوري طور بحال ڪئي وڃي ۽ ڳوٺ رائيلو رند وٽ ڪريل بجليءَ جي تار کي هنگامي بنيادن تي درست ڪيو وڃي، جيئن ڪنهن به انساني جان يا مال مويشي جي نقصان کان بچي سگهجي. ڳوٺاڻن اعليٰ اختيارين ۽ بجلي ڪاتي جي ذميوارن کي اپيل ڪئي آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي بجليءَ جي فراهمي بحال ڪرائي وڃي ۽ ڳوٺاڻن کي پيش ايندڙ پريشانين جو ازالو ڪيو وڃي.

بقايا 19 روزاني عبرت

اسپتال عمرڪوٽ منتقل ڪيو ويو. زخمين مان سونو عرف امرت مالهي ۽ گووند ڪولهي جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ سبب کين وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو جتي گووند ڪولهي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو. فوتي گووند ڪولهي جو مڙهه عمرڪوٽ پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو. جڏهن ته وارثن ۾ ڏک جي لهر ڇانئجي وئي، ٻئي پاسي ڄاڻ موجب، ٽي تلوار چوڪ کان ڪنري روڊ ڏانهن ويندڙ ٽويوٽا ڪار نمبر BBR-245جو ڊرائيور حادثي ڪانپوءِ گاڏي ڇڏي فرار ٿي ويو. پوليس ڪار پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏي آهي، جڏهن ته ڊرائيور جي نشي ۾ هجڻ جا الزام پڻ سامهون آيا آهن. ذريعن موجب، واقعي جي سلسلي ۾ هڪ جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي، جڏهن ته پوليس فرار ٿيل ڪار ڊرائيور جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي رهي آهي.

بقايا 20 روزاني عبرت

عورتون معاشري جي ترقي، خوشحالي ۽ روشن مستقبل جي ضمانت آهن. شاگردياڻين کي تعليم سان گڏ تقريرن، علمي ۽ تخليقي سرگرمين ۾ پڻ ڀرپور حصو وٺڻ گهرجي، جيئن انهن ۾ خوداعتمادي، پنهنجي خيالن جي اظهار ۽ قيادت جون صلاحيتون پيدا ٿي سگهن. ڊپٽي ڪمشنر پنهنجي خطاب ۾ سوشل ميڊيا جي مثبت ۽ ناڪاري پهلوئن تي روشني وجهندي چيو ته سوشل ميڊيا موجوده دور ۾ معلومات حاصل ڪرڻ، علم جي واڌاري ۽ شعور اجاگر ڪرڻ جو هڪ مؤثر ذريعو آهي، پر ان جو غير ذميوارانو ۽ ناڪاري استعمال نوجوان نسل کي گمراهي، غلط معلومات ۽ غير ضروري سرگرمين ڏانهن پڻ وٺي وڃي سگهي ٿو. هن چيو ته سوشل ميڊيا استعمال ڪندي صحيح ۽ مستند معلومات کي ترجيح ڏني وڃي، ڪوڙين خبرن کان پاسو ڪيو وڃي ۽ وقت کي مثبت، تعليمي ۽ تعميري مقصدن لاءِ استعمال ڪيو وڃي. ڊپٽي ڪمشنر چيو ته نوجوانن، خاص طور تي شاگردياڻين کي سوشل ميڊيا پنهنجي تعليم، تحقيق، هنر سکڻ ۽ صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجي. هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته جديد ٽيڪنالاجي مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ شعور، ذميواري ۽ مثبت سوچ ضروري آهي. شاگردياڻين کي گهرجي ته سوشل ميڊيا تي موجود معلومات کي بنا سوچڻ سمجهڻ جي قبول ڪرڻ بدران ان جي حقيقت سمجهڻ ۽ تصديق ڪرڻ جي عادت اختيار ڪن.

بقايا 21 روزاني عبرت

حتمي فيصلا نه ٿيڻ سبب سندن پريشانيون وڌي رهيون آهن. هنن مطالبو ڪيو ته خالي پيل جاين، ايس اين اي (SNE)، ايس ٽي آر (STR)۽ رٽائرمينٽ سبب خالي ٿيندڙ سيٽن جو جائزو وٺي پاليسي ۾ ضروري ترميمون ڪيون وڃن. جڏهن ته اهل اميدوارن کي ضلعي يا ڊويزن جي سطح تي ايڊجسٽ ڪري ميگا فيز تحت آفر آرڊر جاري ڪيا وڃن. احتجاج ڪندڙن چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ لاڳاپيل اختيارين کي اپيل ڪئي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي سندن مسئلو حل ڪيو وڃي. هنن خبردار ڪيو ته مطالبا تسليم نه ٿيڻ جي صورت ۾ 2 نومبر تي بلاول هائوس ڪراچي جو گهيراءُ ڪيو ويندو.اڳواڻن چيو ته اميدوار پنهنجن جائز حقن جي حاصلات تائين پرامن جدوجهد جاري رکندا.

بقايا 22 روزاني عبرت

قيام جو رستو بند ڪري ڇڏيو آهي جيڪڏهن صوبا ناهڻا آهن ته پوءِ گلگت بلتستان ۽ پنجاب ۾ نوان صوبا ناهيا وڃن. اهڙن خيالن جو اظهار هن پي ايس 15 ميروخان ۾ ايم پي اي ترقياتي پروگرام تحت ڳوٺ ڪبڙ ڪلهوڙو، بهادر پند سميت مختلف ڳوٺن ۾ سي سي ڊرين ۽ پيور بلاڪ جي اسڪيمن جو افتتاح ڪرڻ کان پوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو. هن چيو ته آئيني طور تي نئون صوبو ناهڻ جو اختيار پارليامينٽ کي نه پر لاڳاپيل صوبائي اسيمبلين کي حاصل آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن به صوبي جي صوبائي اسيمبلي 2 پاڱي 3 جي اڪثريت سان نئين صوبي جي قيام لاءِ قرارداد منظور ڪري ته پوءِ ئي نئون صوبو ٺهي سگهي ٿو جڏهن ته سنڌ اسيمبليءَ نئين صوبي ۽ انتظامي يونٽن جي خلاف قرارداد منظور ڪري اهو فيصلو ڏئي ڇڏيو آهي ته سنڌ کي نئون صوبو نه گهرجي. هن چيو ته سنڌ اسيمبليءَ پاڪستان ناهڻ جي قرارداد منظور ڪئي ته ملڪ ٺهيو ۽ هاڻي ان ئي سنڌ اسيمبليءَ 6 ڀيرا نون صوبن خلاف قرارداد منظور ڪري نئين صوبي جي خلاف فيصلو ڏئي چڪي آهي ته پوءِ سنڌ اسيمبليءَ جي قرارداد کان پوءِ هاڻي نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن بابت بحث ۽ راڳ الاپڻ بند ٿيڻ گهرجي، هن چيو ته مڪاني ادارن جي اختيارن کي هيٺين سطح تي منتقل ڪرڻ جي آڙ ۾ انتظامي يونٽن جون ڳالهيون ڪندڙن جو منطق ئي عجيب آهي ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ 6 ڊويزنن جي صورت ۾ انتظامي يونٽ اڳ ئي موجود آهن ۽ جيسيتائين مڪاني ادارن جي اختيارن جي هيٺين سطح تي منتقليءَ جي ڳالهه آهي ته پوءِ پيپلز پارٽيءَ جي سنڌ حڪومت مڪاني ادارن جي نمائندن کي هيٺين سطح تي عوام جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ بااختيار بڻايو آهي ۽ اهو ئي سبب آهي ته ساليانو سنڌ جي سمورن لوڪل ڪائونسلن کي 150 ارب روپين کان وڌيڪ او زيڊ ٽي فراهم ڪيا پيا وڃن ۽ هر يوسي کي مهيني تي 10 لک روپيا او زيڊ ٽي فراهم ٿيندي آهي ته جيئن هيٺين سطح تي ترقياتي ڪمن سميت عوام جا مسئلا حل ٿي سگهن. هن چيو ته جن صوبن ۾ مڪاني ادارن جو نظام ئي موجود ناهي ته اتي اهو سوال ڇو نه پيو اٿاريو وڃي ته مڪاني چونڊون ڇو نه ٿا ڪرايو؟ سنڌ واحد صوبو آهي جيڪو مڪاني چونڊون ڪرائڻ سان گڏ مڪاني ادارن کي هيٺين سطح تي بااختيار بڻايو آهي ان جي باوجود سنڌ جي مڪاني نظام کي تنقيد جو نشانو بڻائڻ مناسب ناهي. هن وڌيڪ چيو ته وفاقي حڪومت پاران 28 هين ترميم غور هيٺ نه هجڻ جي اعتراف کان پوءِ 28 هين آئيني ترميم بابت ٽي وي چينلن تي بحث ٿي اجايو آهي ڇاڪاڻ ته ڪنهن به آئيني ترميم لاءِ وفاقي حڪومت وٽ 2 پاڱي 3 جي اڪثريت هجڻ لازمي آهي ۽ 28 هين ترميم لاءِ وفاقي حڪومت وٽ 2 پاڱي 3 اڪثريت موجود ئي ناهي ۽ نه ئي 28 هين ترميم جو ڪو ڊرافٽ سامهون آيو آهي ته پوءِ 28 هين آئيني ترميم اجهو بابت افواهون ڦهلائي غيرضروري بحث ڇو ڪيو پيو وڃي؟ هن چيو ته وفاقي حڪومت پاڻ ئي اهو اعتراف ڪري چڪي آهي ته 28 هين ترميم وفاقي حڪومت جي غور هيٺ ناهي ته پوءِ اهو ثابت ٿي ويو ته 28 هين ترميم جو في الحال ڪو وجود ئي ڪونهي ۽ اهي ڳالهيون هوائي آهن. هن چيو ته ڪي پي ڪي ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ جو ذميوار صدر آصف علي زرداري کي قرار ڏيڻ قطعي مناسب ناهي ڇاڪاڻ ته صدر مملڪت جو عهدو آئيني آهي ۽ صدر مملڪت آصف علي زرداريءَ پاران ڪي پي ڪي ۾ گورنر راڄ جي سمري تي صحيح وفاقي ڪابينا جي منظوري ۽ وزيراعظم پاران موڪليل ايڊوائيس کان پوءِ ڪئي آهي ان ڪري صدر آصف علي زرداريءَ کي ڪي پي ڪي ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ جو ذميوار قرار ڏيڻ صدر جي عهدي جي توهين ڪرڻ برابر آهي. هن چيو ته جڏهن ڪنهن صوبي ۾ امن امان جي صورتحال حد کان وڌيڪ خراب ٿي وڃي ۽ صوبائي حڪومت امن امان تي ڪنٽرول ڪرڻ بجاءِ دهشتگردي خلاف ڪارروائيون ڪرڻ کان انڪار ڪري ته پوءِ ان صوبي ۾ گورنر راڄ لاڳو ٿي سگهي ٿو. هن چيو ته ڪي پي ڪي ۾ گورنر راڄ لاڳو ٿيڻ کان پهريان حڪومتي مذاڪراتي ڪميٽي ۽ پي ٽي آءِ اڳواڻن وچ ۾ ڪي پي ڪي ۾ دهشتگردن ۽ دهشتگردي خلاف ڪارروائين لاءِ ايڪشن پلان جوڙڻ لاءِ ڳالهيون ٿيون پر ڪي پي ڪي جي اڳوڻي وڏي وزير دهشتگردي خلاف ڪارروائي واري ايجنڊا تان پوئتي هٽي ويو ڇاڪاڻ ته دهشتگردي اسان سڀني جي ريڊ لائين آهي ان ڪري وفاقي حڪومت ڪي پي ڪي ۾ گورنر راڄ لڳايو. هن چيو ته سياست ۾ ڳالهين جا دروازا بند نه ڪرڻ گهرجن پر پي ٽي آءِ ڪي پي ڪي جي صورتحال بابت ڳالهين کي سياسي پوائنٽ اسڪورنگ جي ور چاڙهيو ۽ لچڪ نه ڏيکاري جنهن ڪري پي ٽي آءِ ۽ حڪومتي مذاڪراتي ڪميٽي وچ ۾ ڳالهيون ناڪام ٿيون. هن چيو ته هاڻي به جيڪڏهن پي ٽي آءِ ڳالهين لاءِ سنجيدگي ظاهر ڪري ۽ دهشتگردي خلاف ڪارروائين لاءِ ڪنهن ايڪشن پلان تي راضپو ظاهر ڪري ته ڪي پي ڪي ۾ گورنر راڄ ختم ٿي سگهي ٿو. ٻئي طرف نثار احمد کهڙي پي ايس 15 ميروخان جي مختلف ڳوٺن ۾ تعزيتون ڪيون ۽ ترقياتي اسڪيمن جو افتتاح ڪرڻ سان گڏ هلندڙ اسڪيمن جو معائنو پڻ ڪيو.

بقايا 23 روزاني عبرت

ڊولو لولائي رحيم يار خان اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو. وارثن عبدالقادر، ممتاز ۽ معشوق لولائي احتجاج ڪندي الزام هنيو ته حادثي ۾ ملوث موٽرسائيڪل سوارن خلاف اڃا تائين ڪيس داخل ناهي ڪيو ويو ۽ نه ئي گرفتاريءَ لاءِ ڪا ڪارروائي ڪئي پئي وڃي. وارثن موجب فوتي جو لاش ٽن ڪلاڪن کان خانپور مهر تعلقي اسپتال ۾ پيل آهي، پر پوليس پوسٽ طرفان ليٽر جاري نه ٿيڻ سبب قانوني ڪارروائي ۾ دير ٿي رهي آهي. هنن پوليس جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو ڪيس داخل ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ لاش جي حوالي سان قانوني ڪارروائي فوري مڪمل ڪئي وڃي.

بقايا 24 روزاني عبرت

ڪمشنر ميئر سميت ٻيا عملدار واقعي واري هنڌ پهتا، ضلعي انتظاميه سميت ٻين ادارن باهه لڳڻ جا ڪارڻ معلوم ڪرڻ لاءِ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي شهر جي ايمپائر روڊ واري علائقي ۾ داتا سي اين جي اسٽيشن ۽ پيٽرول پمپ کي اوچتي باهه لڳي وئي. باهه سبب پيٽرول پمپ تي بيٺل ڪار، 4 موٽرسائيڪلون، هڪ وين، سي اين جي فلنگ ٽينڪ، پيٽرول فلنگ ٽينڪ، 2 ڪينوپي، پيٽرول پمپ جي ڇت سميت ٻيو سامان مڪمل طور سڙي رک ٿي ويو. باهه لڳڻ کان پوءِ زمين هيٺ پوريل پيٽرول ٽينڪ ڌماڪي سان ڦاٽي پئي، باهه سبب پيٽرول ڀرائڻ لاءِ آيل ماڻهن توڙي ملازمن ۾ ڀاڄ پئجي وئي جيڪي پنهنجون موٽرسائيڪلون ۽ سامان ڇڏي جان بچائي پيٽرول پمپ مان نڪري ويا ۽ آسپاس جي علائقي ۾ خوف ۽ هراس ڦهلجي ويو ڪيترائي ماڻهن واري واري هنڌ گڏ ٿي ويا جڏهن ته ايمپائر روڊ، مڇي مارڪيٽ، ريشم گلي، سبزي منڊي سميت ٻين علائقن کان ايندڙ ويندڙ ماڻهن کي سخت مشڪلاتن جو منهن ڏسڻو پئجي ويو اطلاع تي ريسڪيو1122 جي ٽيم، ميونسپل ڪارپوريشن سان واسطو رکندڙ فائربرگيڊ جون گاڏيون واري هنڌ پهتيون جن طرفان ريسڪيو آپريشن ڪري باهه تي ضابطو آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ٽن ڪلاڪن کان پوءِ باهه تي ضابطو آندو ويو باهه جي اطلاع تي اسسٽنٽ ڪمشنر لاڙڪاڻو راجا خان قريشي، ميئر لاڙڪاڻو ايڊووڪيٽ انور علي لهر ۽ چيئرمين دڙي ٽائون سميت ٻيا عملدار واقعي واري هنڌ پهتا جن واقعي بابت تفصيل وٺي جائزو پڻ ورتو. ان حوالي سان ريسڪيو1122 پنهنجي جاري ڪيل پڌرائي ۾ چيو آهي ته اطلاع تي ميونسپل ڪارپوريشن جي ٽيمن سان گڏجي واقعي واري هنڌ پهچي فوري طور باهه تي ضابطو آڻڻ لاءِ آپريشن شروع ڪيو ويو. مسلسل ٻن ڪلاڪن جي ڪوشش کان پوءِ باهه تي ضابطو آندو ويو آهي، ڀيهر باهه لڳڻ جي خطري کي ختم ڪرڻ لاءِ پيٽرول پمپ کي ٿڌو ڪري علائقي کي محفوظ بڻايو ويو آهي، خوشقسمتيءَ سان باهه واري واقعي ۾ ڪو به جاني نقصان ناهي ٿيو. اسسٽنٽ ڪمشنر راجا خان قريشي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته باهه واري واقعي ۾ باهه سبب پيٽرول پمپ تي بيٺل ڪار، 4 موٽرسائيڪلون، هڪ وين، سي اين جي فلنگ ٽينڪ، پيٽرول فلنگ ٽينڪ، 2 ڪينوپي، پيٽرول پمپ جي ڇت سميت ٻيو سامان مڪمل طور سڙي رک ٿي ويو آهي، اطلاع تي ريسڪيو سان گڏ ميونسپل ڪارپوريشن، پوليس ۽ انتظاميه واقعي واري هنڌ پهتي ۽ هن وقت باهه تي ضابطو اچي چڪو آهي. هن چيو ته باهه واري واقعي ۾ ڪو به جاني نقصان ناهي ٿيو في الحال باهه لڳڻ جا ڪارڻ بعد ۾ معلوم ٿي سگهن ٿا ۽ نه ئي شروعاتي رپورٽ پڌري ٿي سگهي آهي، جلد واقعي جا ڪارڻ معلوم ڪيا ويندا . ان حوالي سان مارڪيٽ ٿاڻي جي پوليس رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته داتا سي اين جي اسٽيشن ۽ پيٽرول پمپ واري واقعي بابت اکين ڏٺي شاهدن ٻڌايو آهي ته آئل ٽينڪر ليڪ هئي جنهن بابت پاڙي جي دڪاندار به آئل ٽينڪر جي ڊرائيور کي آگاهه ڪيو هو. داتا سي اين جي اسٽيشن ۽ پيٽرول پمپ کي باهه جا ڪارڻ معلوم ڪرڻ لاءِ ضلعي انتظاميه، ريسڪيو1122، ميونسپل ڪارپوريشن ۽ فائربرگيڊ جا آفيسر جاچ ڪري اهڙي رپورٽ ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو کي اماڻيندا جنهن کان پوءِ باهه واري واقعي جي وڌيڪ جاچ جا امڪان پڻ آهن.

بقايا 25 روزاني عبرت

نعريبازي ڪري ڌرڻو هنيو جنهن سبب ٻنهي طرفن کان ايندڙ ويندڙ گاڏيون بلاڪ ٿي ويون ، احتجاج ڪندڙ وارثن ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته گم ٿي ويل نوجوانن جي بازيابي لاءِ وڏا زور لڳايا آهن پر ڪٿان ڪا ڪو ڏس پتو نه ٿو ملي مجبور ٿي ڪري رستن تي نڪتا آهيون نوجوانن کي بازياب ڪرائي ڏنو وڃي، وارثن الزام هنيو ته اسان تي ٻه ڀيرا حملو ڪرائي خاموش رهڻ لاءِ ڌمڪايو ويو، هنن چيو ته نوجوانن کي بازياب ڪرائي ڏنو وڃي ۽ اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 26 روزاني عبرت

صدارت ۾ منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ سنڌ جي مختلف شهرن، علائقن کان ايس يو پي ۽ قومي ڪارڪنن، اڳواڻن ۽ ڳوٺاڻن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ايس يو پي جي مرڪزي صدر سيد زين شاهه چيو ته سنڌ جي وحدانيت خلاف ڪا به سازش ۽ ڳالهه برداشت نه ڪنداسين، هن چيو ته پنهنجي ڌرتي سان هميشه وفادار رهي ڪري سنڌ وطن جو بچاءُ ڪنداسين. جيڪي سنڌ ڏانهن ميري اک کڻي ڏسن ٿا، انهن جون اکيون ڪڍي ڇڏينداسين، هن وڌيڪ چيو ته سنڌ اسان جي لاءِ مقدس آهي، پيپلزپارٽي سنڌ جي سوداگر پارٽي بڻيل آهي، جيڪا اقتدار خاطر سنڌ کي ورهائڻ چاهي ٿي، پ پ ڪرسيءَ جا مزا ماڻڻ لاءِ سنڌ جو درياءُ زمينون، ڪوئلو، گئس، تيل، جبل، ڍنڍون، تاريخي ماڳ، بيٽ ۽ سڀ وسيلا طاقتور ڌرين کي لکي ڏئي ڇڏيا آهن جيڪي سڀ ڪم ظاهر ٿيندا پيا وڃن. پر سنڌ جا حلالي پٽ اٿين ڪڏهن به ڪرڻ نه ڏيندا ۽ مهاڏو اٽڪائي مزاحمت ڪندا. پيپلز پارٽي سنڌ ۾ مرسون مرسون جا نعرا هڻي سنڌ جي ماڻهن ۾ سرخرو ٿيڻ چاهين ٿا پر سنڌ جو عوام سجاڳ آهي شعور رکي ٿو، پيپلز پارٽي جي اهڙي منافقت واري ڪردار کان چڱيءَ طرح واقف آهي، ارڙهن سالن کان سنڌ تي قابض پ پ سرڪار سنڌ جي وحدانيت خلاف جيڪو ڪم ڪيو آهي، ايترو ٻيو ڪنهن به نه ڪيو آهي، بلاول ڀٽو زرداري کي وزير اعظم بڻائڻ لاءِ اهو سڀ ڪجهه ڪيو پيو وڃي، سنڌ هنن جي جاگير ناهي، جيئن وڻين تيئن ڪن. سنڌ جي وارث سنڌي قوم آهي. اسان سائين جي ايم سيد جا اولاد ۽ پيروڪار آهيون، پنهنجي ڌرتي ۽ ڌرتي جي ماڻهن جي حفاظت ۽ دفاع ڪنداسين. هن وڌيڪ چيو ته ڳوٺ بجراڻي لغاري جي شهيدن، شهيد عرفان لغاري، شهيد زاهد لغاري ڌرتيءَ ۽ درياءَ لاءِ جيڪا قرباني ڏني آهي، اها تاريخ جي ورقن ۾ هميشه سونهري اکرن ۾ لکيا ويندا، ايندڙ نسل انهن شهيدن تي ناز ڪندو، هن چيو ته درياءَ جا شهيد ڌرتيءَ جا سچا عاشق هئا، جن پنهنجي جان قربان ڪري سنڌو درياءَ بچايو ۽ ثابت قدم رهيا. شهيدن جي ڳوٺ وارن سان سنڌ حڪومت جيڪي ظلم ڪيا اهي تاريخ جو حصو بڻيل آهن. هن چيو ته بلوچستان، ڪي پي ڪي ۽ سنڌ ۾ جيڪي ظلم ٿي رهيا آهن، انهن جي پويان پيپلزپارٽي جو هٿ آهي، 26 ۽ 27 ترميم مظلوم قومن تي لاڳو ڪري عدالتن مان انصاف ختم ڪيو ويو ۽ مظلوم ماڻهن لاءِ انصاف جا دروازا بند ڪيا ويا، جنهن جي ذميوار پيپلزپارٽي آهي. هاڻي سنڌ جي ماڻهن کي پنهنجي ۽ پرائي ماڻهن جي پرک ڪرڻي پوندي ته سڄڻ ۽ دشمن ڪير آهن ۽ ڏکي وقت ۾ ڪير گڏ بيٺل آهي، سيد زين شاهه چيو ته ڳوٺ بجراڻي لغاري مان هڪ طاقتور آواز اٿيو هيرلوءِ ڌرتي جي ڪاميابي پڻ هن ڳوٺ جي شهيدن ڏانهن وڃي ٿي ۽ سنڌ جي وحدانيت خلاف تحريڪ جو مرڪز پڻ هن ڳوٺ کان شروعات ٿيندي، ڇو ته جرئت، بهادري، سچائي ۽ مخلصي پنهنجي ڌرتيءَ سان اٿن، ڇاڪاڻ ته شهيد ٿيا، گهر ۽ دڪان ڊاهيا ويا، سوين ماڻهن تي ڪوڙا ڪيس داخل ٿيا، جيلن ۾ ويا، پر هيءَ وقت جي فرعونيت اڳيان نه جهڪيا، جنهن ڪري ايس يو پي ۽ سنڌ هنن سان گڏ بيٺل آهي، ايس يو پي جي سينيئر نائب صدر روشن علي برڙو چيو ته ايس يو پي سنڌ جي حقيقي اڪيلي پارٽي آهي، جيڪا سنڌ سان ٿيندڙ هر ظلم ۽ ڏاڍ جو مقابلو ڪري ٿي ۽ مظلوم ماڻهن سان داد رسي لاءِ جدوجهد ڪري انصاف ڏياري ٿي، جيڪي ماڻهو سنڌ سان سچا نه آهن اهي پاڻ نروار ٿي رهيا آهن ۽ پيپلزپارٽي کي سنڌ دوست بڻائي رهيا آهن. جڏهن پ پ سنڌ کي نقصان ڏنو آهي، اڃان ڏئي پئي، جنهن ڪري اسان ان ڪانفرنس ۾ نه وياسين، قومپرست جي لباس ۾ اهي ماڻهو پ پ جي بي ٽيم بڻيل آهن. سنڌ تي جڏهن به وار ٿيو آهي، ان ۾ پ پ شامل آهي ۽ ڳوٺ بجراڻي لغاري ۾ مردن، عورتن ۽ ٻارڙن ۾ قومي شعور آهي ۽ سنڌ جو درد سمايل آهي، جن جي جدوجهد سنڌ کي خوشحال بڻائيندي. ايڊووڪيٽ مير احمد منگريو چيو ته اسان هن ڳوٺ جي مظلوم ماڻهن سان گڏ بيٺل آهيون ۽ قانوني رستي ذريعي ٿيل ظلم جو حساب وٺنداسين ۽ انصاف ڏيارينداسين، مورو سانحي سنڌ جي قربانين جي هڪ نئين تاريخ رقم ڪئي آهي، شهيدن سنڌ لاءِ قربانيون ڏنيون، شهيدن جون قربانيون رائيگان نه وينديون ۽ اسان سڀ گڏجي سنڌ جي وحدانيت خلاف ٿيندڙ سازشن کي ناڪام بڻائينداسين، وحدت سنڌ جلسي کي شاندار ڪيو. ناهيد لغاري، ڊاڪٽر زين ڀٽو، منظور علي لغاري، درشن لغاري، علي خان عادل لغاري، رمضان برڙو، مجيب ماڇي ۽ ٻين خطاب ڪيو.ڳوٺ بجراڻي لغاري جي رهواسين پاران مورو سانحي جي آزاد ٿيل قيدين ۽ ڪيس جي پيروي ڪندڙ وڪيلن جي ٽيم کي اجرڪ پارايا ويا، جڏهن ته آيل مهمانن کي پڻ اجرڪ ۽ ٽوپيون پارايون ويون، جلسي کان پهريان سيد زين شاهه ۽ سندس ساٿين شهيد عرفان لغاري ۽ شهيد زاهد لغاري جي آخري آرامگاهه تي پهچي گلن جي چادر چاڙهي دعا پڻ گهري.زين شاهه

بقايا 27 روزاني عبرت

ڪلو وڪامڻ لڳو انتظاميه رڳو چڪر هڻي خانا پوري ڪرڻ ۾ پوري. تفصيل موجب خيرپور جي اٺن ئي تعلقن ۾ اٽو اٿلپ ٿي ويو اٽي جو ڪلو 170 مان 180 روپين تي پهچي ويو پر انتظاميه ڪو به تحرڪ نه ورتو جڏهن ته وزير اعليٰ سنڌ اعلان ڪيو هو ته15 ستمبر کان اٽي چڪي ۽ فلور ملن کي ڪڻڪ جاري ڪئي ويندي جيڪا هن مهل تائين جاري نه ٿي سگهي . ٻڌايو ويو آهي ته ڊي ايف سي خيرپور کي ڊپٽي ڊائريڪٽر سکر پاران فلور ملن ۽ چڪين کي ڪڻڪ اشو ڪرڻ جو ليٽر اڃا تائين ملي نه سگهيو آهي. جڏهن ته معلوم ٿيو آهي ته ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ سکر گذريل ٻن مهينن کان مقرر ٿي نه سگهيو آهي ۽ اها چارج اي ڊي سي 1 سکر تنوير احمد جي حوالي ٿيل آهي جنهن جو فوڊ ڊپارٽمينٽ ۾ ڪم ڪرڻ جو ارادو ئي ناهي ۽ هو دلچسپي نه ٿو رکي تنهن ڪري ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ سکر جا ڪم رلي ويا آهن . جڏهن ته ذريعن مان معلوم ٿيو آهي ته سڄي سنڌ مان ڪڻڪ اٽي چڪي مالڪن ۽ فلورملن کي رليز نه ٿي سگهي آهي تنهن ڪري اٽو جو بحران سنڌ ۾ شدت اختيار ڪري ويو آهي. سڄي سنڌ ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ جا مقرر نه هجڻ ڪري اهي چارجون اسسٽنٽ ڪمشنرن حوالي آهن ۽ روينيو عملدار جيڪي فوڊ جي عملدارن کان وڌيڪ تيز ۽ تکڙا به آهن ۽ هو ڪم بغير ڪنهن مقصد جي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن ان ڪري سڄي سنڌ ۾ اٽي چڪي ۽ فلور ملن کي ڪڻڪ جا چالان جاري ٿي نه سگهيا آهن. جڏهن ته خوراڪ کاتي جي آفيسرن ۾ وڏي تشويش ۽ مايوسي ڦهليل آهي ، خوراڪ کاتي وٽ قابل ڊپٽي ڊائريڪٽر موجود آهن پر انهن کي سائيڊ لائين ڪيو ويو آهي. جڏهن ته چڪي مالڪن ۽ فلور مل مالڪن سڄي سنڌ ۾ اهو چئي ڪڻڪ کڻڻ کان انڪار ڪيو آهي ته اسان کي سٺي ۽ صاف ڪڻڪ ڏني وڃي ۽ پراڻي ڪڻڪ خراب ٿي وئي آهي جنهن ڪري اٽي ۾ اها ڪڻڪ استعمال ڪئي ته ان اٽي ۾ بدبو ٿيندي ۽ پوءِ عوام احتجاج ڪندو ان ڪري صاف سٺري ڪڻڪ فراهم ڪئي ويندي ته ڪڻڪ کڻنداسين نه ته ڪڻڪ نه کڻنداسين. ٻي طرف خيرپور شهري اتحاد جي صدر ميان غلام حسين فاتح، شاهنواز ڪلهوڙو، اسد ناريجو ۽ ٻين تشويش جو اظهار ڪندي چيو آهي ته سنڌ حڪومت اٽي جي ريٽن تي ڪنٽرول نه ٿي ڪرائي عوام سخت پريشان آهي. شاهد سنڌ ۾ حڪومت ئي ناهي، هنن چيو ته اٽي چڪين ۽ فلور ملن کي سٺي ۽ صاف سٺري ڪڻڪ فراهم ڪئي وڃي ۽ اٽي جو اگهه 130 روپيه في ڪلو مقرر ڪيو وڃي ته جيئن غريب عوام کي فائدو ٿي سگهي.

بقايا 28 روزاني عبرت

شڪيب پٽ محمد اسماعيل سمون ۽ ميران عرف ماهه نور ڌيءَ عامر بخاري شاهه کي گرفتار ڪري ڪار پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏي، پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار ٿيل ٻنهي ڄڻن جو تعلق ڪراچيءَ جي علائقي اورنگي ٽائون سان آهي، جڏهن ته سندن قبضي مان 30 لک رپين کان وڌيڪ ماليت جي پارٽي سفينا ۽ آداب سوپاري هٿ ڪئي وئي آهي، پوليس موجب، گرفتار ٿيل ٻنهي جوابدارن خلاف سٽي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي جڏهن ته محمد سومار قادريءَ بجير جو نالو پڻ ڪيس ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

بقايا 29 روزاني عبرت

رانجهن سيال ۽ ٻين اهلڪارن جي ناجائزين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي ميڊيا اڳيان دانهيندي چيو ته سڳيون پوليس ٻااثر ڪوڙل سيال، شهبان سيال، رجب سيال ۽ جي ونگارو بڻجي اسان جي گهر تي ڏاڍيلن جيان چڙهائي ڪري چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال ڪري گهرن ۾ گهڙي عورتن ۽ ٻارڙن تي بدترين تشدد ڪرڻ بعد گهر ۾ بيٺل چوپايو مال، پيل اناج ۽ ٻيو قيمتي سامان ڪٽي وڃڻ سان گڏوگڏ اسان جي نوجوان خدا بخش مگسيجو ۽ راجا مگسيجو کي ڪنهي ڪٽي وڃڻ بعد خدا بخش مگسيجو مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته راجا مگسيجو کي گم ڪري سڳيون چوڪي انچارج 5 لک رپين جي گهر ڪري رهيو آهي، هنن ايس ايس پي خيرپور ۽ ڊي آءِ جي سکر کان پرزور اپيل ڪندي چيو ته خدارا سڳيون پوليس ۽ بااثرن جي ناجائزين جو نوٽيس وٺي ڪنهي گم ڪيل نوجوان کي بازياب ڪرائي ۽ ٻي نوجوان مٿان داخل ڪوڙو ڪيس فورن ختم ڪري کيس آزاد ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت اهڙين ناجائزين کان تنگ ٿي پاڻ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏينداسين

بقايا 30 روزاني عبرت

عارف عباسي ۽ ڊاڪٽرياڻي خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو مطالبو تفصيل موجب پي پي ايڇ آئي ميرپور ماٿيلو ۾ مبينه طور ڊاڪٽرياڻي ۽ عملي جي غفلت سبب ڊليوري دوران ٻه ٻارڙا فوت ٿي ويا اهڙي واقعي بعد وارثن فوتي ٻارڙن جي وارث خير محمد مشوري جو ميڊيا سان ڳالهائيندي چوڻ هو ته سفارش نه هجڻ سبب ڪافي ڏينهن مسمات عفت مشوري ذال مظهر محمد کي اسپتال وٺي ويندا هئاسين واپس ڪري ڇڏيندا هئا وڏي مشڪل سان ٻه ڏينهن اڳ اسپتال وارن داخل ڪيو عورت تڙپي رهي هئي پر اسپتال ۾ موجود عملي چيو ڊاڪٽرياڻي موڪل تي آهي رات تائين انتظار ڪيو جنهن سبب اسان سمورو ڏينهن اسپتال ۾ گذاريو پر ڪا ڊاڪٽرياڻي ڪون پهتي جنهن بعد نائٽ واري ڊاڪٽرياڻي رات جو ٻارهن بجي چڪر هڻي انجيڪشن هڻي هلي وئي اسان جي داهن ڪوڪن باوجود ڪابه داد رسي نه ڪئي وئي جنهن سبب ڊيليوري ۾ دير ٿيڻ ڪري ٻئي ٻارڙا تڙپي تڙپي پيٽ ۾ مري ويا جن جي موت جو ذميوار پي پي ايڇ آئي ضلعي انچارج عارف عباسي ۽ ڊاڪٽرياڻي آهي جيڪي بغير سفارش جي ايندڙ عورتن کي انسان ئي نٿا سمجهن هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته فوري طور تي نوٽس وٺي ضلعي انچارج عارف عباسي ۽ عملي تي ڪيس داخل ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ پي پي ايڇ آئي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا 31 روزاني عبرت

آچر تي موري جي اسپيشل جج کان سندس رمانڊ ورتو ويو. نوشهرو فيروز ماڊل ٿاڻي جي پوليس اڄ آچر ڏينهن اڳ گرفتار ڪيل لالا ايوب پٺاڻ جو موري جي آفيسر آن اسپيشل ڊيوٽي مئجسٽريٽ جناب مدد علي ڪوسي جي عدالت مان هڪ ڏينهن جو جسماني رمانڊ ورتو آهي. ٻڌايو پيو وڃي ته ڪيس ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج نوشهروفيروز جناب امير علي مهيسر کي بليڪ ميل ڪري ڪروڙ روپيا گهرڻ جي سازش جوڙڻ بابت داخل ايف آءِ آر نمبر 443/2026 ۾ گرفتار ڪيو ويو هو ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج نوشهروفيروز جي نائب قاصد وزير احمد پٽ محمد پنجل ڪلو فريادي طور ايف آءِ آر ۾ موقف اختيار ڪيو آهي ته : 20 آڪٽوبر تي هو ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج صاحب جي آفيس ٻاهران ڊيوٽي تي ويٺو هو ته هڪ شخص آيو جنهن کيس چيو ته هو حساس ادراي مان آيو آهي ۽ کيس صاحب سان ملڻو آهي، جنهن تي نائب قاصد کيس چيو ته صاحب عدالت ۾ ڪيس هلائي رهيو آهي، واندو ٿئي ته پوءِ توهان جو نياپو پهچايان ٿو، فريادي نائب قاصد موجب هن ان شخص کان نالو پڇيو جنهن پنهنجو نالو لالا محمد ايوب پٺاڻ ٻڌايو ۽ وڌيڪ چيو ته حساس اداري جو ماڻهو آهيان، اوهان پنهنجي صاحب کي چئو ته ڪو ماڻهو اوهان کي بليڪ ميل ڪري سوشل ميڊيا تي پوسٽون رکي رهيو آهي، ان جو اهو مسئلو مان هڪ ڪروڙ روپين عيوض ختم ڪرائي سگهان ٿو، ان رقم مان ڪجهه پيسا ان بليڪميلر کي ۽ ڪجهه پيسا حساس اداري جي آفيسرن کي ڏيندس، معاملو حل ٿيڻ بعد صاحب کيس جيڪا مٺائي ڏيندو هو اها قبول ڪندو فريادي موجب هن کيس انتظار ڪرڻ جو چيو پر ڪجهه وقت بعد اهو لالا محمد ايوب پٺاڻ غائب ٿي ويو، ته هن صاحب سان ڳالهه نه ڪئي ۽ گهر وڃڻ بعد کيس خبر پئي ته لالا محمد ايوب پٺاڻ ڪنهن به حساس اداري جو ماڻهو ڪونهي. ياد رهي ته لالا ايوب پٺاڻ پ پ ٽ الف ضلعي نوشهروفيروز جو اڳوڻو صدر رهيو آهي.

بقايا 32 روزاني عبرت

قرار ڏئي خالي پيل جاين تي ميرٽ ۽ شفافيت جي بنياد تي ڀرتي ڪيو وڃي، ان موقعي تي احتجاجي اڳواڻن سجاد سهاڳ، شهزاد لغاري، فهيم لغاري، پارس خاصخيلي، رانا شهزاد راجپوت ۽ ٻين چيو ته 33 مارڪون حاصل ڪندڙ اميدوارن کي اهل قرار ڏنو پيو وڃي، جڏهن ته 40 يا ان کان وڌيڪ مارڪون کڻندڙ اميدوارن کي نظرانداز ڪرڻ سان ميرٽ ۽ برابر حقن بابت ڪيترائي سوال پيدا ٿي رهيا آهن، هنن چيو ته اميدوارن ٽيسٽ جي تياري لاءِ سخت محنت ڪئي ۽ پنهنجو قيمتي وقت، وسيلا ۽ پئسو خرچ ڪيو، پر ان باوجود کين سندن جائز حق کان محروم رکيو پيو وڃي. هنن واضح ڪيو ته سندن مقصد ڪنهن ٻئي اميدوار جو حق کسڻ نه، پر پنهنجي محنت ۽ قابليت موجب انصاف حاصل ڪرڻ آهي.

احتجاج ڪندڙ اميدوارن سنڌ حڪومت، تعليم کاتي، پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه، صوبائي وزير تعليم ۽ چونڊيل نمائندن کي اپيل ڪئي ته جي ايس ٽي ٽيسٽ ۾ 40 يا ان کان وڌيڪ مارڪون حاصل ڪندڙ اميدوارن واري معاملي جو فوري نوٽيس وٺي، کين ڀرتين جي عمل ۾ شامل ڪري خالي پيل جاين تي ميرٽ جي بنياد تي مقرريون يقيني بڻايون وڃن. هنن وڌيڪ مطالبو ڪيو ته هزارين پڙهيل لکيل نوجوانن جي مستقبل کي نظر ۾ رکندي سندن مسئلو ترت حل ڪيو وڃي. احتجاج ڪندڙن چيو ته سندن احتجاج پرامن ۽ آئيني آهي ۽ هو پنهنجي جائز مطالبن جي مڃتا تائين آواز اٿاريندا رهندا.

بقايا 33 روزاني عبرت

جو اٿ آندو.جڏهن ته پوليس ٻڌايو ته وارثن موجب اڏروٽ ڪاوڙ ۾ اچي هن خودڪشي ڪئي وارثن پوسٽ مارٽم کان انڪار ڪيو تنهن ڪري قانوني گهرجون پوريون ڪندي مڙهه وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو.

بقايا 34 روزاني عبرت

گراهڪ موجود هئا انهن کان به ڦر ڪئي وئي آهي هن چيو ته خيرپور ضلعي اندر امن امان جي صورتحال خراب ٿي وئي آهي هن ايس ايس پي خيرپور ڊي آءِ جي سکر ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته ڦر ٿيل موبائيل ۽ ٻيو قيمتي سامان واپس ڪرايو وڃي خيرپور ۾ امن امان جي صورتحال بحال ڪرائي وڃي.

بقايا 35 روزاني عبرت

شهمير بڙدي ۽ راجا بڙدي وچ ۾ ڪچي جي زمين جي مالڪي تان پيدا ٿيل خوني جهيڙي ۾ فائرنگ دوران هڪ ڄڻي جي مارجڻ جي خون جو جرڳو اڳوڻي ايم پي اي سيد آصف شاهه جي ڪوشش سان ڳوٺ شهمير خان راهو ۾ راهو هائوس تي رئيس نظير احمد راهو ۽ حاجي علي نواز چانڊيو جي سربراهي هيٺ ٿي گذريو جرڳي دوران ٻنهي جهيڙيندڙ ڌرين جون ڳالهيون ٻڌڻ بعد اونا برادري جي ڌر مٿان جهيڙي دوران گولين لڳڻ سبب بڙدي برادري جي ڌر سان واڳيل هڪ ڄڻي جي مارجي ويل جو خون ثابت ٿيو جنهن تي اونا برادري مٿان خون بها جي 90 لک روپيا ڏنڊ ڇٽي مقرر ڪئي وئي مقرر

بقايا 36 روزاني عبرت

مرحوم جي وڏي فرزند علي نواز رند کي ٻڌائي وئي پڳ جي رسم ۾ برادري جڳن علائقي جي معززين ضلع ڪائونسلر سائينداد خان رند رئيس محمد رحيم رند، رئيس ذوالحسين رند ، زوارعطا محمد رند (صدرپ پ يوسي لندو) رئيس معشوق علي رند،رئيس محسن علي رند،رئيس اسد علي رند،زوارغلام عباس رند،رئيس مختيار رند،اعجاز علي رند،ڪامريڊ بهادررند،رئيس علي حسن رند،اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر زاهدحسين رند زوار غلام علي رند ميرمحمد رند، مستري مختيار رند سيٺ حسن علي،مولوي سينگار حسين زائر، خالد حسين رند ،استاد علي موٽايو ، منظور علي رند،حضوربخش ،راشد علي رند ڪائونسلر الطاف حسين رند لالا شوڪت رند فوجي منثار علي رند مددعلي رند سهتوخان رند نوڪر حسين رند ۽ ٻين معززين شرڪت ڪئي آخر ۾ دعا خير گهري وئي

بقايا 37 روزاني عبرت

روڊ تي پير ڪوڙل رستي وٽ پوليس ۽ ڏوهه جي ارادي سان بيٺل ڏوهارين وچ ۾ مبينه مقابلو ٿي پيو جنهن ۾ پوليس هڪ مبينه ڏوهاري تنبوآدم جي ماڻڪ ٿهيم واسي رياض علي ٿهيم کي ٽنگ ۾ گولي لڳڻ سبب زخمي حالت ۾ پستل سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪندي زخمي ڏوهاري کي سمس اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس وڌيڪ دعويٰ ڪئي آهي ته زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيل جا 2 ساٿي ڏوهاري منظور خاصخيلي ۽ ارشد ڪلوئي فرار ٿي ويا آهن جن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ پوليس پارٽي پويان ويل آهي ۽ وڌيڪ جانچ ڪري رهيا آهيون زخمي جوابدار رياض ٿهيم ٻڌايو ته موڻ کي ڪا خبر ناهي پوليس 8 ڏينهن اڳ موڻ کي گرفتار ڪري اکيون ٻڌي لڪايو ويٺي هئي اڄ موڻ کي پوليس ٽنگ گولي هڻي اسپتال ڪٽي آئي آهي ان کان سٺو هو پوليس موڻ کي سيني ۾ گولي هڻي ڇڏي ها پوليس وڏو ظلم ڪيو آهي گرفتار

هالا پراڻا ۾ جوابدار گهرو ڇڪتاڻ تان زال ۽ سهري کي رتورت ڪري ڇڏيو

ٻڄاءِ بند پرسان جوابدار بخش ملاح زال مسمات عزيز ۽ سهري الهرکيو کي زخمي ڪيو

اطلاع تي پوليس پهچي جوابدار کي گرفتار ڪري زخمين کي تعلقي اسپتال منتقل ڪيو

هالا (ن ع) هالا پراڻا ۾ ٻڄاءِ بند پرسان

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

کپرو ويجهو ٻن موٽرسائيڪلن ۾ آمهون سامهون ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت، ٻه زخمي

مهڪ واٽر اسٽاپ وٽ حادثي ۾ شير محمد ولد مهراب سمون فوت ٿي ويو

کپرو(ن ع) کپرو ويجهو مين واٽر اسٽاپ

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل ويجهو جوابدار ٻيوه ڀاڄائي کي ڪارنهن مڙهي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو

ڳوٺ نوراجا ۾ جوابدار راشد سميجو ڀاڄائي صائمه زال مرحوم نظير سميجو کي پسٽل جا فائر ڪري قتل ڪيو

اطلاع تي پوليس پهچي عورت جو لاش ڪٺائي تعلقي اسپتال مان پوسٽ مارٽم ڪرائي وارثن حوالي ڪيو

ڌيءُ کي ڏير زمين جي تڪرار تان قتل ڪيو آهي، جوابدار کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي: پيءُ

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل ناري قتل/ پنوعاقل ڳوٺ نوراجا ۾ ڪارنهن جي الزام ۾ عورت صائمه سميجو قتل ٿي وئي، پوليس قانوني ڪارروائي بعد لاش آيڏي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

سکر: قتل ٿيل شخص کي اسپتال آندو پيو وڃي

دوڙ ۾ ٽرالر ۽ ڪار جي ٽڪر ۾ هڪ ڄڻو فوت، چار زخمي

اوور فلائي پل وٽ حادثي ۾ پرويز ولد ذوالفقار ٿڏي تي دم ڏئي ڇڏيو

حادثي جي زخمي شهباز، رفاقت، سليم، ارشاد ۽ سعيد کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

دوڙ(ن ع) دوڙمهراڻ هاءِ وي اوور فلائي پل وٽ ٽرالر ۽ ڪار ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ خوفناڪ حادثو پيش آيو آهي حادثي جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو فوت ۽ چار ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن حادثي بعد اطلاع ملڻ تي 1122 جي امدادي ٽيم ذريعي زخمين ۽ لاش کي دوڙ اسپتال پهچايو ويو فوت ٿيل جي سڃاڻپ پرويز علي ولد ذوالفقار فوت ٿيل زخمين جي سڃاڻپ شهباز علي ولد رفاقت علي محمد سليم ولد امير علي سيال ارشاد ولد بهارو شيخ سعيد ولد

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

خيرپور ويجهو ڪار روهڙي ڪينال ۾ ڪرڻ سبب مشهور فنڪار ساگر شاهه ٻڏي ويو

ٽائي راڊ ٽٽڻ سبب ڪار ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪري روهڙي ڪينال ۾ ڪري پئي

ريسڪيو عملي ڪار ۾ سوار سنڌس پنج زخمي ساٿين کي بچائي ورتو ٻڏي ويل فنڪار جي ڳولا جاري

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيد پنهور)خيرپور ويجهو ڪار جي ٽائي راڊ ٽٽڻ سبب ڪار ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪري روهڙي ڪينال ۾ ڪري پئي، جنهن جي نتيجي ۾ مشهور فنڪار ساگر شاهه ٻڏي ويو جڏهن

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

نوشهرو فيروز: فوت ٿيل ناري جو لاش سنڌس گهر ۾ پيل آهي

نوشهرو فيروز ويجهو شادي جي ڪاڄ ۾ فائرنگ دوران نينگري فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڌيءُ کي فياض ڪلهوڙو گوليون هڻي قتل ڪيو آهي، جوابدار کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي: روشن علي ڪلهوڙو

زخمي ناري کي ڳڀتي جوڳي حالت ۾ اسپتال نيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏٺي حوالي ڪيو

ڳوٺ پير قرارو ۾ ڪاڄ دوران ٽڙڦاٽ ۾ ٿيل هوائي فائرنگ ۾ 15 ورهين جي الڪا پروين زخمي ٿي پئي

نوشهرو فيروز رپورٽ: شاهد علي چنه)خانواهڻ ويجهو ڳوٺ پير قرارو ۾ ڪلهوڙن جي ڪاڄ دوران ٽڙڦاٽ ۾ ٿيل هوائي فائرنگ ڪان پوءِ گولي هيٺ هلي وڃڻ ڪري نوجوان 15 سالن جي ناري الڪا

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

چام نواز علي لڳ رئيس ولي محمد ڪلوئي جي گهرواري جون آخري رسمون ادا، سياسي سماجي اڳواڻن جي شرڪت

چام نواز علي(ن ع) دلور موري لڳ رئيس ولي محمد ڪلوئي جي گهرواريءَ جي جنازي نماز ادا، سياسي، سماجي شخصيتن ۽ علائقي واسين جي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪلوئي برادري جي معزز شخصيت مرحوم

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ بدامني جي باهه نه ضابطو نه آيو هٿياربند واپاري کان موٽرسائيڪل ڦري ويا

خيرپور(ڊ ر)خيرپور ۾ بدامني جي باهه جاري شاهه حسين ٿاڻي جي حد قومي شاهراهه تان اڻڄاتل هٿياربندن پاران گمبٽ جي واپاري مهيش سوناري کي يرغمال بڻائي تشدد ڪري موٽرسائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

سکر: ريلوي جا رٽائرڊ ملازم پينشن جي ادائيگي لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر ۾ رٽائرڊ ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو

ملازمن محمد رياض، عنايت علي گجر، نصير پلو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

جائز مسئلا حل ڪري رٽائرڊ ملازمن ۽ خاندانن کي درپيش پريشانين جو ازالو ڪيو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) پينشنرز اتحاد پاڪستان ريلوي پينشنرز ويلفيئر آرگنائيزيشن سکر ڊويزن جي سڏ تي رٽائرڊ ملازمن جي وڏي انگ مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي مظاهري جي اڳواڻي پاڪستان ريلوي پينشنرز ويلفيئر آرگنائيزيشن سکر ڊويزن جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل چوڌري محمد رياض ڪئي جڏهن ته ٻين اڳواڻن ۾ چوڌري عنايت علي گجر نصير احمد پلي مشتاق احمد ڪوريجو شريف محمد انصاري، نعمت الله ابڙو ميڊم سائره پلي، فضل الرحمان حبيب الله ابڙو ظفر اقبال

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

مورو سانحي جي شهيدن جي ياد ۾ جلسو، سنڌ جي وحدانيت خلاف ڪا به سازش برداشت نه ڪنداسين: زين شاهه

ڳوٺ ٻجراڻي لغاري ۾ ايس يو پي پاران 20 مئي جي شهيدن جي وارثن ۽ ڳوٺاڻن جي ميزباني ۾ وحدت سنڌ جلسو منعقد ڪيو ويو

سنڌ اسان جي لاءِ مقدس آهي، جيڪي سنڌ ڏانهن ميري اک کڻي ڏسن ٿا، انهن جون اکيون ڪڍي ڇڏينداسين

دولتپور صفن (ن ع) دولت پور پرسان سنڌو درياءَ جي شهيدن جي ڳوٺ ٻجراڻي لغاري ۾ 20 مئي مورو سانحي جي شهيدن جي وارثن ۽ ڳوٺاڻن جي ميزباني ۾ ايس يو پي پاران وحدت سنڌ جلسو سيد زين شاهه جي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ اٽي جو بحران تيز، اٽو180 روپيا في ڪلو وڪامڻ لڳو انتظاميه خانا پوري ۾ پوري

وزير اعليٰ سنڌ پاران 15 سيپٽمبر تي ڪٽڪ جاري ڪرڻ واري اعلان تي عمل نه ٿي سگهيو

خيرپور(رپورٽ:عبدالمجيد پنهور)خيرپور ۾ اٽي جو بحران تيز ٿي ويو اٽو180 روپيا في

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ پوليس پاران مرد ۽ عورت کي گرفتار ڪري منشيات هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

عمرڪوٽ (ڊ ر) عمرڪوٽ ۾ سٽي پوليس ڪارروائي ڪندي ڪار مان وڏي مقدار ۾ پارٽي سفينا ۽ آداب سوپاري هٿ ڪري هڪ مرد ۽ هڪ عورت کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي پوليس موجب، گشت دوران شڪي ڪار جي تلاشي ورتي وئي جنهن مان وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ آئي پوليس ڪار ۾ سوار

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ميرپورخاص: مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ميرپور ماٿيلو پي پي ايڇ آئي ۾ مبينه طور ڊاڪٽرياڻي جي غفلت سبب ڊليوري دوران ٻه ٻارڙا فوت

مسمات عفت مشوري زال مظهر محمد کي ڊليوري لاءِ اسپتال ڪٺائي آياسين ته ڊاڪٽرياڻيون موجود نه هيون: وارث

رات جو دير سان هڪ ڊاڪٽرياڻي اچي انجيڪشن هڻي هلي وئي، ڏانهڻ باوجود واپس نه موٽي

ڊيليوري ۾ دير ٿيڻ ڪري ٻئي ٻارڙا تڙپي تڙپي پيٽ ۾ مري ويا، غفلت ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

ميرپور ماٿيلو (رپورٽ: اشفاق بلوچ) ميرپور ماٿيلو پي پي ايڇ آئي ۾ مبينه طور ڊاڪٽرياڻي جي غفلت سبب ڊليوري دوران ٻه ٻارڙا فوت وارثن پاران ڊاڪٽرياڻي ۽ عملي تي غفلت جو الزام ضلعي انچارج

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ماٿيلو: ڊاڪٽرياڻي جي مبينا غفلت سبب ڊليوري دوران فوت ٿيل ٻارڙا

نوشهرو فيروز جي جج کي بليڪ ميل جي سازش سٽيندڙ گرفتار

پوليس گرفتار ڪيل لالا ايوب پٺاڻ جو مورڙي جي عدالت مان رمانڊ حاصل ڪيو

جوابدار ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج نوشهروفيروز کي بليڪ ميل ڪري رقم طلب ڪئي هئي

نوشهرو فيروز(ڊ ر) سيشن جج کي بليڪ ميل ڪرڻ جي سازش سٽيندڙ اڳوڻو پ ٽ الف اڳواڻ ايوب پٺاڻ گرفتار گذريل ڏينهن

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

قاضي احمد لڳ ٻڙدي ۽ اوٺا برادري جي ڌرين ۾ خوني تڪرار جو جرڳو، 90 لک ڏنڊ مقرر

ڪچي جي زمين جي مالڪي تان پيدا ٿيل خوني جهيڙي ۾ فائرنگ دوران هڪ ڄڻي جي مارجڻ جي خون جو جرڳو ٿيو

جرڳوا ڳوٺي ايم پي اي آصف شاهه جي ڪوشش سان نظير احمد راهو ۽ حاجي علي نواز چانڊيو جي سربراهي هيٺ ٿي گذريو

خون ثابت ٿيڻ تي اوٺا برادري مٿان خون بها جي 90 لک روپيا ڏنڊ ڇٽي مقرر ڪئي وئي

قاضي احمد (ن ع) ڪرم پور جي ڪچي واري علائقي ۾ ڦري اي بلاڪ جي 35 ايڪڙ ايراضي سرڪاري زمين تي مالڪي واري تڪرار سبب ٻڙدي ۽ اوٺا برادري جي ٻن ڌرين علي اڪبر اوٺو، ڏٽي بخش اوٺو ۽

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو باگو: ڪتاب جي مهورتي تقريب جو ڏيک

مقصودو رند لڳ مرحوم زوار خير محمد رند جو ٽيجهو، وڏي پٽ علي نواز کي پڳ ٻڌرائي وئي

مقصودو رند (ن ع) مقصودو رند ويجهو ڳوٺ غلام حيدر رند ۾ معزز شخصيت مرحوم زوار خير محمد رند جي ٽيجهي بعد پڳ جي رسم ادا ڪئي وئي پڳ

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

شهدادپور لڳ پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مبينه مقابلو، هڪ ڌاڙيل گرفتار، 2 فرار

پوليس ۽ ڌوهي جي ارادي سان بيٺل ڌاڙيلن وچ ۾ مبينه مقابلو ٿي پيو

پوليس مقابلي ۾ رياض علي ٿهيم ٽنگ ۾ گولي لڳڻ سبب زخمي حالت ۾ پسٽل سميت گرفتار

گرفتار ڪيل ڌاڙيل جا 2 ساٿي ڌاڙيل منظور خاصخيلي ۽ ارشد ڪلوئي فرار ٿي ويا

شهدادپور (ن ع) شهدادپور ۾ پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مبينه مقابلو هڪ مبينه ڌاڙيل زخمي حالت ۾ پسٽل سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ سمس اسپتال منتقل 2 ڌاڙيل فرار شهدادپور ۾ برهون

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم لڳ ڪوچ ۽ ڪار ۾ ٽڪر، هڪ ئي خاندان جي ٻن ٻارڙن ۽ عورت سميت 5 ڄڻا فوت، 3 زخمي، گهر ۾ ڪهرام

جهول روڊ تي حادثي ۾ منو سنڌس زال شريمتي نيلان پٽ رامون، ديول، رامون ۽ 4 ورهين جو ڪنهيو پٽ فوت ٿي ويا

اطلاع تي پوليس ۽ علائقي واسي پهچي ڪار کي ڪٽي لاشن ۽ زخمين کي ڪڍي اسپتال منتقل ڪيو جتان زخمين حيدرآباد ريفر ڪيو ويو

ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيا، فوتين جا جنازا وارث ڪٺائي ڳوٺ بلاول کوسو پهتا ته سموري ڳوٺ ۾ ڪهرام مچي ويو

ٽنڊوآدم (رپورٽ شيراز سمون) ٽنڊو آدم لڳ ڪوچ ۽ ڪار ۾ آمهون سامهون ٽڪر هڪ ئي خاندان جي ٻن ٻارڙن هڪ عورت سميت 5 ڄڻا فوت 3 زخمي اسپتال منتقل 5 جنازا گهر پهچڻ تي ڪهرام حادثي بعد ڪوچ ڊرائيور فرار رپورٽ موجب ٽنڊو آدم بي سيڪشن ٿاڻي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم: ڪوچ ۽ ڪار ۾ ٽڪر لڳڻ سبب هڪئي خاندان جا فوت ٿيل 5 ڄڻن جا لاش پيل آهن

باقراڻي ۾ پلاٽ جي تڪرار تان جهيڙو، فائرنگ ۽ ڪهاڙين لڳڻ سبب چار ڄڻا زخمي

ڳوٺ مولڻ شاهه ۾ سيد ۽ شيخ برادريءَ وچ ۾ پلاٽ جي مالڪي تان تڪرار شدت اختيار ڪري ويو

جديد هٿيارن سان فائرنگ، نوجوان اصغر شاهه غلام رضا، امير علي ۽ افضل شاهه زخمي ٿي پيا

باقراڻي(ن ع)باقراڻي تعلقي جي شهيد الاهي بخش سيال ٿاڻي جي حد ۾ پلاٽ جي تڪرار تان جهيڙو گولي لڳڻ سبب نوجوان سميت چار ڄڻا زخمي،رپورٽ موجب، باقراڻي تعلقي جي شهيد الاهي بخش سيال

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

شڪارپور ۾ ڪارنهن جي الزام هيٺ نوجوان قتل

سيون اپ واري علائقي ۾ هڪ نوجوان کي قتل ڪيو ويو

قتل ٿيل جي سڃاڻپ 35 سالن جي ثناءُ الله ولد نعمت الله بکيجو طور ڪئي وئي

قتل جي اطلاع تي حد ٿاڻي نيوفوجداري جي پوليس پهتي

پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد لاش مقتول جي ڀاءُ عبيدالله بکيجو حوالي ڪيو

شڪارپور (ڊ ر) شڪارپور شهر لڳ سيون اپ واري علائقي ۾ هڪ نوجوان کي قتل ڪيو ويو آهي، ان سلسلي ۾ مليل ڄاڻ موجب قتل ٿيل جي سڃاڻپ 35 سالن جي ثناءُ الله ولد نعمت الله بکيجو طور ڪئي وئي آهي، قتل جي اطلاع تي حد ٿاڻي نيوفوجداري جي پوليس پهتي جنهن مقتول جو لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي سول اسپتال شڪارپور آندو جتان پوسٽ مارٽم

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم لڳ وين ۽ ڪار ۾ ٽڪر، عورت سميت 3 ڄڻا زخمي

جهول روڊ تي حادثي ۾ شاهزيب، عمير ۽ عشا فاطمه زخمي ٿي پيا

زخمين کي تعلقي اسپتال مان طبي امداد بعد حيدرآباد ريفر ڪيو ويو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جهول روڊ تي اجالا ٽائون لڳ تيز رفتار مسافر وين ۽ ڪار ۾ آمهون سامهون زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ڪار سوار محمد شاهزيب مطلوب ، محمد عمير ۽ عشا فاطمه سخت زخمي ٿي پيا جن کي تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم آڻي طبي امداد ڏئي ايل ايم يو حيدرآباد ريفر ڪيو ويو . زخمي سانگهڙ جي چڪ 7 جا رهواسي آهن جيڪي ڄامشورو ۾ ٽيسٽ ڏيڻ لاءِ وڃي رهيا هئا ته اهو حادثو پيش آيو

اسلام آباد ۾ پنهنجن ئي ٻارن جون فحش وڊيوز وڪرو ڪندڙ پيءُ گرفتار

هڪ جوابدار پنهنجن ئي ٻارن جون وڊيوز وڪرو ڪري رهيو هو: اين سي سي آءِ اي

ٻارن جي عمر پنجن کان ڇهن سالن جي وچ ۾ هئي

ٻارن جون اڻڄاتل وڊيوز ٽيليگرام وسيلي وڪرو ڪيون وينديون هيون

ٻارن سان جنسي ڏاڍائيءَ سان گڏ جانورن تي تشدد ۽ انهن سان بدفعليءَ جون وڊيوز سامهون آيون

اسلام آباد (م د) پنهنجن ئي ٻارن جون اڻڄاتل وڊيوز ٺاهي وڪرو ڪرڻ جي الزام هيٺ هڪ پيءُ کي گرفتار ڪيو ويو آهي،اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ اي) جي ايڊيشنل ڊائريڪٽر محمد شعيب خان انڪشاف ڪيو ته ٻارن سان جنسي ڏاڍائيءَ واريون وڊيوز ٺاهيندڙ ٽولي ۾ هڪ جوابدار پنهنجن ئي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

چام نواز علي: لڳ رئيس ولي محمد ڪلوئي جي گهرواري جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

سڱيون ۾ پوليس ۽ ٻاٿرن جي مبينا ناجائزين خلاف مڱڻيچا برادري جو احتجاج

مظاهرين اقبال، فقير گل حسن، نظام، سلطان ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

پوليس ٻاٿرن جي چرچ تي گهرن تي چڙهائي ڪري عورتن ۽ ٻارن تي تشدد ڪري ڦرلٽ ڪئي آهي

سڱيون (ن ع) سڱيون لڳ ونگ شريف جي رهواسي مڱڻيچا برادري جي ماڻهن محمد اقبال مڱڻيچو فقير گل حسن مڱڻيچو نظام سلطان مڱڻيچو وقار مڱڻيچو ۽ ٻين سڱيون پوليس اي ايس آءِ محرم خطان پوليس اهلڪار ذوالفقار چنو وسيم سيال شڪيل سيال

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: ريسڪيو ٽيم هڪ نالي مان مينهن کي ڪڍي رهي آهي

دادو ۾ جي ايس ٽي ٽيسٽ پاس اميدوارن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

40 کان وڌيڪ مارڪون حاصل ڪندڙن کي نظرانداز ڪرڻ ناانصافي آهي: اميدوارن

سنڌ حڪومت ۽ تعليم کاتو نوٽيس وٺي خالي پيل جاين تي شفافيت جي بنياد تي ڀرتي ڪيو وڃي

دادو(ڊ ر) دادو ۾ جي ايس ٽي ٽيسٽ ۾ 40 يا وڌيڪ مارڪون کڻندڙ اميدوارن جو احتجاج ميرٽ تي ڀرتين جو مطالبو . 33 مارڪون کڻندڙن کي اهل قرار ڏيڻ جڏهن ته 40 کان وڌيڪ مارڪون حاصل ڪندڙن کي نظرانداز ڪرڻ ناانصافي آهي: احتجاج ڪندڙ اميدوار جونيئر سائنس ٽيچر (JST) جي ٽيسٽ ۾ 40 يا ان کان وڌيڪ مارڪون حاصل ڪندڙ اميدوارن پنهنجي مطالبن جي مڃتا لاءِ دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي احتجاج ڪندڙ اميدوارن سنڌ حڪومت ۽ تعليم کاتي کان مطالبو ڪيو ته ڪين اهل

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ڪالهي پرسان پيرسن ڀاڻي کي ڦاهو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو

ڳوٺ محمد رمضان آرائين واسي 55 ورهين جي عالم چند انتهائي قدم کنيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

ڪالهي (ن ع) ڪالهي پرسان ڳوٺ محمد رمضان عرف پيو آرائين واسي 55 سالا اڌڙوٽ عالم چند پٽ مهرو ڪولهي وڻ ۾ ڪوال ٻڌي مبينا طور خودڪشي ڪري پنهنجي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو اطلاع ملندي ئي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي تفصيل معلوم ڪيا، انهي سلسلي ۾ وارثن ڀاءُ هيمراج ۽ پرڪو ڪولهي ٻڌايو ته ڪجهه وقت کان ڀاءُ جو دماغي توازن ٺيڪ نه هو ٽي کان چار ڀيرا فالج پڻ ٿيو ڪاوڙ گهڻي ڪندو رهندو هيو تنهن تان ڪاوڙ ۾ اچي رات دير سان گهر پرسان ڪالهي جي وڻ ۾ ڪوال ٻڌي اهڙو انتهائي قدم کڻي زندگي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ زهريلو کاڌو کائڻ سبب هڪ ئي گهر جا 3 ڀاتي بيهوش اسپتال داخل

گلزار ڪالوني ۾ عورت شهنيلا ۽ سنڌس ٻه ٻار بسما ۽ سوريا بيهوش ٿي ويا

علائقي واسين متاثرن کي بيهوشي واري حالت ۾ تعلقي اسپتال منتقل ڪيو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي علائقي گلزار ڪالوني ۾ زهريلو کاڌو کائڻ سبب عورت شهنيلا ۽ سنڌس ٻه ٻار 4 سالا بسما ۽ 6 سالا سوريا بيهوش ٿي ويا جن کي تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو جتي ڊاڪٽرن ڪين طبي امداد ڏني سندن حالت سڌرندڙ ٻڌائي پئي وڃي

خيرپور ۾ هٿياربندن جي دڪان تي ڪاهه، روڪ رقم ۽ قيمتي سامان ڦرلٽ

فيض آباد ڪالوني ۾ اچار جي دڪاندار سراج احمد بلوچ کي هٿياربندن يرغمال بڻايو

هٿياربند موبائل ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦري فرار ٿي ويا آهن، انصاف ڪيو وڃي: متاثر

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد فيض آباد ڪالوني واري علائقي ۾ اچار جي دڪاندار سراج احمد بلوچ جي دڪان تي هٿياربندن چڙهائي ڪري دڪاندار کي يرغمال بڻائي ورتو ۽ هٿياربندن دڪان ۾ پيل موبائل فون ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا سلسلي ۾ دڪاندار سراج احمد بلوچ ٻڌايو ته موٽر سائيڪل سوار نامعلوم هٿياربند هٿيارن جي زور تي موکي يرغمال بڻائي ڦر لٽ ڪئي هن ٻڌايو ته منهنجي دڪان

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

چنيوٽ: ميڊيڪل ڪيمپ ۾ مريضن جو معائنو ڪيو پيو وڃي

ياروڻنڊ پرسان پتافي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، پيءُ پٽ سميت 4 ڄڻا زخمي

ڳوٺ هاشم پتافي لڳ سڱاوتي تڪرار تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

زخمي شبير سنڌس پٽ عبدالقيوم، هڪ عورت سميت ٻين کي اسپتال آندو ويو

خانپور مهر (ن ع) يارولنڊ ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ هاشم پتافي پرسان رات دير سان سڱاوتي تڪرار تان پتافي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ شبير پتافي سنڌس پٽ عبدالقيوم ۽

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

گمبٽ لڳ ڇاهه جي ڇڻنگ مان 6 پورهيتن جي ڪکائين گهرن کي باهه، الهه تلهه رک

باهه سبب گهرن اندر رکيل الهه تلهه سڙي رک ٿي ويو آهي انتظاميا ۽ ادارا مدد ڪن: متاثر

سر نالي وٽ ثناءُ الله غلام رسول، منير، نور محمد، انور ۽ غلام نادر بروهي جي گهرن کي باهه وڪوڙيو

گمبٽ (ت.ر) گمبٽ لڳ ٽنڊو مستي پوليس ٿاڻي جي حد سر نالي سان گڏ ويٺل بروهي برادري جي ڪکائين گهرن کي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

دادلغاري: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

خيرپور ۾ ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو، 13 ورهين جو ٻار قتل، نوجوان سخت زخمي

شاهه لطيف ٿاڻي جي حد ۾ ٻن ڌرين وچ ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙي ۾ 13 ورهين جو ريحان قتل ٿي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي زخمي نوجوان پرويز علي لنجواڻي ۽ لاش کي ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو

لاش پوسٽ مارٽم ڪانپوءِ وارثن حوالي ڪيو ويو، گهر پهچڻ تي وارثن ۾ روڄ راڙو مچي ويو

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) خيرپور شهر ۾ ٻن ڌرين وچ ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو13 ورهين جو ٻار ريحان علي سوهو قتل نوجوان پرويز علي لنجواڻي سخت زخمي زخمي نوجوان ڳڀتي جوڳي حالت ۾

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

دولت پور صفن: فوت ٿيل ناري جو لاش سنڌس گهر ۾ پيل آهي

ملي ويجهو ڳوٺ مالهڻور ڪاوڙيءَ ۾ پنجن ڏينهن کان بجلي بند، ڳوٺاڻا پريشان

ملي (ڊ-ر) ملي ويجهو ڳوٺ مالهڻور ڪاوڙيءَ ۾ گذريل پنجن ڏينهن کان بجليءَ جي فراهمي بند هجڻ سبب ڳوٺاڻن کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي جڏهن ته ڳوٺ رائيلو رند وٽ بجليءَ جي تار ڪريل هجڻ سبب ڪنهن به وقت خطرناڪ حادثو پيش اچڻ جو خدشو پيدا ٿي ويو آهي ڳوٺ ۾ ڪيترن ئي ڏينهن کان بجلي بند هجڻ سبب رهواسي پريشان آهن ۽ لاڳاپيل بجلي انتظاميه

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

دولتپور صفن ۾ قتل ٿيل امام زادي جوڻيجو جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج

وارثن امام الدين، گلشير، حاجي خان نظام الدين ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

پوليس پاران داخل ڪيل ايف آءِ آر کي غلط قرار ڏئي رد ڪري حقيقي جوابدار گرفتار ڪيا وڃن

دولت پور صفن (ن ع) دولت پور صفن لڳ ڳوٺ نواب غلام رسول لغاري ۾ بيدردي سان گلو ڪٽي کهي قتل ڪيل عورت امام زادي جوڻيجو جو پيءُ امام الدين جوڻيجو سنڌس ڀاءُ گلشير جوڻيجو حاجي خان جوڻيجو نظام الدين جوڻيجو سس مريم جوڻيجو، گل زادي جوڻيجو ۽ زهراءُ جوڻيجو احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي ته 11 ڏينهن اڳ مقتولڻ امام زادي جوڻيجو کي جوابدارن پنهنجي ماروٽ نواب شاهه لاڳي واسي اعجاز جوڻيجو امداد جوڻيجو ڪار ڊرائيور چانڊيو سميت ڇٽڻ ڇٽڻ رات جي وقت گهر اندر داخل ٿي ڪيس جو گلو ڪٽي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ميهڙ: بنيادي سهولت جي کوٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

عمرڪوٽ شهر ۾ ڪار ۽ موٽرسائيڪل ٽڪر سبب هڪ ڄڻو فوت، ڪيترائي زخمي

تلوار چوڪ وٽ تيز رفتار ڪار ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪري ريڙهي ۽ موٽر سائيڪلن سان ٽڪرائجڻ بعد ڪلٽي ٿي

حادثي ۾ سونو مالهي، گووند ڪولهي، علي محمد، دلاور نهڙي، يوسف نهڙي سميت ڪيترائي ڄڻا زخمي ٿي پيا

زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي گووند ڪولهي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

عمرڪوٽ (ڊ ر) عمرڪوٽ جي ڪي تلوار چوڪ وٽ تيز رفتار ٽويوٽا ڪار ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪري ريڙهي ۽ موٽر سائيڪلن سان ٽڪرائجڻ ڪانپوءِ بنيءَ ۾ وڃي ڪري پئي جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي ڄڻا زخمي ٿي پيا، جڏهن ته زخمين مان گووند ڪولهي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو حادثي ۾ سونو عرف امرت مالهي، گووند پٽ پريم ڪولهي، علي محمد پٽ امين دلاور پٽ بلاول نهڙي ۽ يوسف پٽ قاضي نهڙي سميت ڪيترائي ڄڻا زخمي ٿي پيا، جن کي ترت ضلعي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ميرپور ماٿيلو ٽيڪنيڪل ٽريننگ ڪاليج ۾ المدارس گرلز تقريري مقابلو

پنجين سالياني تقريب ۾ ضلعي جي 25 مختلف اسڪولن جي شاگردياڻين حصو ورتو

تعليم يافته ۽ باصلاحيت عورتون معاشري جي ترقي ۽ روشن مستقبل جي ضمانت آهن: ڊي سي

ميرپور ماٿيلو(ن ع) ميرپور ماٿيلو ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڏهرڪي جي ٽيڪنيڪل ٽريننگ ڪاليج ۾ منعقد ٿيل پنجين سالياني بين المدارس گرلز تقريري مقابلي ۾ شرڪت ڪئي، جنهن ۾ ضلعي جي 25 مختلف اسڪولن جي شاگردياڻين حصو ورتو مقابلي جو موضوع "سوشل ميڊيا شعور جو ذريعو يا گمراهيءَ جو سبب؟" هو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر منظور احمد شاگردياڻين جي حوصلا افزائي ڪندي چيو ته تعليم يافته ۽ باصلاحيت

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ آءِ بي اي پاس اميدوارن پاران آفر آرڊر جاري نه ٿيڻ خلاف احتجاج

اميدوارن محفوظ، مجيد، علي رضا، فضل ڪائنات ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

اهل اميدوارن کي ڊويزن سطح تي ايڊجسٽ ڪري ميگا نيڊ تحت آفر آرڊر جاري ڪيا وڃن

سکر (بيورو رپورٽ) آءِ بي اي 40 پلس PST/JEST ريٽنگ جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي سنڌ جي سڏ تي سکر سميت سنڌ جي مختلف شهرن ۾ اميدوارن پاران آفر آرڊر جاري نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا ان سلسلي ۾ سکر پريس ڪلب آڏو مرد ۽ عورت اميدوارن احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي احتجاج ۾ شريڪ اميدوارن محفوظ، مجيد، علي رضا، فضل ۽ ڪائنات ڳالهائيندي چيو ته هو گذريل ٽن سالن کان وڌيڪ عرصي کان مقررين جا منتظر آهن پر سنڌ اسيمبلي جي اسپيشل پارلياماني ڪميٽي جي اجلاسن ۾ دير ۽

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ڪنڀر جي صحافي طارق عزيز قائم خاني جو والد لاڏاڻو ڪري ويو

ڪنڀر(ن ع) ڪنڀر جي صحافي طارق عزيز قائم خاني جو والد عاشق علي قائم خاني ڪجهه وقت بيماري سبب اٽڪل 80 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم جي جنازي نماز ۾ وڏي تعداد ۾ سياسي سماجي صحافي ۽ علائقي جي معززين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مرحوم کي اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن ته پونئيرن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

ڪنڌڪوٽ لڳ واهه مان تازي ڄاول ٻارڙي جو لاش هٿ، پوليس ضروري ڪارروائي بعد دفنائي ڇڏيو

ڪنڌڪوٽ(ن ع) ڪنڌڪوٽ لڳ ڳوٺ ديهه 16 جمڙانو پرسان دم واهه مان تازي ڄاول نامعلوم ٻارڙي جو لاش لڙهندي ڏسي ڳوٺاڻن پوليس کي اطلاع ڏنو ٻارڙي جو لاش مقامي ماڻهن لاڳاپيل پوليس جي موجودگي ٻارڙي جو لاش پاڻي مان ڪڍي پوليس جي ضروري ڪارروائي بعد دفنائي ورتو

سکر: اميدوار نوڪري لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

سنڌ اسيمبلي 6 پيرا قرارداد منظور ڪري چڪي آهي، نون صوبن جو رينگٽ بند ٿيڻ گهرجي: نثار کهڙو

آئيني طور تي نون صوبن ٺاهڻ جو اختيار پارليامينٽ کي نه پر لاڳاپيل صوبائي اسيمبلين کي حاصل آهي

مڪاني ادارن جي اختيارن جي آڙ ۾ انتظامي يونٽن جون ڳالهيون ڪندڙن جو منطق عجيب آهي

پي ٽي آءِ ڳالهين ۾ سنجيدگي ۽ دهشتگردي خلاف قدم کڻي ڪي پي ۾ گورنر راڄ ختم ٿي سگهي ٿو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو چيو آهي ته سنڌ اسيمبليءَ نون صوبن جي خلاف متفق طور تي قرارداد منظور ڪري آئيني طور تي سنڌ ۾ نئين صوبي جي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ڪالهي: فوتي شخص جو لاش سنڌس گهر ۾ رکيل آهي

حادثي ۾ زخمي نوجوان فوت، ڪيس داخل نه ٿيڻ تي وارثن جو احتجاج

ڪجهه ڏينهن اڳ موٽرسائيڪل ٽڪر ۾ زخمي غلام حيدر ٻولو اسپتال ۾ فوت ٿي ويو

واقعي جو ڪيس داخل نه ٿيڻ خلاف وارثن جو احتجاج اعليٰ عملدارن کان نوٽيس جو مطالبو

خانپور مهر(ن ع) شاهپور روڊ تي 17 تاريخ تي ماڪائي اسٽاپ وٽ موٽرسائيڪل جي ٽڪر ۾ زخمي ٿيل نوجوان غلام حيدر عرف

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ سي اين جي اسٽيشن ۽ پيٽرول پمپ کي باهه، ڪار، وين ۽ 4 موٽرسائيڪلون سڙي رک

داتا سي اين جي ۾ باهه سبب ملازمن ۽ پيٽرول پرائڻ لاءِ آيل ماڻهن ۾ ڀاڄ، علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو

ريسڪيو ٽيمن ٽن ڪلاڪن جي آپريشن کان پوءِ باهه تي ضابطو آندو ڪوبه جاني نقصان نه ٿيو

اسسٽنٽ ڪمشنر راجا قريشي، ميئر انور علي لهر ۽ ٻيا عملدار واقعي واري هنڌ پهتا، واقعي جي جاچ شروع

لاڙڪاڻو(رپورٽ: منير سومرو) لاڙڪاڻي ۾ سي اين جي اسٽيشن ۽ پيٽرول پمپ کي باهه لڳي وئي باهه سبب سڄو پيٽرول پمپ سڙي ويو باهه سبب پيٽرول پمپ تي بيٺل ڪار هڪ وين سميت 4 موٽرسائيڪلون سي اين جي فلنگ ٽينڪ، پيٽرول فلنگ ٽينڪ، پيٽرول پمپ جي ڇت سميت ٻيو سامان مڪمل طور سڙي رک ٿي ويو باهه سبب پيٽرول پمپ جي ملازمن ۽ پيٽرول پرائڻ لاءِ آيل ماڻهن ۾ ڀاڄ پئجي وئي علائقي ۾ خوف ۽ هراس ڦهلجي ويو ريسڪيو ٽيمن ٽن ڪلاڪن جي آپريشن کان پوءِ باهه تي ضابطو آڻي علائقي کي ڪليئر ڪري ڇڏيو اطلاع تي اسسٽنٽ

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: شهباز بلڊنگ ويجهو واڌو واهه روڊ جي تعمير جو ڪم ڪيو پيو وڃي

ڄامشورو سيشن ڪورٽ ٻاهران گم ٿيل ٻن نوجوانن جي وارثن جو ڌرڻو، انڊس هاءِ وي بلاڪ

رسول بخش عرف رسولي ۽ محمد حنيف کوسو جي بازيابي لاءِ وارثن ۽ مين روڊ تي ڌرڻو هڻي احتجاج ڪيو

ڳولا باوجود ٻنهي نوجوانن جو ڪٿان ڪو ڏس پتو نه ٿو ملي مجبور ٿي رستن تي نڪتا آهيون وارث

اسان تي ٻه ڀيرا حملو ڪرائي ڊيڄاريو ۽ ڌمڪايو ويو، نوجوانن کي بازياب ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

ڪوٽڙي / سائيٽ (نمائندن وڪاڻ) ڄامشورو سيشن ڪورٽ ٻاهران مبينا گم ٿي ويل ٻن نوجوانن رسول بخش عرف رسولي ڪوسو ۽ محمد حنيف ڪوسو جي وارثن پاران سنڌن بازيابي لاءِ انڊس هائي وي تي سخت

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.